# رئيس غلام محمد ڀرڳڙي

## شخصيت ۽ جدوجهد



سهيڙيندڙ

**منصور قادر جوڻيجو**

# رئيس غلام محمد ڀرڳڙي

## شخصيت ۽ جدوجهد

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

سهيڙيندڙ

**منصور قادر جوڻيجو**

سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي

ڪراچي- سنڌ

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

حق ۽ واسطا سهيڙيندڙ وٽ محفوظ


كتاب جو نالو: رئيس غلام محمد پرڳڙي ـ شخصيت ۽ جدوجهد

سهيڙيندڙ: منصور قادر جوڻيجو

ڇپائيندڙ:ـ سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي

ڇاپيندڙ:ـ دانيال انٽرپرائيزز پرنٽرز اينڊ پبليشرز
لطيف آباد حيدرآباد سنڌ

قيمت = 80 /رپيا



رابطي لاءِ
سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي
A – 1 کهڙو اپارٽمينٽ
مين ڪلفٽن روڊ ڪراچي سنڌ

انتساب

## سائين جي ايم سيد جي نالي

جنهن جي شخصيت، فڪر ۽ جدوجهد
سنڌ ۽ سنڌي قوم کي آزاديءَ سان جيئڻ
جو عزم ۽ حوصلو ڏنو.



فخر سنڌ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي

# فهرست


سهيڙيندڙپاران- منصور قادر جوڻيجو —7
(1) رئيس اعظم ميان غلام محمد خان پرڳڙي- جي ايم سيد _9
(2) رئيس غلام محمد پرڳڙي- ڊاڪٽر حميده کهڙو _24
(3) سنڌ جو فخر ۽ مسلمانن جو بيمثل اڳواڻ- جيرام داس دولترام _31
(4) آفتاب ۽ ماهتاب- پير علي محمد راشدي _34


## تقريرون ۽ تحريرون


(5) سنڌ اسپيشل ڪانفرنس جي مرحبائي تقرير _39
(6) صدارتي تقرير آل انڊيا خلافت ڪانفرنس بمبئي _55
(7)ترڪ مولات ۽ ڪجهه حقيقتون _63
(8) تاريخي صدارتي تقرير- آل انڊيا مسلم ليگ اجلاس لکنؤ _69
(9)سائين جي ايم سيد ڏانهن خط _104
(10) رئيس جان محمد پرڳڙيءَ جو هڪ استقباليه خطبو
صوبائي خلافت ڪانفرنس حيدرآباد 1920ع _105

# سهيڙيندڙ پاران

سنڌ جي سر زمين تاريخ جي هر دؤر ۾ اهڙن سُورمن ۽ سرويچن ۽ هيرن موتين سان مالا مال پئي رهي آهي جن هر اوکيءَ ويل ديس واسين تان ڏکيا ڏينهن ٽارڻ لاءِ جدوجهد ۽ جاکوڙ ۾ وسان ڪين گهٽايو آهي. اهڙن ڌرتيءَ جي حلالي فرزندن مان رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي بہ هڪ هو. هيءَ اهو دؤر هيو جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪرڻ بعد سنڌ کي بمبئيءَ سان ڳنڍي ڇڏيو هو ۽ سنڌ بمبئي جي انگريز ڪامورن ۽ عملدارن جي شڪار گاهہ بڻيل هئي. ۽ انهن طرفان عام ماڻهن توڙي هارين نارين تي رسائي، لاپوءِ ۽ ٻيا ڪيترائي ظلم ستم جاري هئا. تڏهن ٿرپارڪر ضلعي جهڙي پوئتي پيل پرڳڻي مان رئيس غلام محمد ڀرڳڙي لنڊن مان بئريسٽري پاس ڪري موٽي اچي بمبئي ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ چونڊيو ويو. هُن بمبئي ليجسليٽو اسيمبليءَ توڙي ڪائونسل آف اسٽيٽ ۾ سنڌ جي عوام تي ٿيندڙ ظلمن ۽ زيادتين خلاف آواز اٿاريو. سنڌ ۾ تعليم جي واڌاري لاءِ ايجوڪيشن سيس بل منظور ڪرايو سنڌ جي بمبئي کان علحدگيءَ لاءِ جن پهرين ماڻهن آواز اٿاريو انهن ۾ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي اڳ کان اڳرو هيو. مطلب تہ انگريز دؤر ۾ سنڌ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ مرڻ گهڙي تائين

جدوجهد جاري رکي. سندس ڪارنامن ۽جدوجهد بابت تاريخ جي ورقن ۾ تفصيلي طور تمام گهٽ احوال ملي ٿو ان هوندي بہ جيڪو مواد ملي سگهيو ان کي سهيڙي ڪتابي صورت ۾ آڻي پڙهندڙن آڏو پيش ڪجي ٿو. فخر سنڌ رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ تي هيءُ پهريون ڪتاب آهي جنهن کي سهيڙي سموهي پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائڻ سچ پچ تہ اسان لاءِ هڪ تمام وڏو اعزاز آهي.

منصور قادر جوڻيجو
17_09_2007 حيدرآباد

جي ايم سيد

# رئيس اعظم ميان غلام محمد خان ولد
# رئيس ميان ولي محمد خان پرڳڙي

رئيس غلام محمد خان پرڳڙي سنڌ جي انهن معزز ترين هستين مان آهي، جي آزاديءَ جي تحريڪ جا علمبردار ۽ مخلص قومي ڪارڪن هئا. اهڙن بزرگن تي ملڪ ۽ قوم ڪي بجا طور فخر تي سگهي ٿو. سندس نالو تاريخ ۾ سونهري حرفن ۾ لکڻ جي لائق آهي.

مولانا عبيدالله سنڌي ۽ ٻين انهيءَ پايي جي انقلابي ليڊرن کان سواءِ، آئيني جدوجهد ذريعي آزادي حاصل ڪرڻ جو جيڪڏهن ڪو سنڌي مسلمان صحيح سڏائڻ جو حقدار آهي، تہ انهن مان پهريون رئيس غلام محمد خان پرڳڙي ٿي سگهي ٿو. هندن کي درڪنار رکي، سنڌي مسلمان سياستدانن جي زندگين تي نظر ڊوڙائبي تہ رئيس صاحب هندستان جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ”ڪانگريس“ اندر انهيءَ وقت شريڪ ٿيو جڏهن سنڌ جا اڪثر مسلمان زميندار حڪومت جي خوف کان ان جي نالي کان بہ پيا ڇرڪندا هئا. ان کان اڳ جيڪڏهن مسلمانن ڪنهن سياسي جماعت ۾ دلچسپي ورتي هئي تہ اها ”سنڌ محمدن ايسوسيشن“ هئي، جنهن جو مقصد سرڪار جي خوشامد ڪري چند مسلمانن جي سوال کي ڪامورن وٽ پيش ڪرڻ تائين محدود هو. ان وقت ٻاهرانڙيءَ جي رهاڪو زميندارن لاءِ ڪانگريس جهڙي ترقي پسند جماعت ۾ شامل ٿيڻ ڪا رواجي ڳالهہ ڪانہ هئي. رئيس صاحب جي حيثيت سنڌ جي سياستدانن ۾ان ڪري ممتاز رهي ٿي، جو سنڌ ۾ سندس پايي ۽ شهرت جو قومي ڪارڪن ان وقت تہ نهيو پر اڄ تائين بہ ڇڏو پيدا ٿيو آهي. هن وقت بہ اڪثر زميندار ۽ ٻيا مسلمان سياستدان، شخصي اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ خانہ جنگي ۽ قوم فروشيءَ جي ڪارروائين ۾ مشغول آهن ۽ سدائين طاقت ۾ آيل گروهہ جا سلامي ٿيا رهن. مان جوانهن جي مقابلي ۾، رئيس صاحب جي سياسي زندگيءَ تي نظر ڪبي تہ زمين آس تفاوت نظر ايندو.

رئيس غلام محمد خان پرڳڙيءَ جا وڏا اصل ديري غازي خان طرف جا وينل، بلوچ قوم جا هئا، ۽ پرڳڻه جي طرف کان سڏجڻ لڳا هئا. سندن وڏو ڏاڏو رئيس علي خان، پرڳڻه ضلعي ديري غازي خان کان ڪلهوڙن جي آخري وقت ڏاري سنڌ ۾ آيل هو. ان کان پوءِ هيٺئين موجب انهيءَ قبيلي جا بزرگ ٿي گذريا آهن: رئيس علي خان کي فرزند ڏاتو خان ٿيو. ان کي فرزند رئيس حيدر خان ٿيو جنهن کي چار فرزند ٿيا: (1) جمال خان (2) خيرو خان (3) صوبو خان ۽ (4) سلطان خان انهن مان چار پاڙا، هر هڪ جمالاڻي، خيراڻي، صوباڻي ۽ سلطاني ٿيا. جي اڄا تائين انهن نالن سان سڏجن ٿا.

رئيس جمال خان کي فرزند ولي محمد خان ٿيو جنهن پرڳڙين ۾ خاص نالو ڪڍيو. ان کي فرزند رئيس غلام محمد خان ٿيو جنهن کي فرزند ميان ولي محمد خان دوئم ٿيو.

رئيس ميان غلام محمد خان جو والد، رئيس ميان ولي محمد خان ڏينگاڻ تعلقي جيمس آباد جو وينل هو جتي محنت، ڪفايت شعاري ۽ انتظامي لياقت سان پنهنجي زمين ۽ ملڪيت وڌائي ويو هو. انهيءَ حد ۾ هو مکيه ۽ بااثر زميندار ٿي گذريو آهي.

رئيس ولي محمد خان دوم، ٻه شاديون ڪيون هيون. هڪ رئيس مسو خان پرڳڙيءَ جي نياڻيءَ سان، جنهن مان رئيس غلام محمد خان مرحوم پيدا ٿيو، جنهن جي حياتيءَ ۾ هي احوال لکيل آهي. ٻي شادي، سوڍن مان، ٺڪر رتن سنگهه جي نياڻيءَ ۽ ٺڪر اڪجي، سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر ۽ ٺڪر ڪلجيءَ جي همشيره سان ٿي، جنهن•مان رئيس جان محمد خان، رئيس غلام حسين خان ۽ رئيس دين محمد خان پيدا ٿيا. رئيس جان محمد خان کي نياڻي پيدا ٿي، باقي ٻه اولاد وفات ڪري ويا. رئيس غلام محمد خان کي ٽي فرزند ٿيا: (1) رئيس عبدالقيوم خان، (2) رئيس غلام رسول خان، ۽ (3) رئيس غلام مصطفي خان، انهن مان ٻهريون ننڍي هوندي وفات ڪري ويو، باقي زنده آهن جن کي اولاد آهي. رئيس ولي محمد خان 1890ع ۾ وفات ڪئي.

## تعليم

رئيس غلام محمد خان جي ابتدائي تعليم سنڌ جي قديم خاندانن جي دستور مطابق قرآن شريف ۽ فارسي تعليم حاصل ڪرڻ سان شروع ٿي. سندس استاد ميهڙ طرف جو هڪ عالم هو جو رئيس وڏي خاص سندس تعليم ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو هو. انهيءَ وقت جا استاد، شاگردن کي ٿوريءَ گهٽيءَ ڳالهه تان ڏاڍيون مارون ڏيندا هئا. رئيس صاحب، باوجود هڪ رئيس زادي هئڻ جي، انهيءَ عام قانون کان ڇٽي نه سگهيو.هڪ دفعي جي ڳالهه ڪن ٿا ته مولوي صاحب ڪيس وڻ سان

ٻڌي ڇهبڪن جي مار ڏني، جنهنڪري سندس نراڙ تي زخم ٿي پيا. گهر ۾ جڏهين خبر پيئي، تڏهن رئيس وڏي کي انهيءَ حالت کان واقف ڪيائون. هن جڏهن مولوي صاحب کان ان جو سبب پڇيو تڏهن مولوي صاحب پنهنجيءَ ان ڪاروائيءَ جي جواز ۾ اهو جواب ڏنو تہ انهيءَ مار ڏيڻ سان مون اوهان جي فرزند جو بخت کوليو آهي. "مار سنوار آهي." اهو انهن استادن جو تڪيہ ڪلام هوندو هو. ان وقت ٻارن جا مائٽ استادن جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا. رئيس وڏي مولوي صاحب کي ڪجهہ بہ نہ چيو جيتوڻيڪ هو وٽس تنخواهہ دار هو بلڪ پٽ کي هدايت ڪري، وري بہ مولويءَ وٽ پڙهڻ لاءِ تاڪيد ڪيائين. جڏهن رئيس صاحب ابتدائي تعليم مان فارغ ٿيو، تہ ڪيس حيدرآباد جي مشن اسڪول ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. اهو اسڪول رئيسن جي هاٽوڪي بنگلي جي جاءِ تي ميرن جي قبن جي پير ۾ ٺهيل هو. اتي چار درجا پڙهي، پوءِ رئيس صاحب وري اين. ايس. اڪيڊمي هاءِ اسڪول (حيدرآباد) ۾ اچي پڙهڻ لڳو. سگهوئي رئيس ميان ولي محمد خان 1890ع ۾ وفات ڪئي. سندس پٽ صغير هئڻ ڪري، ملڪيت ڪورٽ آف وارڊس جي سنڀال هيٺ آئي. تنهن کان پوءِ رئيس صاحب کي ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو ويو جتي ڪجهہ وقت تعليم جاري رکيائين.

رئيس صاحب ننڍي هوندي کان خوددار ۽ آزاد خيال نينگر هو. هڪ ڏينهن ڪنهن ڳالهہ تان مدرسي جي انگريز پرنسپال، مسٽر پرسي هائيڊ، کيس ٽوڪي چيو تہ "تون لائق (جنٽلمئن) آدمي نٿو ڏسڻ ۾ اچين." ان تي رئيس صاحب بنا ڊپ جي کيس جواب ڏنو تہ "اوهان کي غلط خيال ويٺل آهي. آءٌ نہ صرف شريف (جنٽلمئن) آهيان، پر شريف گهراڻي جو فرد آهيان." ان کان پوءِ، انهيءَ اٽڪٽ ڪري، رئيس کي مدرسو ڇڏڻو پيو ۽ وڌيڪ تعليم لاءِ هو عليگڙهہ ويو، جتان مئٽرڪ پاس ڪيائين. امتحان پاس ڪرڻ بعد، موٽي اچي پنهنجي زميندايءَ جي ڪاروبار ۾ مشغول ٿيو.

ان وقت سندس زمين ڪورٽ آف وارڊس مان آزاد ٿي چڪي هئي. پاڻ ان وقت پنجويهن ورهين جو نوجوان هو ۽ ممڪن هو تہ ٻين تعليم يافتہ زميندارن وانگر هي بہ وڏيرڪي زندگي گذارڻ لڳي ها، پر سٽت ئي ڪيس هڪ اهڙو واقعو پيش آيو جنهن سندس غيرت کي تازيانو لڳائي، سندس زندگيءَ ۾ وڏو ڦيرو آڻي ڇڏيو.

ان بابت هن طرح روايت ڪئي وڃي ٿي تہ هڪ دفعي پاڻ شادي پلي اسٽيشن تي لهي، ڳوٺ وڃڻ لاءِ، رات جو اچي ڊاڪ بنگلي ۾ رهيو. ساڍس ٻار ٻچا هئا ۽ بارش پئجي رهي هئي. ان وقت ڪو روبنيو کاتي جو نوڪر آيو ۽ کيس چيائين تہ ڊويزن جو اسسٽنٽ ڪليڪٽر صاحب (انگريز) اچڻ وارو آهي، تنهنڪري بنگلو خالي ڪريو. رئيس صاحب ان کي چيو تہ رات آهي، بارش

پئجي رهي آهي، پار بچا ساڻ آهن. هن وقت ڪيڏانهن وڃي سگهندس. بنگلو وڏو آهي، صاحب هڪ طرف رهي سگهي ٿو وغيره. پر هو بنگلي خالي ڪرڻ لاءِ اصرار ڪندو رهيو. ان وقت انگريز عملدار پاڻ کي سياهه ۽ سفيد جا مالڪ ۽ حڪمران قوم جا فرد سمجهي، عام ماڻهن ۽ زميندارن کي گهٽ نظر سان ڏسندا هئا. صاحب بهادر کي جڏهين معلوم ٿيو تہ سندن حد جي هڪ زميندار اهڙي خود سري ڏيکاري آهي جو بنگلي خالي ڪرڻ کان بہ انڪار ڪيو اٿس، سو غصي ۾ اچي رئيس صاحب کي نقصان پهچائڻ لاءِ گهات گهڙڻ لڳو. ٻئي طرف رئيس صاحب عملدارن جي روش کي ننڌڻ لاءِ زميندارن کي سڏائي، احتجاج شروع ڪيو. قصو وڌي ويو ۽ رئيس صاحب کي قلم 110 هيٺ رجوع ڪرڻ جا منصوبا سٽجڻ لڳا. رئيس صاحب، دوستن جي مشوري سان، انهن حالتن هيٺ، 1905ع ۾، وڌيڪ پڙهڻ لاءِ انگليند هليو ويو. هو اتي ٽي سال رهي پيو ۽ 1908ع ۾ بارسٽريءَ جي سند وٺي، موٽي سنڌ آيو. انگليند ۾ رهائش دوران کهڙيون دوستيون ۽ لاڳاپا پيدا ڪيائين ۽ کهڙين تحريڪن ۾ شرڪت ڪيائين، تنهن جو تفصيل ملي نٿو سگهي. ليڪن هيءَ ڳالهہ صاف ظاهر هئي تہ اتي جي آزاد هوا ۾ سندس آزاديءَ واري جذبي ۾ اضافو ٿيو. جڏهن موٽي آيو تڏهن سندس اڳيان ڪي سياسي مقصد هئا، جن کي نظر ۾ رکي، ڳوٺاڻيءَ زندگيءَ مان نڪري، حيدرآباد شهر ۾ وڪالت جي فرم کوليائين. ان لاءِ سندس بہ ڪارڻ معلوم ٿين ٿا، هڪ تہ شهري زندگيءَ سان وابستہ رهڻ ڪري هو سهولت سان سياست ۾ حصو وٺي سگهيو ٿي، ۽ ٻيو تہ وڪالت جي ڌنڌي اختيار ڪرڻ ڪري ڪيس سرڪاري عملدار ڪا اجائي سجائي تڪليف پهچائي نٿي سگهيا.

## سياسي زندگي

ان وقت حيدرآباد شهر سياسي، سماجي ۽ تعليمي سرگرمين جو مرڪز بنيل هو. مولانا عبيدالله سنڌيءَ، امروٽ کان لڏي، پير صاحب جهنڊي جي ڳوٺ ۾ اچي "مدرسہ دارالرشاد" کوليو هو سو بہ وقت بوقت پيو حيدرآباد ايندو ويندو هو. ان کان سواءِ، پنجاب جي "گروڪل آشرم" جي سنياسي ساڌن، حيدرآباد کي علم ۽ تهذيب جو مرڪز ڄاڻي، هڪ برهم چاريو آشرم، ٽئي نمبر تلاءَ جي پر ۾، اچيءَ پل وٽ اچي کوليو هو جتي نوجوان هندو ڪارڪن پيدا ڪرڻ لاءِ، ڪاڪا ڪليڪر ۽ آچاريو جيوترام ڪرپالاڻيءَ جهڙا لائق معلم، ماستر ٿي پڙهائڻ لڳا. آچاريہ ڪرپالاڻيءَ جو وڏو پاءُ شيخ عبدالرحيم مسلمان ٿي چڪو هو ۽ هن نوجوان تعليم يافتہ عاملن کي مسلمان بنائڻ جي تحريڪ حيدرآباد مان ئي هلائڻ شروع ڪئي هئي.

رئيس صاحب خوش خلق، ياررِيس، مهمانئواز ۽ هٺ جو ڪشادو اڳئي هو تنهنڪري حيدرآباد ۾ رهڻ سان هو دوستن ۽ همدردن جو هڪ وسيع گروهه پيدا ڪري سگهيو جنهن ۾ مسٽر سنتداس منگهارام، مسٽر چيتمل پرسرام، مسٽر جيرا مداس دولترام ۽ ٻيا، سندس ساٿي ٿي ڪم ڪرڻ لڳا. مسٽر عبدالقادر حافظ بارسٽر، مسٽر عبدالرحمان بارسٽر ۽ مسٽر عبدالجبار به سندس فرم ۾ داخل ٿي، وڪالت سان گڏ، ملڪي ۽ سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لڳا. سگهوئي شيخ عبدالمجيد سنڌي مسلمان ٿي اچي رئيس صاحب وٽ رهڻ لڳو، جنهن کي "الامين" اخبار جي ايڊيٽري جي چارج ڏني وئي. رئيس صاحب جي آفيس نالي ۾ وڪالت جي جاءِ هئي، پر حقيقت ۾ سياسي ۽ سماجي ڪم ڪار جو ادارو ٿي چڪي هئي. ڪيئي نوجوان وڪيل ان ۾ وڪالت سان گڏ سياسي تربيت به حاصل ڪندا هئا. رئيس صاحب سگهوئي ڪراچيءَ جي مکيه ڪارڪنن سان لاڳاپو پيدا ڪيو جن ۾ مکيه سيٺ هرچند راءِ وشنداس، غلام علي چاڳلا، سيٺ يوسف علي علوي، غلام حسين قاسم ۽ مسٽر جعفر فدو هئا. انهيءَ زماني ۾ اتي هڪ "اسلام ڪلب" نالي سان مرڪز به قائم ڪيو ويو جنهن جي عمارت گانڌي گارڊن جي پويان هئي، جتي ٻاهريان صاحب اچي رهندا هئا، ۽ پاڻ ۾ ملي صلاح مصلحت به ڪندا هئا.

اها پوريءَ طرح خبر پئجي نٿي سگهي ته ڪانگريس تحريڪ سان رئيس صاحب جا لاڳاپا انگلينڊ جي رهائش واري وقت ۾ پيدا ٿيا هئا، يا هتي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي دوستن جي سنگت ۾، پر معلوم ٿئي ٿو ته 1909ع ڌاري هي ڪانگريس جو ميمبر ٿي چڪو هو.

انهيءَ وقت ۾ "منتومارلي رفارمس" موجب نيون چونڊون ٿيڻ واريون هيون. سنڌ کي بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل لاءِ چئن عيوضين چونڊڻ جو حق مليو هو جن جا تڪ هن ريت هئا: (1) سنڌ جي ميونسپالٽين طرفان هڪ عيوضي، (2) سنڌ جي لوڪلبورڊن طرفان هڪ عيوضي، (3) زميندارن ۽ جاگيردارن طرفان هڪ عيوضي، ۽ (4) ڪراچي چيمبر آف ڪامرس (يورپين) طرفان هڪ عيوضي.

اهي چونڊون 1909ع جي آخر ۾ ٿي گذريون، جن ۾ هيٺيان عيوضي بمبئي ڪائونسل تي چونڊجي ويا:

(1) ميونسپالٽين طرفان سيٺ هر چندراءِ وشنداس چونڊيو.

(2) لوڪلبورڊ طرفان سيد ميان الهندو شاهه محمد علي شاهه ڏيري وارو چونڊيو.

(3) زميندار ۽ جاگيردارن طرفان رئيس غلام محمد خان رئيس ولي محمد خان ڀرڳڙي چونڊيو ۽

(4) چيمبرس آف ڪامرس طرفان (سر) مانٽيگوويب چونڊيو ويو.

بمبئي ڪائونسل ۾ سيٺ هرچندراءِ ۽ رئيس صاحب. ٻنهي دوستن جو چونڊجي وڃڻ سنڌ لاءِ نيڪ فال هو. سيٺ هرچندراءِ اڳي ئي پڙهڻ جي زماني ۾ ست سال کن بمبئي ۾ رهي آيو هو جتي ڪيترن ئي قومي ڪارڪنن سان لاڳاپا پيدا ڪري ويو هو. هو 1888ع کان ڪانگريس ۾ حصو وٺندو آيو هو. رئيس صاحب کان عمر ۾ 16 سال وڏو هو. هنن گڏجي وچي غير سرڪاري پارٽيءَ ۾ شموليت ڪئي. جنهن جو ليڊر ڪانگريس جو مکيه اڳواڻ سرفيروز شاهه ميهتا هو. نئين ڪائونسل جو پهريون اجلاس، 4 جنوري 1910ع تي، بمبئيءَ ۾ ڪٺو ٿيو. ان کان پوءِ 1920ع تائين ٻئي گڏجي بمبئي ڪائونسل ۾ ڪم ڪندا آيا.

1916ع جي چونڊ ۾ خانبهادر سيد الهندو شاهه مرڪزي اسيمبليءَ تي چونڊجي ويو ۽ ان جي جاءِ تي لوڪلبورڊن طرفان سر غلام حسين هدايت الله چونڊيو.

ڪائونسل جي پوري مدت ۾ رئيس صاحب جيڪي ڪائونسل ۾ سوال پڇيا، ٺهراءَ آندا، ۽ بل پيش ڪيا، يا مختلف موقعن تي تقريرون ڪيون، تن کي هتي بيان ڪرڻ مشڪل آهي. ان لاءِ بمبئي ڪائونسل جون ڪارروايون پڙهڻ ۽ کوجنا ڪرڻ جي ضرورت آهي. ازان سواءِ، اهو هن مختصر احوال جي دائري کان ٻاهر ٿيندو. هتي صرف سندس مکيه ڪمن جو مختصر بيان ڏجي ٿو:

هن مسلمانن ۾ تعليم جي ڪمي محسوس ڪري، هڪ "مسلم ايديوڪيشن سيس بل" تيار ڪري ڪائونسل ۾ پيش ڪيو جنهن موجب مسلمان زميندارن کان ريئي تي هڪ پيسو فنڊ وصول ڪري، مسلم ٻارن جي تعليم تي خرچ ڪرڻو هو. مسلمان زميندار، مسلمانن جي تعليم لاءِ هندن وانگر هاءِ اسڪول وغيره کولائڻ واسطي تيار نه هئا. هنن جو سمورو پيسو عياشيءَ، فضول خرچين ۽ شڪارن تي خرچ ٿيندو هو. تنهنڪري رئيس صاحب ان جو علاج انهيءَ ۾ ڏٺو ته سيس ذريعي پيسا وصول ڪرائي، سرڪار جي معرفت تعليم تي خرچ ڪجن. جڏهين اهو بل ڪائونسل اڳيان پيش ٿيو ۽ سيٺ هرچندراءِ ۽ ٻين سندس ساٿين ان جي تائيد ڪئي، تڏهين سرڪار مجبور ٿي، ان کي رد ڪرائڻ جي عيوض، عام راءِ معلوم ڪرڻ لاءِ موٽايو ۽ راءِ وٺڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي به مقرر ڪئي. رئيس پاڻ ساريءَ سنڌ ۾ گشت ڪري وچي زميندارن کي انهيءَ تجويز جي فائدن کان واقف ڪيو. پر بدقسمتيءَ سان لاڙڪاڻي جي چند خود مطلبي زميندارن ان جي مخالفت ڪئي. چي، هاري ناري پڙهندا ته چوڻ کان ٻاهر نڪري ويندا. تنهنڪري زميندار ڇو انهن لاءِ خرچ ڪن! ان تي بمبئي سرڪار کي وجهه ملي ويو ۽

انهن زميندارن جي مخالفت جي عذر تي بل کي ٿڌي ڇڏيو ويو. سرڪار خود سنڌ ۾ تعليم عام ٿيڻ جي خلاف هئي، ان جي خيال ۾ هڪ ڪانگريسيءَ طرفان اهڙي بل جو پاس ڪرائڻ، ڪانگريس کي زور وٺائڻ جي برابر هو.

رئيس صاحب سنڌ ۾ رسائيءَ ۽ لاپي جون خرابيون ڏنيون هيون. ڪيس معلوم هو تہ جڏهين ڪامورا گشت تي ويندا هئا. تڏهين سنڌن منزلن وقت وڏا انتظام ٿيندا هئا. زميندارن طرفان ڪير، ڇيلا، مڪڻ، بيضا، گاهہ وغيره پهچايا ويندا هئا. عام ماڻهن کي هنن جي لاءِ رستن ناهڻ، تنبن کوڙائڻ، گاهہ ميسر ڪرڻ، پاڻي پرائڻ، شڪار ڪرائڻ ۽ ٻين اهڙن ڪمن لاءِ بيگر ۾ وهايو ويندو هو. سختيءَ سان ڪم وٺڻ ۽ موچڙي مار ڪرڻ کان پوءِ بہ، ڪين ماني ڪانہ کارائي ويندي هئي. پٽيوالن، نائڪن ۽ ڪلارڪن کي خرچيون ڏيڻيون پونديون هيون. "منزل" جي سيڌي سامان، ميوي، شراب، ويندي برف تائين، سڀ شئي جو انتظام روينيو يا ٻئي کاتي جي مڪاني ملازمن کي ڪرڻو پوندو هو. انهيءَ واسطي، هر هڪ آباد نمبر تان سرڪاري ڍل وٺڻ مهل، هڪ رقم الڳ ورتي ويندي هئي، جا "لاپي" جي نالي سان مشهور هئي. اها رقم تعلقي آفيس ۾ ڪٺي ٿيندي هئي، جنهن جو حساب ڪتاب رکيو ويندو هو. سنڌ ڄڻ تہ ڪامورن جو شڪار گاهہ ۽ مرغزار بڻيل هئي. انهيءَ ظلم کان سنڌين کي ڇڏائڻ لاءِ، هن بمبئي ڪائونسل ۾ هڪ نهراءَ آندو ۽ زوردار تقرير ڪئي. ٻين سندس ساٿين پڻ مدد ڪيس. نيٺ سرڪار مجبور ٿي هڪ انڪوائري ڪميشن مقرر ڪئي، جنهن جو چئرمين جسٽس هيورڊ هو. ان جا ميمبر سيٺ هرچندراءِ وشنداس، شيخ غلام حسين، مسٽر ساهني ۽ محمود شاهہ هئا. رسائي ڪميشن 3 اپريل 1918ع کان ڪراچيءَ مان شاهديون وٺڻ شروع ڪيون. مئي مهيني جي وچ تائين انڪوائري هلندي رهي. ان اڳيان گهڻا ڦاٽ ڦاٽا. انگن اکرن سان خرچ جون بنديون پيش ٿيون. زميندارن ۽ ڪيترن عملدارن صاف چئي ڏنو تہ اهو دستور گهڻي وقت کان هلندڙ هو. رئيس صاحب صاف شاهدين ڪٺي ڪرائڻ ۾ ڏاڍي جفاڪشي ورتي. رپورٽ مٿي وڃڻ بعد، سرڪار طرفان رسائيءَ خلاف سخت حڪم ڪڍيا ويا، پر عملدارن تي ڪوبہ اثر ڪونہ پيو. البت خلافت ۽ ڪانگريس هلچل ڪري ملڪ ۾ جا بيداري پيدا ٿي هئي، تنهن هن ۾ گهٽتائي ڪرائي.

(1) بمبئي سرڪار طرفان وڏا عملدار اتفاق سان هڪ دفعو سال ۾ سنڌ ۾ ايندا هئا، سو بہ ٻہ ٽي ڏينهن رهي، شڪار ڪري موٽي ويندا هئا. سنڌ ۾ تعليم، صحت، رستن، واهن ۽ ٻين سڌاري جي ڪمن تي توجهہ ڪونہ ڏنو ويندو هو. ان سان ماڻيجي ماءُ وارو برتاءُ ڪيو ويندو هو. رئيس ۽ سندس ساٿين انهن ڳالهين جي، بجيٽ جي موقعي تي تقريرن ذريعي يا

سوالن وسيلي گهڻي اُپٽار ڪئي، پر سواءِ چند معمولي ڳالهين جي، بمبئي سرڪار تي ڪوبہ اثر ڪونہ پيو. جنهنڪري لاچار ٿي، هو محسوس ڪرڻ لڳا تہ انهيءَ ساري مرض جو علاج صرف سنڌ جي بمبئي کان علحدگيءَ ۾ هو. اڳتي هلي، انهيءَ ڳالهہ کي سيٺ هرچندراءِ ۽ رئيس جي ساٿين، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ ۽ سيٺ حاجي عبدالله هارون وغيره، زور وٺايو ۽ سنڌ کي بمبئي جي عذاب کان آزاد ڪرايو.

(2) حڪومت جو خيال هو تہ سنڌ هڪ وڏو صوبو آهي، تنهنڪري انتظام جي سهولت لاءِ مڪاني عملدارن کي وڏيڪ اختيارن ڏيڻ سان ملڪ جو ڀلو ٿيندو. پر هنن کي اها خبر نہ هئي تہ ان ڪري ڪاموري ڪلاس جي هڪ هٽي ٿي ويئي هئي، ۽ رشوت ۽ ظلم جي بازار گرم لڳي پيئي هئي. ڪنهن کي مجال نہ هئي جو ان جي خلاف آواز ڪڍي سگهي. قلم 110 ۽ فرنٽيئر ريگيوليشن لڳائي، ڪوڙا ڪيس ڪري، آزاد خيال ماڻهن کي هيسايو ويندو هو. ڪامورا شاهيءَ جو مڪمل راڄ هو. ڪامورن جي انهن اختيارن کي گهٽائڻ لاءِ، رئيس صاحب، سيٺ هرچندراءِ ۽ سندن ساٿين گهڻو آواز اٿاريو- پر ڪنهن بہ نہ ٻڌو. ان وقت ڪارن جي طاقت، برطانيا سرڪار جي طاقت تصور ڪئي ويندي هئي. ان جي ڪمزوريءَ ۾ برطانيا سرڪار جي ڪمزوري سمجهي ويندي هئي.

(3) ٻيا مکيہ مسئلا جن ۾ هن دلچسپي ورتي، سي هينيان هئا: (الف) اردو پرائمري تعليم لاءِ نهراءُ، (ب) چئريٽيز رجسٽريشن بل، (ت) ايريگيشن بل، (ث) ڊسٽرڪٽ ميونسپل بل، (ج) فري ڪمپلسري ايڊيوڪيشن بل، (ح) ڪاٽن ڪنٽرول بل، (خ) وليج پنچات بل، وغيره.

سندس ڪوشش سان سنڌ جي واهن جو سڌارو ٿيڻ لڳو. آبادگارن کي وڏيڪ سهولتون ملڻ شروع ٿيون. ۽ کيتيءَ جي سڌاري لاءِ ائگريڪلچرل فارم کولڻ جي تجويز ٿي. سنڌ جي رستن سڌارڻ لاءِ لوڪلبورڊن کي وڏيڪ گرانٽون ملڻ شروع ٿيون. سيٺ هرچندراءِ ”روڊس بل“ پيش ڪيو ۽ هن ان جي تائيد ڪئي. مطلب تہ سنڌ جي هر تڪليف تي هيءَ سنگت آواز اٿاريندي رهي.

ڪانگريس جي ساليانن جلسن جي جانچ مان معلوم ٿيندو تہ آل انڊيا ڪانگريس جي الهہ آباد واري، ڊسمبر 1910ع واري اجلاس ۾، جو سر وليم ويڊربرن جي صدارت هيٺ ڪنو ٿيو هو هي سنڌ مان 58 ڄڻن جي جٿي سان وڃي شريڪ ٿيو هو. ان ۾ سيٺ هر چندراءِ، مسٽر جيرامداس دولترام، مسٽر محمد حافظ بارسٽر، ٻيا سنڌي شامل هئا. اهو پتو پئجي نٿو سگهي تہ سنڌ مان 1909ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس جي لاهور واري اجلاس ۾ ٽيهہ سنڌي ويل هئا، انهن ۾ رئيس صاحب بہ هو يا نہ.

وري ڊسمبر 1911ع ۾ سيٺ هرچندراءِ وشنداس ۽ رئيس پرڳڙي، آل انڊيا ڪانگريس جي ڪلڪتي واري اجلاس ۾، جو مسٽر بشن نارائن ڌر جي صدارت هيٺ ڪنو ٿيو هو وڃي شريڪ ٿيا هئا. ان کان پوءِ ڊسمبر 1912ع ۾ بانڪيپور ۾ آل انڊيا ڪانگريس جي اجلاس ۾ بہ سيٺ هرچندراءِ ۽ رئيس پرڳڙي وڃي شريڪ ٿيا هئا، جتي ٻنوي رٿ ڏيئي، آل انڊيا ڪانگريس جو ايندڙ ساليانو اجلاس ڪراچيءَ ۾ ڪوٺائڻ لاءِ دعوت ڏني هئي، جا منظور ٿي. ان تي سنڌ جي انگريزي اخبار "سنڌ گزيٽ" لاڳيتا آرٽيڪل لکڻ شروع ڪيا تہ جي سنڌ جا مسلمان بہ ڪانگريس ۾ ويا تہ وڏو ظلم ٿي ويندو. پر رئيس صاحب ان جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪري، ڪانگريس جي اجلاس کي ڪامياب بنائڻ لاءِ، مسلمانن جو هڪ گروهہ پيدا ڪيو جنهن هر طرح جي دلچسپي وٺي اجلاس کي ڪامياب بنايو. انهن مان مکيہ ماڻهو سيٺ غلام علي چاڳلا، مسٽر غلام حسين قاسم، مير ايوب خان، مسٽر عبدالرحمان بارسٽر، مسٽر محمد حافظ بارسٽر ۽ مسٽر محمد علي علوي هئا.

ڪانگريس جو اهو اٺاويهون اجلاس، 26_27_28 ڊسمبر تي، ڪراچيءَ ۾ نواب محمد بهادر (جو ٽيپو سلطان جي اولاد مان هو) جي صدارت هيٺ ڪنو ٿيو هو. مرحبائيءَ ڪاميٽيءَ جو چيئرمين سيٺ هرچندراءِ هو. انهيءَ اجلاس ۾ سر آغا خان، مسٽر محمد علي جناح، لالا لجپتراءِ، مسٽر ڊنشا واڇا ۽ ٻيا ٻاهريان ليڊر پڻ آيل هئا.

ان اجلاس کان پوءِ ڪيترا سنڌي، جناح صاحب ۽ رئيس پرڳڙيءَ سان گڏجي، آل انڊيا مسلم ليگ جي آگري ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ روانا هئا. مسلم ليگ جو اهو اجلاس، سر ابراهيم رحمت الله جي صدارت هيٺ، 30 ڊسمبر 1913ع تي ڪنو ٿيو هو جنهن ۾ ڪيترائي اُهي ٺهراءَ پاس ڪيا ويا، جي ڪانگريس جي گذريل اجلاس ۾ پاس ٿي چڪا هئا. ان وقت مسلم ليگ هندستان لاءِ خود۔ حڪومت حاصل ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪري چڪي هئي.

ان کانپوءِ آل انڊيا ڪانگريس جو اجلاس، 28 ڊسمبر 1941ع تي، مدراس ۾، ڀوپيندرانات بسو جي صدارت هيٺ ڪنو ٿيو هو ان ۾ بہ سنڌ مان ڪيترا صاحب رئيس پرڳڙيءَ ۽ سيٺ هرچند راءِ سان گڏ شامل ٿيڻ لاءِ ويل هئا. انهيءَ موقعي تي هو "اديار ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ" جي مرڪز ۾ ويا ٿا ڏسجن. ۽ ڊاڪٽر ايني بيسنٽ سان ملاقات ڪئي اٿن. جنهن جو اثر اڳتي هلي رئيس صاحب جي زندگيءَ تي گهڻو پيو ٿو ڏسجي.

ان کان پوءِ آل انڊيا ڪانگريس جو اجلاس، بمبئيءَ ۾، 27_28_29 ڊسمبر 1915ع تي، سر پي. اين. سنها جي صدارت هيٺ ڪنو ٿيو هو. انهيءَ شهر ۾ ساڳئي وقت، 30۔ ڊسمبر 1915ع تي، آل انڊيا مسلم ليگ جو اجلاس مولوي

مظهر الحق جي صدارت هيٺ ڪنو ٿيو. انهن ٻنهي اجلاسن ۾ سنڌ مان رئيس صاحب سان گڏ غلام علي چاڳلا، مسٽر محمد حافظ، شيخ عبدالمجيد، ڊاڪٽر شيخ نور محمد ۽ شيخ غلام حسين هدايت الله ويل هئا. شيخ عبدالمجيد صاحب انهن ڏينهن ۾ رئيس صاحب جو سياسي مشير هو. مسلم ليگ ۾ انهن ڏينهن ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد، ڊاڪٽر مختيار احمد انصاري ۽ جناح صاحب شريڪ ٿيڻ لڳا هئا، جن جي ڪوشش سان ٻئي جماعتون هڪٻئي جي نزديڪ ٿي ڪم ڪرڻ لڳيون هيون. بمبئيءَ ۾ گهڻي وقت رهڻ ۽ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ ڪري، رئيس صاهب ۽ جناح صاحب جا هڪٻئي سان دوستاڻا تعلقات قائم ٿي ويا هئا. ڪجهه وقت کان پوءِ هندستان جي مختلف صوبن ۾ پراونشل ڪانفرنسون سڏائي، انهن جي ذريعي مڪاني مسئلن تي صلاح مصلحت ۽ ٺهراءَ ڪيا ويا ٿي. سنڌ ۾ اهڙي قسم جي پهرين ڪانفرنس 1908ع ۾ ڪراچيءَ ۾، مسٽر اين. جي. چندر ورڪر جي صدارت هيٺ سڏائي وئي، ان کان پوءِ ٻئي سال حيدرآباد ۾ ڪانفرنس ٿي، جنهن کان پوءِ، 1916ع ۾، رئيس صاحب جي صدارت هيٺ لاڙڪاڻي ۾ ڪانفرنس ٿي. جنهن جي مرحبائي ڪاميٽيءَ جو چيئرمن مسٽر لالچند نولراءِ هو. انهيءَ ڪانفرنس ۾ ڪيترا اهم ٺهراءُ پاس ٿيا.

ٻئي سال، 26_27_28 ڊسمبر 1916ع تي، آل انڊيا ڪانگريس جو اجلاس بابو امبيد ڪاچرن جي صدارت هيٺ لکنو ۾ ڪنو ٿيو ۽ انهيءَ موقعي تي، 31_ ڊسمبر 1916ع تي، ساڳئي شهر ۾، مسٽر محمد علي جناح جي صدارت هيٺ مسلم ليگ جو اجلاس بہ ڪنو ٿيو هو. رئيس صاحب جو ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ۾ ان وقت تائين چڱو اثر پيدا ٿي ويو هو. راجا صاحب محمود آباد سر علي محمد خان سان سندس دوستاڻا تعلقات ٿي ويا هئا، جنهنڪري انهيءَ موقعي تي جناح صاحب ۽ رئيس صاحب راجا صاحب جا مهمان خصوصي ٿي وڃي رهيا هئا. ان وقت سنڌ مان مسٽر محمد حافظ ۽ ٻيا رئيس صاحب سان ويل هئا. انهيءَ موقعي تي مسٽر هرچندراءِ وشنداس، رئيس صاحب ۽ جناح صاحب جي ڪوشش سان، ڪانگريس ۽ ليگ جي وچ ۾ هڪ سمجهوتو ٿيو جنهن کي بعد ۾، "لکنو پئڪٽ" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. ان کان پوءِ ڊسمبر 1917ع ۾، آل انڊيا ڪانگريس جو اجلاس، ڪلڪتي ۾، ڊاڪٽر ايني بيسنٽ جي صدارت هيٺ ڪنو ٿيو ڊاڪٽر ايني بيسنٽ "هوم رول ليگ" ڪري ڪانگريسي حلقن ۾ شهرت حاصل ڪري ويئي هئي. هن رئيس صاحب کي ڪانگريس جو جنرل سيڪريٽري چونڊرايو. جنهنڪري هو آل انڊيا ڪانگريس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميمبر جي حيثيت سان بہ ڪم ڪرڻ لڳو. سنڌ مان

بعد ۾ اهو اعزاز مسٽر جيرامداس دولترام ۽ آچاريہ ڪرپالاڻيءَ کي مليو پر بئي ڪنهن بہ مسلمان کي نہ ملي سگهيو.

بئي سال، جون 1918ع ۾، ڊاڪٽر ايني بيسنٽ کي نظر بند ڪيو ويو. سندس پوئلڳن مان ڪيترن کي جيل ۾ موڪليو ويو جن مان مسٽر چيتمل پرسرام، "سنڌ واسي" اخبار جي ايڊيٽر کي بہ سال قيد جي سزا ڏني ويئي. ان کان پوءِ، آگسٽ 1918ع ۾، بمبئيءَ ۾ ڪانگريس جو خاص اجلاس سڏايو ويو. ان وقت "مانٽيگو-چيلمسفورڊ رفارمس" بابت تجويز منظور ٿي چڪي هئي. ڪانگريس ۾ بہ گروهہ پيدا ٿي پيا هئا، جن ۾ نرم ڌر وارن رفارمس کي آزمائڻ چاهيو ٿي، ۽ گرم ڌر وارن ان جو بائيڪاٽ ڪرڻ گهريو ٿي.

حڪومت جي سخت پاليسي اختيار ڪرڻ ڪري، ملڪ ۾ ناراضپو وڌي ويو هو. تنهنڪري نرم ڌر وارا، انهيءَ خيال کان تہ ڪانگريس اجلاس ۾ بائڪاٽ جي فائدي ۾ ڪثرت راءِ ٿي ويندي، اجلاس ۾ شريڪ نہ ٿيا. ان کان سواءِ سرڪار "هوم رول ليگ" جي طرفدارن ۽ آزاد خيال ماڻهن تي سختي ڪئي هئي. انهيءَ سلسلي ۾، رئيس جي حيدرآباد واريءَ آفيس جي تلاشي ورتي ويئي هئي. مولانا عبيدالله سنڌي، ملڪ ڇڏي افغانستان ۾ وڃي ويٺو هو. هو اتان هندستانين سان انگريزن خلاف لکپڙهہ هلائيندو رهندو هو. تنهن جي "سِلڪ ليٽر" پڪڙجڻ کان پوءِ رئيس جي "الامين" اخبار جي ايڊيٽر شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي، 1916ع ۾، اڳي ئي جيل موڪليو ويو هو. حڪومت کي قوي گمان هو تہ مولانا جي تحريڪ سان پرڳڙي صاحب جي همدردي آهي، ليڪن ڪين ڪا ثابتي ملي نٿي سگهي. عملدار ان ڪري، سازش سٽي رهيا هئا تہ ڪنهن ڪوڙي ڪيس ۾ رئيس کي آڙائين. انهيءَ ڳالهہ کان بچڻ لاءِ ڪيس دوستن طرفان اهو مشورو ڏنو ويو تہ ڪجهہ وقت لاءِ ٻاهر انگلينڊ هليو وڃي ان ڪري هُو 1918ع جي وچ ڌاري انگلينڊ هليو ويو. ۽ اتي وڃي خلافت تحريڪ ۽ هندستان جي آزاديءَ لاءِ ڪم ڪندو رهيو.

انهيءَ وقت مسٽر مانٽيگو سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا "انڊيا بل" پارليامينٽ اڳيان پيش ڪري چڪو هو جنهن ٻنهي هائوسن جي سليڪٽ ڪاميٽي، لارڊ سيلبورن جي چيرمنيءَ هيٺ مقرر ڪئي. ڪاميٽيءَ جي اڳيان شاهدين ڏيڻ لاءِ هندستان مان ڪيترا ليڊر ويا. آل انڊيا مسلم ليگ طرفان سيٺ يعقوب، مسٽر محمد علي جناح ۽ رئيس پرڳڙيءَ شاهدي ڏني. جنهن ۾ مسلمانن جو نقطہ نگاهہ پيش ڪيو ويو. انهيءَ سال، آڪٽوبر ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي اتحادين جي فائدي ۾ ختم ٿي هئي. غازي انور پاشا ۽ طلعت پاشا، حالتون سازگار نہ ڏسي، ملڪ ڇڏي ويا هئا. انگريزن جو جنگي

پيڙو ويچي استنبول پهتو هو جنهن سلطان محمد خامس جهڙي ڪمزور ماڻهوءَ کي حڪومت تي آڻي، انهيءَ کان مرضيءَ موافق شرط قبول ڪرايا هئا.

انهن حالتن کي ڏسي، هندستاني مسلمانن ۾ سخت بيچيني پيدا ٿي. حڪومت انهيءَ کي هٽائڻ لاءِ ڪيئي طريقا اختيار ڪيا. سنڌ ۾ ڪن ڪامورن جي معرفت، مولوي فيض الڪريم موري واري کان هڪ رسالو لکايو ويو جنهن ۾ ترڪن جي خلافت کي غلط ٺهرائي، انگريزن جي اشاري تي ترڪن سان بغاوت ڪندڙ شريف حسين جي تائيد ڪيل هئي.

انهيءَ تي سنڌ جي مولوين ۽ پيرن کان ڪامورن ڏيجاري صحيحون پئي ورتيون. رئيس کي جڏهن لنڊن ۾ انهيءَ ڳالهه جو پتو پيو ته ”الامين“ اخبار ذريعي هڪ خط ۾ پيرن کي سندن بزدليءَ تي سخت تنبيهه ڪئي هئائين. جنهن تي ڪيترا مٿس ناراض ٿي پيا هئا.

جنوري 1920ع تي رئيس ولائت مان واپس موٽيو. سگهوئي، 15۔16۔ 17۔ فيبروري 1920ع تي، بمبئيءَ ۾ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس جي صدارت لاءِ کيس چونڊيو ويو. ان ڪانفرنس ۾ ڏهاڪو هزار ماڻهو شريڪ ٿيا هئا. مرحبائي ڪاميٽيءَ جو صدر سيٺ ڇوٽاڻي هو. کيس صدر چونڊڻ لاءِ دستوري تجويز مولانا عبدالباريءَ پيش ڪئي هئي، ۽ سر فاضل ڀائي ڪريم ڀائي ان جي تائيد ڪئي هئي. انهيءَ اجلاس ۾ جن مکيه ماڻهن شرڪت ڪئي هئي، تن مان ڪن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا. جنهن مان پتو پئجي سگهندو ته ڪهڙن بزرگن کيس صدارت جو لائق سمجهي، انهيءَ لاءِ چونڊيو هو: (1) مولانا عبدالباري فرنگي محلي، (2) مولانا ابوالڪلام آزاد، (3) مولوي ظفر علي خان لاهوري، (4) ڊاڪٽر سيف الدين ڪلچو، (5) مسٽر گورڌنداس، (6) مولانا آزاد سبحاني، (7) مولانا فضل حسين حسرت موهاني، (8) پير رشد الله شاهه جهنڊي وارو (9) مولانا شاهه سليمان قلواري، (10) مولوي ابوالقاسم فضل الحق، بنگال وارو (11) جمناداس دوارڪاداس، (12) سر فاضل ڀائي ڪريم ڀائي، (13) مسٽر محمد علي جناح، (14) مولانا دائود غزنوي، (15) عبدالله هارون وغيره.

ابتدا ۾ سيٺ ڇوٽاڻيءَ استقباليه ڪاميٽيءَ طرفان خطبو پڙهيو. ان کان پوءِ رئيس صاحب پنهنجي صدارتي خطبي ۾، جو ڪافي تفصيلي هو فرمايو ته ترڪيءَ جو مسئلو سڄيءَ دنيا جي قومن جي باهمي تعلقات ۽ برطانوي سلطنت جي مفاد جي خيال کان نهايت اهم آهي، تنهنڪري برطانيه سرڪار کي دنيا جي مسلمانن جي جذبات کي ڌڪوئڻ نه گهرجي. هن کي گهرجي ته سندن ذميدار حاڪمن طرفان ڪيل وعدن کي پاڙي ڏين. پوءِ بمبئي سرڪار کي استدعا ڪيائين ته سنڌ کي ڪامورا خلافت تحريڪ جي مخالفت ڪري، سرڪار کي بدنام ڪري رهيا آهن. تن کي سزا ڏني وڃي. مسلمانن کي مشورو ڏنائين ته

تحريڪ کي موثر بنائڻ لاءِ يورپ ۽ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ ان مسئلي جي اهميت جي پرچار طرف توجهه ڏنو ويو.

ان اجلاس ۾ جيڪي ٺهراءَ پاس ڪيا ويا، انهن مان مکيه هيٺيان هئا: (1) مولانا محمد عليءَ جي سرڪردگيءَ ۾ ولايت موڪليل وفد ۾ اعتماد جو اظهار ڪيو ويو. (2) ولايت موڪلڻ جي لاءِ ٻئي وفد جي تجويز پ س تي، (3) ٽيون وفد عرب ملڪن ۾ موڪلڻ جو ٺهراءُ پاس ٿيو جو اتي وڃي منجهائن باهمي اختلافن کي دور ڪرائي، صلح ڪرائڻ وارو هو (4) ٽيهه لک رپيا انهيءَ ۽ ٻئي خلافت ـحريڪ جي ڪم لاءِ گڏ ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ٿيو (5) برٽش سرڪار کي عرض ڪيو ويو تہ جزيره العرب مان پنهنجون فوجون واپس گهرائي وٺي، (6) بمبئي سرڪار کي استدعا ڪئي ويئي تہ جن آفيسرن خلافت جي سوال ۾ دست اندازي ڪئي آهي، تن کي سزا ڏئي، (7) عالمن ۽ پيرن کي عرض ڪيو ويو تہ جزيرة العرب ۽ خلافت جي حفاظت لاءِ معتقدن کان بيعت وٺن. (8) رئيس پرڳڙيءَ جي ولايت ۾ رهائش واري وقت دوران، مسئلہ خلافت لاءِ ڪيل خدمتن جي شڪر گذاري ڪئي ويئي.

1920ع ۾ نون رفارمس موجب، صوبي ۽ مرڪزي ڪائونسلن جون چونڊون ٿيون. ڪانگريس بائيڪاٽ جو ٺهراءُ پاس ڪري چڪي هئي. جيتوڻيڪ سندس نرم گروهہ ڪائونسل ۾ وڃڻ قبول ڪيو هو پر رئيس انهيءَ ٺهراءَ جو احترام ڪري، چونڊ ۾ نہ بيٺو ان ڪان پوءِ سرڪار کيس "ڪائونسل آف اسٽيٽ" تي نامزد ڪيو ۽ هن دوستن جي اصرار تي اتي رهڻ قبول ڪيو ليڪن اڳتي هلي، سرڪار جي سختيءَ واري پاليسيءَ تي احتجاج ڪندي، استعيفا ڏيئي ڇڏيائين. ان وچ ۾ جيئن تہ سڀ نرم ڏر وارا پوئتي رهجي ويا هئا، ۽ گرم ڏر وارا ڪانگريس تي قبضو ڪري ويا هئا. تنهنڪري هي بہ ماٺ ۾ رهيو. سندس ڪن دوستن وڃي عهدا ورتا. جهڙوڪ راجا صاحب محمود آباد گڏيل علائقن ۾ ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو ميمبر ٿيو. سيٺ هرچندراءِ وشنداس، 1920ع ۾ ڪانگريس جي بائڪاٽ هوندي، هند اسيمبليءَ لاءِ اميدوار بيهي چونڊجي ويو. وري 14ـ نومبر 1923ع ۾ ٻيئي دوست مرڪزي اسيمبليءَ ۾ اميدوار بيهي چونڊجي ويا، ۽ جناح صاحب جي "انڊيپينڊنٽ پارٽيءَ" ۾ شريڪ ٿيا. باوجود انهيءَ رخ جي، هو هميشہ قومي سوالن ۾ برک ڪم ڪندا هئا.

31ـ مارچ 1923ع تي، لکنؤ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جو اجلاس ڪنو ٿيو جنهن جي صدارت رئيس پرڳڙيءَ ڪئي. ان ۾ مکيہ ڪارڪنن مان ڪيترا شريڪ نہ ٿي سگهيا. ڪي جيل ۾ هئا. ڪيترا اُن کي نرم جماعت سمجهڻ لڳا هئا. ان ۾ مکيہ ماٺهو رڳو سنڌس دوست. سر علي محمد صاحب راجا آف محمود آباد شريڪ ٿيو جو ان وقت يو- پي سرڪار جو هوم ميمبر هو. انهيءَ اجلاس جي

استقباليہ ڪاميٽيءَ وڏو خطبو پڙهيو جنهن ۾ مختلف پهلوئن تي بحث ڪيل هو. ان ڪان پوءِ رئيس صاحب هڪ ڊگهو خطبۂ صدارت 58 صفحن تي مشتمل پڙهيو. جو نهايت عالمانہ ۽ همہ گير هو.

## شخصي زندگي

رئيس صاحب باوجود سارو وقت سياسي ڳالهين ۾ مشغول رهڻ جي، پنهنجي زميندايءَ کي چڱو سڌاريو. پيدائش وڌايائين ۽ ڦٽيڻ تاڻڻ جي فئڪٽري قائم ڪيائين. پر پنهنجي وڏي وہل خرچ کي گهٽائي نہ سگهي. سندس ذاتي خرچہ ايترو گهڻو ڪونہ هو پر سياسي ڳالهين تي گهڻو خرچ ٿيندو هوس. "الامين"، اخبار جو سمورو خرچ پاڻ ڪندو هو. "سنڌ واسي" اخبار کي مدد ڪندو هو. سنڌ جا اڪثر قومي ڪارڪن سندس مهمانوازيءَ ۽ مدد مان مستفيد ٿيندا هئا. غريب شاگردن کي تعليم لاءِ اسڪالرشپون پنهنجي هڙان ڏيندو هو. وڪالت مان ڪا پيدائش ڪانہ هيس، ۽ اڪثر ڪيس مفت ڪڍندو هو. شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي خلاف هندن جو ڪيس پاڻ هلايائين، حرن کي لوڙهن مان آزاد ڪرائڻ جو ڪيس هلايائين، "الحق" اخبار جي ايڊيٽر تي، ٽريننگ ڪاليج جي پرنسپال تي ڪيل نڪتہ چينيءَ جي سلسلي ۾ جڏهن بدناموسيءَ جو ڪيس ڪيو ويو تہ رئيس اهو پاڻ هلايو ۽ جڏهين ماجسٽريٽ ايڊيٽرکي ڏوهي ٺهرائي 500 رپيا جرمانو وڌو تہ اهو پاڻ ادا ڪيائين. اهڙا سندس سخاوت جا ڪيئي مثال آهن.

هو اميراڻي ٺٺ سان رهندو هو ليڪن دل فقيراڻي هوندي هيس. ريل جي فرسٽ ڪلاس ۾ سامان رکي، اڪثر ٿرڊ ڪلاس ۾ دوستن ۽ عام ماڻهن سان ڪچهريون ڪندو هو. ڪولهين، مئنگهواڙن، هارين سان گڏ پٽ تي ويهي رهاڻيون ڪندو هو. هڪ دفعي ڪنهن مينگهواڙ کي ڏسي چيائين تہ "آءٌ تنهنجو پاءُ آهيان." تنهن تي هن چيس تہ "جي ائين آهي تہ منهنجي هٿ جو پاڻي پيءُ!" رئيس صاحب پاڻي وٺي پي ويو.

پاڻ "سنڌ زميندار ائسوسئيشن" جو باني هو. سنڌ ۾ مسلم ليگ جماعت جي شاخ 1918ع ۾، پهرين هن ئي قائم ڪرائي. حيدرآباد نئشنل ڪاليج کي ڪامياب بنائڻ ۾ هن گهڻي سرجوشي ڏيکاري. ورهين جا ورهيہ ان جي بورڊ جو چيئرمن رهيو.

ماڻهن ۾ هن لاءِ ايترو قرب ۽ پيار هوندو هو. جو اڪثر مسئلا وٽس اچي پيش ڪندا ۽ فيصلا ڪرائيندا هئا. هڪ پيري ميڊيڪل اسڪول حيدرآباد جي شاگردن ۽ شير آبادي عاملن جي وچ ۾ سخت تڪرار ٿي پيو. پر رئيس جي وچ ۾ پوڻ ڪري صلح ٿي ويو.

رئيس مذهبي معاملن ۾ تصوف ۽ ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي اثر ڪري، آزاد خيال ۽ فرقيبنديءَ کان پري هو. ڪيس مذهبن جي پويان بنيادي وحدت جو پتو پيل هو ان ڪري سيني مذهبن جي پوئلڳن سان سندس سنو سلوڪ هوندو هو. ڪٽرپڻو سندس ويجهو بہ نہ هو. هُو محبت جو مجسمو هو. سندس خاص مقربن مان مسٽر غلام علي نانا، پير غلام نبي شاهہ الهندي ڪڇي وارو، مرحوم نور محمد وڪيل، محمد صالح صديقي، جيٺمل پرسرام، ڪيمچند مهتاڻي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، جيرامداس دولترام، مسٽر سنتداس منگهارام هئا. سياسي دوستن مان سيٺ هرچندراءِ وشنداس، غلام علي چاڳلا، مسٽر محمد علي جناح ۽ راجا صاحب محمود آباد هئا.

رئيس موصوف نمونيا جي بيماريءَ ۾ گهڻو وقت مبتلا رهي، 9 مارچ 1924 ع تي وفات ڪئي. سندس وفات وقت حيدرآباد جا هزارين شهري، هندو ۽ مسلمان ، مرد ۽ زالون، سندس جنازي سان ماتم ۾ هليا. ڪيس ڏينگاڻ ۾ مائٽاڻي مقام ۾ دفن ڪيو ويو.

سندس ڀاءُ رئيس جان محمد خان، بمبئي ڪائونسل جو ٿرپارڪر ضلعي مان ڪجهہ وقت ميمبر چونڊيل هو. هو خوش خلق، ياروبس، مهل سر ڪم ايندڙ ۽ مهمانئنواز هو. ڪيس اولاد ڪونہ ٿيو.

رئيس غلام محمد خان کي ٽي فرزند ٿيا: رئيس عبدالقيوم خان، رئيس غلام رسول خان ۽ رئيس غلام مصطفيٰ خان. پهريون سگهوئي وفات ڪري ويو ٻيان بہ زنده آهن. جي پنهنجي والد مرحوم جي روايتن کي قائم رکيو اچن.

رئيس غلام محمد خان مرحوم جي وفاتيءَ ڪري سنڌ جي سياست ۾ جيڪو خال پيدا ٿيو آهي، اهو اڃا پرجي نہ سگهيو آهي. هن جي سياست اصول پرستيءَ، اخلاص، حب الوطنيءَ ۽ خدمت خلق جي بنيادن تي ٻڌل هئي. سندس زندگي پوين لاءِ مشعل راه ٿي سگهي ٿي.

ڊاڪٽر حميده کهڙو

# رئيس غلام محمد ڀرڳڙي

ويهين صديءَ جي شروعاتي دور ۾ هندستان جي سياسي آسمان جو روشن ترين تارو لاشڪ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي ئي هو. ڀنجيتاليهن ورهين جي ننڍيءَ ڄمار ۾ جڏهن هو پنهنجي اوج تي هو تڏهن سال 1924ع ۾ سندس وفات جي ڪري سمورو برصغير خاص ڪري سنڌ هڪ داناءَ ۽ معتدل قوم پرست کان محروم ٿي ويو. ٻيءَ صورت ۾ هندستان جي سياست کهڙو رخ اختيار ڪري ها، اهو سياست جو هڪ ويچار جوڳو نڪتو آهي. افسوس جي ڳالهه هيءَ آهي ته هن عظيم انسان جي زندگيءَ ۽ ڪارنامن تي ڪو ڪم ئي ڪونه ٿيو آهي. هن لاءِ هڪ مخلص سوانح نويس جي ضرورت آهي ته جيئن قومي رهنمائن جي سٽ ۾ کيس حقيقي ۽ مانائتي جاءِ ملي سگهي. آءٌ هت سندس زندگيءَ جو هڪ مختصر خاڪو ڏيڻ گهران ٿي ۽ اميد اٿم ته اسان جا نوجوان محقق انهيءَ کي مڪمل ڪندا.

رئيس غلام محمد ڀرڳڙي هر لحاظ کان هندستاني قومي تحريڪ جو هڪ برک اڳواڻ هو پر عام طرح ماڻهن کي هن جي باري ۾ تمام گهٽ معلومات آهي. هو هڪ ناميارو وڪيل ۽ لکپڙهه جو ماهر هو پر سندس ڪابه تحرير سلامت نه رهي آهي. ڪتابن ۽ دستاويزن ۾ ڪٿي ڪٿي سندس حوالا اچن ٿا. پر سواءِ سن 1972ع ۾ ڪلڪتي مان ڇپايل (Dictionary of National Biography) قومي سوانح جي لغت جي، ڪٿي به سندس زندگيءَ جو احوال نه ٿو ملي. تنهنڪري اسان کي جناب جي ايم سيد جا ٿورا مڃڻ گهرجن. جنهن پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" جي جلد اول (1967ع) ۾ وڏي تحقيق ڪري هڪ خاڪي جي صورت ۾ هن بابت خاصي تفصيل سان لکيو آهي. منهنجي هن مضمون جو مواد محترم جي-ايم-سيد جي تحقيق، ٻين ڪتابن ۾ ٽڙيل پکڙيل تحريرن ۽ منهنجي والد سميت انهن شخصن جي بيانن تان ورتل آهي. جيڪي هن کي ٿورو گهڻو سڃاڻندا هئا.

رئيس جي-ايم ڀرڳڙي سن 1878ع ۾ سنڌ جي تعلقي جيمس آباد جي ڳوٺ ڏينگاڻ ۾ پيدا ٿيو هو. سندن بزرگ ديري غازي خان مان گهڻا نسل اڳ لڏي اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا هئا. غلام محمد ڀرڳڙي جو پيءُ ان وقت وفات ڪري ويو.

جڏهن هن جي عمر اجا ڏهه ورهيه هئي، تنهنڪري سندن ملڪيت جي نظر داري ڪورٽ آف وارڊس جي حوالي ٿي. ڳوٺ جي مدرسي ۾ شروعاتي تعليم وٺڻ کان پوءِ هو حيدرآباد جي مشن هاءِ اسڪول ۾ ۽ پوءِ حيدرآباد جي ئي نولراءِ هيرانند اڪيڊميءَ ۾ پڙهيو. ٿورو عرصو هن ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۾ پڻ تعليم حاصل ڪئي، جتان عليگڙهه هليو ويو ۽ اتي مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. سنڌ ۾ واپس اچڻ کان پوءِ هڪ روشن خيال ۽ وچولي زميندار جي حيثيت ۾ حياتي گذارڻ لڳو ته هڪ اهم واقعي سندس زندگيءَ جو رخ ئي بدلائي ڇڏيو. هڪ پيري رات جو ٿرپارڪر ۾ شادي پلي اسٽيشن جي ويجهو هڪ ڊاڪ بنگلي ۾ رهيل هو ته ڪيس اهو بنگلو هڪدم خالي ڪرڻ لاءِ چيو ويو ڇو جو اتي هڪ انگريز عملدار کي اچي رهڻو هو. رئيس غلام محمد ڀرڳڙي بنگلي خالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو جنهن تي اسٽنٽ ڪليڪٽر ڪاوڙجي پيو ۽ هن کي قلم 110 هيٺ ڪيس سبق سيکارڻ جو فيصلو ڪيو. ڀرڳڙيءَ جي دوستن ڪيس ملڪ ڇڏي وڃڻ جي صلاح ڏني، جنهن تي هو انگلستان هليو ويو جتي ٽي سال رهي، بئرسٽري جو امتحان پاس ڪري، سال 1908ع ۾ وطن موٽي آيو.

واپس اچڻ کان هڪدم پوءِ جي-ايم- ڀرڳڙي حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪئي، جتي جلد ئي سياسي سرگرمين ۾ وڌ ۾ وڌ حصو وٺڻ لڳو. انهيءَ زماني ۾ حيدرآباد، صوبي جي سياسي سرگرمين جو مرڪز هوندو هو. صوبي جي سياسي ۽ سماجي زندگيءَ جا برک اڳواڻ ان وقت حيدرآباد ۾ ئي رهندا هئا ۽ اتي ئي مصروف هوندا هئا. انهن مشهور شخصيتن مان هڪ مولانا عبيدالله سنڌي به هئا، جن حيدرآباد ويجهو پير جهنڊو ڳوٺ ۾ "دارالرشاد" قائم ڪيو هو. نوجوان هندو ڪارڪن پيدا ڪرڻ لاءِ پنجاب جي گروڪل آشرم جي سنياسين "برهم آچاريه آشرم" قائم ڪيو هو. مشهور ڪانگريسي سياستدان آچاريه ڪرپالاڻي جي وڏي پاءِ اسلام جي تبليغ شروع ڪري ڏني هئي. انهيءَ کان سواءِ زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ به ڪيترائي ماڻهو سرگرم عمل هئا. ڀرڳڙي جلد ئي دوستن ۽ همخيال ڪارڪنن جي هڪ وڏي سٿ پيدا ڪئي، جن ۾ هندو به هئا ته مسلمان به. جهمٽوڪ سنتداس منگهارام، جيٺمل پرسرام، جيرامداس دولترام، عبدالقادر حافظ، عبدالرحمان بئريسٽر، مسٽر عبدالجبار، شيخ عبدالمجيد سنڌي (جنهن تازو اسلام قبول ڪيو هو). شيخ صاحب جناب ڀرڳڙي وٽ رهڻ لڳو ۽ سندس اخبار "الامين" کي ايڊٽ ڪرڻ لڳو. غلام محمد ڀرڳڙيءَ جي سياسي دوستن ۾ سيٺ هرچندراءِ وشنداس، غلام علي چاڳلا، سيٺ يوسف علي علوي، غلام حسين قاسم، جعفر فدو ۽ ٻيا شامل هئا. انهن سياستدانن مان گهڻا ڪراچيءَ ۾ رهندا هئا. اتي سندن سرگرمين جو هڪ مرڪز اسلام ڪلب هئي، جيڪا "گانڌي گارڊن" جي ويجهو هئي ۽ جتي معزز مهمان پڻ ايندا هئا ۽ ترسندا هئا.

سال 1909ع ڌاري پرگڙي آل انڊيا نيشنل ڪانگريس جو رڪن ٿيو. هن کي ان چار رڪني وفد لاءِ پڻ چونڊيو ويو هو. جنهن کي بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ سنڌ جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ اُماڻيو ويو هو. جي- ايم پرگڙي کي زميندارن ۽ جاگيردارن جو عيوضي چونڊيو ويو هو ۽ ساڌس سيٺ هرچندراءِ کي سنڌ جي ميونسپالٽين جي عيوضي طور موڪليو ويو. اهي ٻئي بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ غير سرڪاري جماعت سان وڃي گڏيا. جنهن جو اڳواڻ سر فيروز شاهه مهتا هو.

بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جي رڪن هجڻ واري عرصي ۾ پرگڙي پنهنجي صوبي ۽ عام ماڻهن جي حالت سڌارڻ، هندستان جي مسلمانن جي حالتن کي بهتر ڪرڻ ۽ پڻ هندستاني قومي تحريڪ جي سياسي مسئلن کي حل ڪرڻ جي لاءِ ڪيترائي اُپاءَ ورتا.

هن اتي "مسلم ايجوڪيشن سيس بل" آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سرڪار جي مخالفت سبب اهو رد ٿي ويو. جي-ايم- پرگڙي پنهنجي تڪ جي ماڻهن کي هر سرگرمي ۽ سياسي صورتحال کان واقف ڪندو رهيو. هن صوبي جي هر تعليم يافته ماڻهوءَ سان لکپڙهه ذريعي رابطو رکيو. اهڙيءَ طرح هن سنڌين جي سياسي تعليم تي خاص ڌيان ڏنو. سندس انهن ڪوشش جي ڪري ئي "رسائي ڪميشن" جو قيام عمل ۾ آيو. جنهن جي ڏنل رپورٽ تي حڪومت ايترو ته پريشان ٿي جو رسائيءَ جي لعنت کي ختم ڪرڻ لاءِ سخت اُپاءَ ورتا ويا. جي- ايم-پرگڙي ۽ سندس ساٿين، جن ۾ اهم هندو سياستدان به شامل هئا، سنڌ جي علحدي حيثيت قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ انگريز سرڪارکي مجارائڻ لاءِ ۽ بمبئي سان شامل رهڻ ۽ جيئن ان وقت جي ڪن انگريز عملدارن جو خيال هو ته سنڌ کي پنجاب سان شامل ڪيو وڃي، سخت ڪوششون ڪيون.

جنگ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ جڏهن هندستان جو سيڪريٽري آف اسٽيٽ سر ايڊون مانٽيگو هندستان جي گشت تي آيو هو تڏهن جي-ايم پرگڙي هڪ وفد ٺاهي هن سان ملاقات ڪئي هئي. انهيءَ وفد جي موقف مانٽيگو کي ڏاڍو متاثر ڪيو پر بمبئي سرڪار جي زور سبب ته سنڌ بمبئيءَ سان ئي شامل هجي، ساڳي صورتحال کي ٿوري عرصي جي لاءِ قائم رهڻ ڏنو ويو.

عام پلي جي قانون سازيءَ جي انهيءَ مصروف پروگرام کان سواءِ رئيس غلام محمد ڪل هند قومي سياست ۾ پڻ ڀرپور حصو وٺندو هو.

هن انڊين نيشنل ڪانگريس جي انهن سڀني ساليانن جلسن ۾ شرڪت ڪئي. جيڪي ان زماني ۾ ڊسمبر جي مهيني ۾ ٿيندا هئا. سندس ۽ سندس ساٿين جي اثر هيٺ هر سال سنڌ جي وفد جو تعداد وڌندو ويو. سال 1910ع واري جلسي ۾ سنڌ جا 58 عيوضي شريڪ ٿيا هئا ۽ ساڳيءَ ريت ان کان

پوءِ جي سالن ۾ اهڙن عيوضين جو تعداد وڌندو ويو. سال 1911ع ۾ هن پنهنجن ڪن ساٿين سان گڏجي آل انڊيا مسلم ليگ جي سنڌ شاخ جو پايو وڌو. پرڳڙيءَ، وشنداس ۽ ٻين جي دعوت تي سال 1913ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جو ميڙ ڪراچيءَ ۾ ٿيو هو.

آل انڊيا ڪانگريس جو اٺاويهون ميڙ نواب محمد بهادر جي صدارت هيٺ 26 کان 28 ڊسمبر تائين 1913ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو جنهن ۾ سر آغا خان، ايم. اي جناح، لالا لجپت راءِ، ڊنشا واڇا ۽ ٻين معزز ۽ معروف ماڻهن حصو ورتو. حڪومت جي ظاهري مخالفت ۽ پروپيگنڊا جي هوندي به ته جيئن سنڌ جي فرمانبردار مسلمانن ۾ ڪو ڏڦيڙ نه پوي، اهو ميڙ ڏاڍو ڪامياب ٿيو ان کانپوءِ جلدئي رئيس غلام محمد پرڳڙي پاڻ سان هڪ وڏو وفد ساڻ ڪري، آگري روانو ٿيو جتي سر ابراهيم رحمت الله جي صدارت ۾ 30 ڊسمبر تي مسلم ليگ جو ساليانو ميڙ ٿيڻو هو. انهيءَ موقعي تي ترقي پسند قومي اڳواڻن جي هڪ وڏي حصي ۾ اهو احساس پيدا ٿيو ته ٻن وڏين قومي جماعتن جهڙوڪ انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ کي هڪ ٿي هندوستان جي آئيني جدوجهد واري مقصد کي حاصل ڪرڻ گهرجي. سال 1914ع ۾ پهرين عالمي جنگ شروع ٿي وئي هئي ۽ اتحادي طاقتون جنگ ۾ فتحيابي حاصل ڪرڻ لاءِ هندوستان جي سهڪار واسطي بيچين هيون ۽ اهڙيءَ ريت هر قسم جي وعدن ڪرڻ جي حالت ۾ هيون. برطانوي حڪومت کان هندوستان لاءِ ”هوم رول“ يا ”ڊومينين اسٽيٽس“ حاصل ڪرڻ جو اقرار وٺڻ خاطر محسوس ڪيو ويو ته انگريز حڪومت کي وڏين جماعتن جي طرفان گڏيل رٿون تيار ڪري پيش ڪجن. تنهن ڪري ٻنهي جماعتن جي دور انديش اڳواڻن گڏجي ان مقصد جي لاءِ ڪم ڪيو جن ۾ ايم. اي جناح سيد وزير حسن، رئيس غلام محمد پرڳڙي ۽ راجا صاحب محمود آباد اهم اڳواڻ هئا. ان جو نتيجو مشهور لکنو ناهه 1916ع ۾ نڪتو. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ٻنهي پنهنجا ساليانه اجلاس لکنو ۾ ڪيا، جتي جناح ۽ پرڳڙي ٻئي راجا محمود آباد جا مهمان هئا. اتي لکنو ناهه ٿيو ۽ سرڪار جي اڳيان گڏيل تجويزون رکيون ويون. انهن تجويزن جو جيڪو نتيجو نڪتو اهو تاريخ جو حصو آهي.

سال 1917ع ۾ ڪانگريس جو عام اجلاس ڪلڪتي ۾ ٿيو جنهن جي صدارت اينـي بيسنٽ ڪئي. جيڪي جنرل سيڪريٽري چونڊيا ويا، انهن ۾ هڪڙو جنرل سيڪريٽري رئيس غلام محمد پرڳڙي به هو. هن کي آل انڊيا ڪانگريس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ تي به کنيو ويو هو جنهن جو هو اڪيلو سنڌي مسلمان رڪن هو. سال 1918ع ۾ جنگ ختم ٿيڻ تي هندستان جي سياسي صورتحال تبديل ٿيل هئي. انگريز حڪومت ان حالت ۾ نه هئي، جو هندستانين سان رعايت ڪري ها ۽ جبري قانونن کي نافذ ڪري ها. هنن جيڪي آئيني

اصلاحات ڪيا هئا، اهي هندستانين جي اميدن جي برخلاف هئا، عثمانيہ سلطنت جو جنگ ۾ جيڪو حشر ٿيو هو ان جي ڪري هندستاني مسلمانن ۾ سخت ڪاوڙ ۽ ڪروڌ هو. ڪين شڪ هو تہ اتحادي طاقتن ترڪيءَ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ ۽ خلافت کي ختم ڪرڻ گهريو ٿي. انهيءَ احساس جي ڪري خلافت تحريڪ جي اوسر ٿي. اها هندستان ۾ هڪ عوامي سياسي تحريڪ هئي، جنهن هندستان جي ماڻهن ۾ سياسي سجاڳي آندي. جيئن ئي خلافت وارا ۽ انڊين نيشنل ڪانگريس انهيءَ ترڪ موالات تحريڪ ۾ متحد ٿيا، تہ ساري ننڍي کنڊ ۾ جوش جي لهر پکڙجي وئي. خلافت تحريڪ ۾ خاص ڪري سنڌين ڀرپور حصو ورتو. سڄي صوبي ۾ نہ رڳو وچولي درجي جي سياستدانن ۾، پر هارين توڙي شهري پورهيت ماڻهن ۾ پڻ بيچينيءَ جي لهر پکڙجي ويئي هئي. خلافت تحريڪ جو پرچار رضاڪار ڪارڪنن ۽ اخبارن جي ذريعي ڪيو ويو جن ۾ رئيس غلام محمد جي اخبار "الامين " بہ شامل هئي. اخبار جي ايڊيٽر شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي اڳ ۾ ئي سال 1918ع ۾ گرفتار ڪري جيل اُماڻيو ويو هو. انهيءَ تحريڪ جي زور سبب سنڌ جي حڪومت سخت خوف خطرو محسوس ڪيو جنهن سبب ماڻهن ۾ هراس پکيڙڻ خاطر ان سخت قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪئي. جي. ايم ڀرڳڙي خلافت تحريڪ جي هلچل جي اڳواڻن مان هڪ هو. ڪمشنر سر هينري لارنس جي زال ان سلسلي ۾ لکيو آهي تہ "مسٽر بي هڪ مشهور معروف اڳواڻ آهي ۽ جڏهن اها خبر پوندي تہ اهڙي اثر وارو شخص ان تحريڪ سان آهي تہ حيرت ۽ اچرج جي انتها نہ رهندي. مسٽر بي جاڻ تہ گرفتار ٿيڻ وارو آهي. مسٽر بي انهيءَ شورش ۽ هلچل جو محرڪ رهيو آهي. هو ڪانگريس جو سيڪريٽري هو ۽ گانڌيءَ جي تمام ويجهو هو. هو هڪ محنتي ۽ ذهين ماڻهو بيريسٽر ۽ زميندار آهي"(1)[2] انهيءَ کان پوءِ جلد ئي سال 1918ع ۾ هو انگليند ڏانهن روانو ٿيو تہ جيئن انگريز سرڪار جي بالا حاڪمن سان لهہ وچڙ ۾ اچي سگهي. هن سر اي مانٽيگو سان ملاقات ڪئي ۽ 12-ڊسمبر 1920ع تي انگريز سرڪار جي مسلمان رعيت طرفان جيڪو وفد انگلينڊ ويو هو ۽ ان انگلينڊ جي وزير اعليٰ کي جيڪا ياد داشت ڏني هئي، ان تي هڪ صحي هن جي بہ هئي. جنوري 1920ع ۾ رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي انگلينڊ مان موٽي آيو فيبروري 1920ع ۾ خلاف ڪانفرنس بمبئي ۾ ٿي. جتي رئيس غلام محمد ڀرڳڙي جي ڪيل قومي خدمتن جي اعتراف ۾ کيس تحريڪ جو صدر چونڊيو ويو. صدارت لاءِ سنڌس نالو مولانا عبدالباري فرنگي محلي تجويز ڪيو ۽ سر فضل ڀائي ڪريم ڀائي ان جي تائيد

[2] Lady Cawrence, Indian Embers, PP 391_394

ڪئي. مولانا عبدالباري ۽ سر فضل ڀائي ڪريم ڀائي کان سواءِ اتي موجود ٻيا معروف اڳواڻ هئا: مولانا ابوالڪلام آزاد، مولوي ظفر علي خان لاهوري، سيف الدين ڪچلو، مسٽر گورڌنداس، آزاد سبحاني، حسرت موهاني، پير رشدالله شاهه جهنڊي وارو، مولانا شاهه سلمان قلواري، مولوي ابوالقاسم فضل الحق، جهامنداس دوارڪاداس، مسٽر ايم.اي. جناح، مولانا دائود غزنوي، سرعبدالله هارون ۽ ٻيا. خلاف تحريڪ بابت ٻين ٺهرائن سان گڏ ڪانفرنس هڪ ٺهراءُ اهو به پاس ڪيو جنهن ۾ مسٽر غلام محمد ڀرڳڙيءَ جا ٿورا مڃيا ويا هئا ته هن لنڊن ۾ رهائش واري عرصي ۾ خلافت تحريڪ جي وڏي خدمت ڪئي هئي. سال 1919ع جي سڌارن هيٺ جيڪي چونڊون ٿيڻيون هيون، تن ۾ ڪانگريس جي ٺهراءُ مطابق مسٽر ڀرڳڙيءَ حصي وٺڻ کان انڪار ڪيو. انهيءَ هوندي به هن کي ڪائونسل آف اسٽيٽ ۾ نامزد ڪيو ويو جيڪو عهدو هن دوستن جي اصرار تي قبول ڪيو پر پوءِ حڪومت جي سخت پاليسيءَ تي احتجاج ڪندي، هن انهيءَ عهدي تان استعفيٰ ڏئي ڇڏي. نومبر 1923ع ۾ ڀرڳڙي مرڪزي قانون ساز اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ بيٺو ۽ ڪامياب ٿيو. مارچ 1923ع ۾ مسلم ليگ جو ساليانو جلسو لکنو ۾ ٿيو جنهن ۾ غلام محمد ڀرڳڙيءَ کي صدر چونڊيو ويو. سندس صدارتي تقرير جامع ۽ وسيع هئي، جنهن ۾ هندوستان ۽ موجوده وقت جي ٽئين دنيا جي اندروني ۽ ٻيروني مسئلن تي تفصيل سان روشني وڌي ويئي هئي. هڪ دور انديش جي حيثيت ۾ هن جي بيان ۾ هڪ عجيب صداقت هئي:

”ڪي ماڻهو مشرقي قومن جي ليگ جي خيال کي هڪ خواب ڪري ٿا سمجهن، پر مون جڏهن ايشيا ۽ آفريقا تي يورپ جي ظلم ۽ ڏاڍ کي محسوس ڪيو ، اڃي چمڙيءَ وارن جو ڪارن ماڻهن سان ورتاءَ ڏٺو ۽ ڪن مغربي ملڪن ۾ مون کي رنگ ۽ نسلي مت ڀيد جو تجربو ٿيو تڏهن آءٌ چٽيءَ طرح ڏسان ٿيو ته اهو خواب جلد ئي حقيقت جو روپ وٺندو: هن ڪنڊ جي رهاڪن جي دل ۾ "ايشياء، ايشيائن جي لاءِ“ جو خيال اڳ ۾ ئي پيدا ٿي چڪو آهي. ساڳيءَ ريت ”آفريقا، آفريقين لاءِ“ جو تصور آهي. اهو سيڪجهه رفته رفته ٿيندو قومن جو ِناهيندڙ ۽ ڏاهيندڙ پنهنجو ڪم ڪندو رهي ٿو. هندستان جي جاءِ لاشڪ انهيءَ برادريءَ ۾ آهي ۽ آءٌ محسوس ڪريان ٿو ته پنهنجي پکيڙ، آباديءَ ۽ وسيلن جي ڪري هڪ ڏينهن ان کي ان ۾ عزت واري جاءِ ملندي“ [5]

مسلم ليگ جو پندرهون اجلاس اڏ ۾ ان وقت پورو ٿيو جڏهن قائداعظم جي ان تجويز تي نااتفاقي ٿي ته ڪائونسل ۾ داخلا جي اجازت ڏني وڃي. 1 اپريل

---

[5] S.S Pirzada, "Foundation of Pakistan vol: I, P570

1923ع تي اهو ميڙ توري عرصي لاءِ ملتوي تي ويو ۽ مئي 1924ع ۾ ان جي جڏهن لاهور ۾ ٻيهر گڏجاڻي ٿي، تڏهن رئيس غلام محمد 45 ورهين جي ڄمار ۾ اڳ ۾ ئي 9 مارچ 1924ع ۾ تي وفات ڪري ويو هو. سنڌ جي هندو توڙي مسلمانن جي لاءِ ۽ سموري هندستان جي مسلمانن لاءِ اهو هڪ اوچتو ۽ هاڃيڪار نقصان هو. سنڌ جي مسلمانن جي لاءِ تہ اهو هڪ اهڙو خال هو جيڪو وري ڪڏهن بہ پرجي نہ سگهيو آهي. مسلم ليگ جو پندرهون اجلاس مسٽر ايم.اي جناح جي صدارت هيٺ وري ڪٺو ٿيو. جنهن ۾ هن جي وفات تي هيٺئين قرار داد منظور ڪئي ويئي:

"مانواري جناب غلام محمد پيرڳڙيءَ جي افسوسناڪ ۽ بيوقتي وفات تي آل انڊيا مسلم ليگ پنهنجي گهري رنج ۽ غم جو اظهار ڪري ٿي ۽ محسوس ڪري ٿي تہ هندستان جا مسلمان پنهنجي هڪ عظيم محب وطن سياستدان ۽ قوم جي بي لوث خدمتگار کان محروم ٿي ويا. اسان جي خواهش آهي تہ قوم جي طرفان اهو ڏک جو اظهار سندس خاندان تائين پهچايو وڃي"[1]

جيتري قدر رئيس پيرڳڙيءَ جو تعلق آهي تہ ان قرار داد جي ڪنهن بہ هڪ لفظ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونہ هو.

(پاڪستان اسٽڊيز سينٽر، سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگريزيءَ مخزن "گراس روٽس" جلد 2، نمبر 2، 1978ع تان ترجمو ڪيل مترجم: مراد علي مرزا)

---

S.S.Pirzada. Foundation of Pakistan vol I PP 577_578.

جٺرامداس دولترام

# سنڌ جو فخر ۽ مسلمانن جو بي مثل اڳواڻ

رئيس غلام محمد ڀرڳڙي سان منهنجي 1912ع ـ1913ع ڌاري سڃاڻپ ٿي. اڃان ڪاليج ۾ پڙهندو هوس. ننڍي هوندي کان وٺي جو مٽي ۾ خفخان هوندا هئا، سو راڄنيتي ڳالهين ۾ انهي ڏينهن ڪجهه دلچسپي وٺندو هوس. ڀرڳڙي تڏهن بمبئي جي ڪائونسل جو ميمبر هو. مان بہ سرفيروز شاهہ ميهتا، "بمبئي جي شير" جي گجگوڙ ٻڌڻ لاءِ ڪائونسل ۾ وڃي ويهندو هوس. اتي ڀرڳڙي جي ڪجهہ واقفيت ٿيم. پر اڃان ساڻس بہ شخصي ڏيٺ ويٺ ڪانہ ٿي هئي. پيلا هو ڪائونسل جو ميمبر انهن ڏينهن جون ڪائونسلون گهٽي نٽ سان هلنديون هيون ۽ مان هڪ رواجي ڪاليجي شاگرد هوس. ڪيس پريان ڪائونسل ۾ ڏسندو هوس پر همٿ نہ ٿيندي هئم جو وڏي وڃي پاڻيهي ڳالهايانس.

هينئر وسري ويو اٿم تہ ڪهڙو سوال هو. پر ڪو اهڙو عام سوال ڪائونسل ۾ ڪنيون هئا جنهن ۾ منهنجو بہ چاهہ جاڳيل هو. انهي سوال بنسبت خبر چار وٺڻ لاءِ مون بہ ڪا ڪيس چٺي لکي هئي.

منهنجي جا چٺي مليس تنهن مون ۾ دلچسپي جاڳايس. مونکي لکي موڪليائين تہ اچي روبرو ڏسيم. سو حيدرآباد ۾ سندس جيل واري بنگلي تي گڏجڻ ويو سانس. ان ڏينهن کان وٺي اسانجو رستو شروع ٿيو جو روز بروز گهاٽو ٿيندو ويو.

پوءِ تہ ڪيترن ئي عام سوالن تي سدائين هم صلاحي هوندا هواسين. شخصي ناتو بہ ڏاڍو گهاٽو ٿي ويو. گهرجو ياتي ڪري ليکندو هو. چا راڄنيتي سوال، چا ڏنڏي جي خبر چار، خود گهرو ڳالهيون جيترو مون سان پنهنجي دل کوليندو هو اوترو گهٽن ويجهن دوستن عزيزن سان بہ ڪين کوليندو هو. ان ڪري سندس خيالن ويچارن جي مونکي تمام چڱي جاڻ پئجي وئي. مونکان ڪجهہ نہ لڪائيندو هو.

رئيس غلام محمد ڀرڳڙي ڪي رئيس چو ڪرليندا هئا؟ ڀرڳڙي هڪ بروچن جي ذات آهي. پيرن جي راڄ جي هڪ سرڪشيندي قوم هئي. ڀرڳڙي جا وڏا انهي قوم جا سردار يا رئيس ٿيندا ايندا هئا. هڪ سردار مرندو هو تہ سڄو راڄ

## پير علي محمد راشدي

# آفتاب ۽ ماهتاب

## (رئيس غلام محمد خان پرڳڙي ۽ سيٺ هرچند راءِ وشنداس)

رئيس غلام محمد مرحوم مغفور ۽ سرڳواسي سيٺ هر چندراءِ وشنداس کي مون ظاهري اکين سان ڪونہ ڏٺو دل جي اکين سان گهڻو ديدار ڪيم. پنهنجي دؤر اندر سنڌ جي سياست جا "آفتاب" ۽ ماهتاب" هئا. ٻئي پيدائشي وڏيرا، وڏيرا بہ نہ ، پر سنڌ جي وڏيرن کي رستو ڏيکاري ويا تہ وڏيرپ هوندي بہ ماڻهو ڪيئن عزت ۽ آزادي، شرافت ۽ انسانيت جي زندگي گذاري، ۽ خلق جي خدمت ڪندي، سنڌ جا حق نياهي سگهي ٿو. سندن زمانو اهو زمانو هو جڏهن وڏيرا "صاحب لوڪن" جي سلام لاءِ حاضر ٿيندا هئا تہ صاحب جا پٽيوالا در جي ٻاهران ڪائن جُتون لهرائي، پيرين اگهاڙي اندر وٺي ويندا هئا. ليوڪس صاحب ڪمشنر، ڪين ڪِجائڻ لاءِ، پڇندو هوِن تہ "اوهان بدمعاش آهيو يا نہ؟" تہ وڏيرا ؟ تہ وڏيرا ورندي ڏيندا هئس: "جيندا قبلا! ابي ڏاڏي کان سرڪار جا بدمعاش آهيون." انديشو هوندو هوِن تہ انڪار ڪريون ۽ مبادا صاحب ڪاوڙجي سچ پچ بدمعاش جي ڪارروائي ڪري وجهي!

غلام محمد خان پرڳڙي ۽ سيٺ هرچندراءِ ٻهريان سربر آورده سنڌي شهري هئا، جن وقت جي گوريءَ خواه ٻولاهيءَ نوڪر شاهيءَ اڳيان نعرو هنيو تہ سنڌ جي شهريت شاندار شيءِ آهي، نہ آبرو باختگي جي نشاني.

هر دم ۽ هر قدم تي حڪومت سان مقابلا ڪيائون؛ مقابلن ۾ ڪڏهن هيٺي ڪانہ ٻولياٺون. آزاديءَ جي هر تحريڪ ۾ پيش پيش رهيا. جنهن بہ ڪائونسل يا اسيمبليءَ ۾ چونڊجي ويا، اُت سرڪار جا چوڏا لاهيندا رهيا. سيٺ هر چندراءِ مرڻ جي ڪنڌيءَ تي، هلڻ چلڻ ۽ اٿڻ ويهڻ کان عاجز ٿي پيو تہ بہ پاڻ ڪتولي تي ڪٽائي وڃي دهلي اسيمبليءَ ۾ حاضر

ٽيو ۽ سرڪار جي خلاف ووٽ داخل ڪرايائين. رئيس غلام محمد خان تي نوڪرشاهيءَ جو پهريون حملو ٿيو ته پاڻ لنڊن جي بارسٽري پاس ڪري موٽي آيو ۽ اڳ کان اڳرو هو. ٻيو حملو ٿيو ته پاڻ ۽ هرچندراءِ لنڊن پهچي، سيڪريٽريءَ هند جي ڪنن مان ڪپهه ڪڍي آيا. ٻئي حملا نوڪرشاهيءَ جي پنهنجي ڳچيءَ ۾ پئجي ويا. ۽ سنڌين کي سبق مليو ته عزت دار سنڌي مقابلو به ڪري سگهن ٿا. هرويرو ڄائي ڄم جون رڏون نه آهن، جن تي هر گدڙ حملو ڪري سگهي.

سنڌ کي اُٿاري پنهنجن پيرن تي بيهارڻ ۽ بمبئي کان ڇني ڌار ڪرائڻ جي تحريڪ جي شروعات انهن بزرگن ڪئي. سيني فرقن جي نمائندن کي گڏ ڪري "سنڌپيڪٽ" (Sindh Pact) تي صحيحون ورتائون، جنهن هيٺ گڏيل گهُر تي ته سنڌ جي جدا شخصيت تسليم ڪئي وڃي، ۽ ڪيس بمبئيءَ کان ڌار ڪيو وڃي. سندن هوندي ساري سنڌ ڪٺي هوندي هئي، هندو مسلم نفاق جو ٻج ڪونه پيو هو. سيني فرقن ۽ قومن جا سياسي ورڪر پاڻ ۾ گڏ، هڪ ئي مقصد لاءِ ڪوشان هوندا هئا ۽ اُهو مقصد هوندو هو سنڌي جي سربلندي. زهريلو واءُ، جنهن سنڌ جا "تيلي مچ" ڌار ڪري ڇڏيا، سو اڃان ڪونه گهُليو هو. ان جا پهريان جهوٽا 1925ع ۾ آيا، پر هي بزرگ اڳ ۾ ئي چالاڪو ڪري ويا هئا ۽ سنڌ ڇوري ڇني تي چڪي هئي. سندن نشانيون، سندن ڪيڙيل به. "ني ورڪر رهجي ويل ها. مثلا "شيخ عبدالمجيد سنڌي، مسٽر جيرامداس دولترام ۽ ٻه ٽي ٻيا، جن کي اسان به ڏٺو.

پر سنڌ کي سياست سيڪاري ويا، نجات جو رستو ڏيکاري ويا. سندن ڪيڙيل ورڪرن ۾ به هڪ خوبي هئي. سياست جي مارڪيٽ ۾ هو ٻين وانگر "قلن مُٽِ" تي ڪڏهن ڪونه وڪاڻا، شيخ عبدالمجيد 82 ورهين جي عمر جيل پوڳيو. جيرامداس ملڪ بدر ٿي ويو پر پنهنجن استادن جي ياد تي ٽِڪو ڪونه لاٿائين.



سيٺ هر چندراءِ وشنداس ۽ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي يورپ جي دؤري تي.

# تقريرون ۽ تحريرون
# رئيس غلام محمد ڀرڳڙي

## بڌر تاريخ ٨ آگسٽ ياد ڪجو

**اچجو**     **ضرور اچجو**     **سڀ اچجو**

هندستان سان **ڪيميا** جي سوال ۾ بي انصافي ٿي چڪي. هندستان جي موتمار بي عزتي ٿي ويئي. نهايت ڏره جو موقعو بڻجي رهيو آهي هي، وقت آهي ته اسين سڀئي ملڪ جا ماڻهو گڏجي پنهنجي ڏل ظاهر ڪريون. تنهنڪري سڀني شهر واسين کي عرض آهي ته هندو مسلمان، نرم گرم، قطع تعلقاتي غيرقطع تعلقاتي سڀ حاضر اچي بڌر تاريخ ٨ آگسٽ جي ٦ بجي شام جو هندو آفيس وٽ شاهي **سرڪس** لاءِ شامل ٿين ۽ پوءِ شام جو ساڍي [illegible] ۾ **ميٽنگ** ۾ شريڪ ٿين

**قاضي عبدالرحمان**     **چينمل پرسرام**     **غلام محمد پيرگري**

پريزيڊنٽ     پريزيڊنٽ     پريزيڊنٽ

ڪانگريس ڪاميٽي     نئشنل هوم رول ليگ     سوراج سوسائٽي

**هيمنداس فتح چند**     **بولچند ڪوڏومل**     **سنتداس منگهارام**

سيڪريٽري     سيڪريٽري     سيڪريٽري

ڪانگريس ڪاميٽي     نئشنل هوم رول ليگ     سوراج سوسائٽي

---

چندرڪانتي پريس شاهي بازار نزديڪ فقير جو پڙ حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو

هڪ پمفليٽ جو عڪس

# سنڌ اسپيشل ڪانفرنس جي
# مرحبائي تقرير

.[هيءَ تقرير رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ (گهٽو ڪري 1917ع) ۾ حيدرآباد ۾ منعقد ٿيل سنڌ اسپيشل ڪانفرنس جي مرحبا ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي حيثيت ۾ پڙهي جيڪا "الامين" اخبار جي سپليمينٽ طور شايع ڪئي وئي هئي - سهيڙيندڙ]

ڊيليگيٽ ڀائرو ۽ پيارا صاحبو

مرحبا ڪاميٽيءَ پاران مان اوهان صاحبن کي ڀليڪار ٿو ڪريان ۽ اوهان جو ڏاڍو احسان مند آهيان جو اوهين تڪليف وٺي اڄ هتي هن ڪانفرنس ۾ تشريف فرما ٿيا آهيو. مان سمجهان ٿو ته اوهان جي رهڻ جوبندوبست اهڙو خاطريءَ جهڙو نه ٿي سگهيو هوندو جهڙو هئڻ گهرجي، پر انهيءَ لاءِ مان توهانجو معافي طلب آهيان، منهنجو اوهانکي عرض آهي ته انهيءَ تي چشم پوشي ڪري اسانجن دلين ڏي نظر ڪريو.

صاحبو اوهان کي معلوم آهي ته اڄوڪي ڪانفرنس تمام ضروري ڳالهه لاءِ ڪوٺائي وئي آهي، پر انهي ڳالهه جي ذڪر ڪرڻ کان اڳ ۾ اسان تي فرض آهي ته شهنشاه سڳوري لاءِ وفاداري ظاهر ڪريون ۽ انگلينڊ جي سرڪار کي پڪ ڏياريون ته اسين هميشه اوهان سان بانهن ٻيلي آهيون، خاص ڪري هن سخت لڙائي جي وقت ۾ انهيءَ ۾ انگلينڊ تن سالن کان به وڏيڪ اڪٿ خزانو خوب خرچي چڪو آهي. انگريز ڪنهن لالچ مان هن جنگ ۾ ڪونه گهڙيا آهن، هنن جو ترار مياڻ مان ڪڍي، ٻاهر ڪئي سو رڳو انهيءَ لاءِ ته ملڪي انصاف، آزادگي خود حڪومت جي مشن کي موت کان بچائين ۽ ننڍين ۽ مظلومن قومن کي وڏين ۽ ظالم قومن جي چنبن کان ڇڏائن. لڙائي جو جذبو اڄ ڏينهن تائين ڍرو ڪونه ٿيو آهي. هندستان به چڱو موڪيو آهي. سلطنت واسطي هر ڪنهن نموني جي قرباني ڪئي اٿس. نه فرض ادائيءَ جي خيال سان پر

پياري ۽ وفاداري جي خيال کان اجا تہ پتوئي ڪونہ ٿو پوي تہ ڪڏهن جنگ پوري ٿيندي جيسين انصاف آزادگي ۽ خود حڪومت جي مشن جي فتح آ تيسين ماٺ ٿيڻ جي ڪانهي. انهيءَ ڪري اسان جي مٿان فرض آهي ۽ حق آهي. تہ انگلينڊ کي فتح حاصل ڪرڻ ۾ دل وجان سان هر ڪنهن قسم جي مدد ڪريون ۽ هميشہ اسان کي اها دعا پنڻ گهرجي تہ طرفدارن جي سوڀ ٿئي.

صاحبو! هاڻ آءُ هن مجلس جي مقصد نسبت چوندس. اوهين ڏسندا تہ اسانجي هتي ڪٺي ٿيڻ جو مطلب آهي تہ اسانجي پرڳڻي جي بهبودي ڪيئن ٿئي. آءُ ڀانيان ٿو تہ اهو مطلب چڱي طرح حاصل ٿيندو جيڪڏهن اسان هندستان جي عام حالتن جو ويچار ڪنداسين. صاحبو اوهانکي معلوم آهي تہ جنگ بعد سلطنت جي نئين سرجوڙ جڪ ٿيڻي آهي، انهيءَ تجويز ۾ هندستان حصي جو طالبو آهي انهي حق جي اپٽار هندستان جي ٻن مکيہ جماعتن، انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ خوب چڱي طرح ڪئي آهي انهي حق جا بہ پاڱا آهن هڪڙو پاڱو آهي تہ سرڪار اشتهار ظاهر ڪري تہ هندستان جي آئنده حڪومت جو نمونو ڪهڙو هجي ٻيو پاڱو هي آهي تہ جنگ کانپوءِ ڪهڙا سڌارا حڪومت ۾ ٿيڻا آهن ڪهڙيون گهرون اسانجون آهن سي پلي هند جاٽايل آهن. هنن هي ٺهراءُ پاس ڪيو تہ "اها حقيقت آهي تہ هندستان جون وڏيون قومون قديم زماني جون وارث آهن جن جي حڪمراني ۽ عملداري ڪرڻ جي لياقت عالم آشڪار آهي، انگريزي سلطنت جي راڄ جي سو ورهين ۾ تعليم ۽ وطن جي خذمت ڪرڻ ۾ جا هنن ترقي ڪئي آهي تنهنجو جڏهن خيال ٿو ڪجي، ۽ جڏهن اهو پڻ خيال ٿو ڪجي تہ هلندڙ حڪومت جو طريقو ماڻهن جي واجبي اُميدن کي بہ راضي نٿو ڪري ۽ ماڻهن جي گهرجن ۽ حالتن موجب نہ آهي، تن بيانن بعد هن ڪانگريس جو اهو رايو آهي تہ هينئر وقت آيو آهي تہ شهنشاه سلامت هڪ اشتهار پڌرو ڪري تہ انگريزن جو ارادو ۽ مراد اها آهي تہ جلدئي هندستان کي خود حڪومت مهيا ڪجي.

(ب) تہ هي ڪانگريس گهري ٿي تہ خود حڪومت جي باري ۾ اهڙو پورو قدم کڻجي جنهن موجب هي رٿ جا ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي ڪاميٽي ٺاهي آهي تنهن ۾ جيڪي سڌارا ڄاڻايل آهن سي بحال ڪيا وڃن.

(پ) تہ سلطنت جي نئين سر جوڙجڪ ۾ هندستان زبردستي جي درجي کان ڪڍي سلطنت جي ٻين پاڱن سان شريڪ ٿئي.

منهنجو اهو ارادو نہ آهي تہ مان انهن سڌارن جي باريڪ اپٽار ڪريان. اها تجويز هر ڪنهن جي ملڪيت آهي ۽ انهيءَ جي اپٽار جي ضرورت نہ آهي، منهنجو مطلب هن ڳالهہ تي زور ڏيڻ جو آهي تہ هي فقط ابتدائي گهر آهي. گهربل سڌارن جي پهرين قسط آهي ۽ اسانجي حقن جي گهٽ ۾ گهٽ

طلب آهي. انهيءَ تجويز ۾ جيڪي سڌارا ٻڌايل آهن تن کان ڪجهه گهٽ ٿيندو تہ اسين راضي رهڻ وارا ڪين ناهيون. پر انهن مڙني سڌارن جو ملڻ بہ اسان کي ڪين هميشہ تائين راضي ڪندو پر فقط حال في الحال آٿت ٿيندو. ڇوتہ اهي سڌارا فقط ڪجهه حصو آهن اجان تہ اسانجي حقن جو ڀهريون ڏاڪو آهن. اسانجو پورو حق آهي سلطنت جي اندر سوراج. جهڙو سوراج ٻين ٻئنڪن ۾ پڻ آهي. انهي سوراج جي هي معنيٰ آهي. "خود حڪومت جو پورو پورو ڀهرو ۽ سلطنت ۾ رهندڙ ٻين ڀاتين سان هم شراڪت. جي ڀاتي سڀ گڏجي هڪ شاهي ڀائپي برطانيا (برٽش) جي ڇٽ هيٺ بنائين. اهو آهي اسانجو مطلب جڏهن اسين هوم رول يا خود حڪومت ٿا گهرون. انهيءَ خود حڪومت يا هوم رول جو اهو اصل مطلب نہ آهي تہ برطانيہ جي باقاعدي بالائي نہ هجي، يا ڪو برٽش راج کان جدا ٿجي. ائين چوڻ تہ اهو آهي هندستان جي ماڻهن جو ارادو يا انهن جي خواهش، تنهن کان وڌيڪ ٻي ڪا باطل يا واهيات ڳالهہ نہ ٿيندي انگلنڊ توڙي هندستان ۾ جاڻو ماڻهو انهيءَ ڳالهہ کان بلڪل چڱي طرح واقف آهن.

مثال- سر فوئنسز ينگ هسبند تازو انهيءَ باري ۾ هڪ ميٽنگ اڳيان هي لفظ چيا تہ "هيءَ ڳالهہ دل سان چڱيءَ طرح هنڊايو تہ هندستان جي اڳواڻن ۾ سندن بي شمار ماڻهن جي رتي جيتري بہ خواهش ڪانہ آهي تہ انگليند سان ناتو توڙي ڇڏيون. جدائي سندن نيت نہ آهي پر سوراج. البت خود حڪومت هو گهرن ٿا پر خود حڪومت سلطنت جي اندر نہ ٻاهر." صاحبو! هاڻي اچو تہ ڪجهه وقت ويچاريون ۽ غور ڪريون تہ ڪهڙا سبب اسانجي خود حڪومت جي گهرڻ جا آهن. سبب هي آهن تہ اسين سمجهون ٿا تہ انهن سڌارن مان اسانکي عظيم فائدا ٿيندا. سوراج مان سلطنت کي فائدو رسندو. انهي ڪري اسانجو برطانيا سان ناتو قابو رهندو. جو ناتو ڪڏهن نہ ٽٽڻ وارو آهي ڇو تہ انهي جو دائما بنياد ٻڌل رهندو. هڪ ٻئي سان محبت ۽ هڪ ٻئي لاءِ عزت تي ۽ ڪاروبار بہ انهيءَ ڪري سڌرندو. ماڻهن جي ارادي موجب حڪومت هلندي. حڪومت جي عملدارن تي ماڻهن جو ضابطو ٿيندو. هينئر جو عملدار اعليٰ حڪمرانيءَ جي ٿلهي تي ويٺل آهن. سي انهيءَ ٿلهي تان هيٺ لاٿا ويندا ۽ پوءِ پنهنجي واجبي درجي تي رکيا ويندا ۽ ماڻهن جي ضابطي هيٺ رهندا ۽ هنن سان جوابدار ٿيندا.

خودُ حڪومت جي ڪري اسان کي اُهي ڪاروباري ۽ قاعدن جون مجلسون ملنديون جن ۾ سچ پچ ماڻهن جا عيوضي هوندا ۽ جي عام ماڻهن ڏانهن جوابدار هونديون. سوراج جي وسيلي سان اسين پنهنجي بچاءَ جو بلو پيٽي ڪري سگهنداسين ۽ هڪ قومي حفاظت جو لشڪرِ ناهبو ۽ ماڻهن کي هٿيار ڏنا ويندا. خود حڪومت جي وسيلي ڏلن ۽ رياست جي خرچ تي ضابطو رهندو

۽ زمينداري طريقو همدردي ۽ انصاف وارو ڏيندو. هندستان جا هنر وڏندا ۽ واپار ويجهندو عام تعليم ڦهلبي ۽ ڪاروباريءَ عدالتي ڪم هڪ ٻئي کان جدا ڪيا ويندا. اهي سڌارا اهڙا آهن جن نسبت عام راءِ آهي تہ ضرور ڏيڻ کپن جي سڌارا عام ماڻهن سالن کان پئي گهريا آهن. انهن سڌارن مان ماڻهن کي عظيم فائدو پهچڻو آهي، ۽ اهي سڌارائي فقط دوا آهن جن کي عمل ۾ آڻڻ سان اُهي ڪل عيب لهي ويندا، جن حڪومت جي شڪل بدزيبي ڪري ڇڏي آهي. صاحبو! مان ڀانيان ٿو تہ ڪي خوفناڪ اجايا وهم جي ڦلايل آهن سي لاهيان، اهي وهم عملدارن ۽ سندن پوئلڳن ۾ عام آهن، اهي وهم ئي آهن جن هوم رول هل چل جي مثان حقو بہ ناحقو ڪڪر بهاري ڇڏيا آهن. فقط ٿوري جاچ بعد خبر پئجي ويندي تہ جيڪي اعتراض جي عام ريت تا اٿارڻ ۾ اچن سي بلڪل بي بنياد آهن ۽ اهي اعتراض هڪ عظيم روحاني هل چل کي هاڃو رسائڻ جي ڪوشش تا ڪن.

پهريون اعتراض هي ڏيڻ ۾ ٿو اچي تہ هوم رول واجبي حق نہ آهي، تہ اها گهر بيهودي آهي ۽ نئين آهي ۽ اوچتي آهي. منهنجو مطلب آهي تہ خوفناڪ ڦيرون گهيرون ڏين ۽ چالو طريقي کان ڇني ڦاري ويهجي. هاڻي هي اعتراض يا تہ باايمان آحي يا تہ بي ايمان آهي. جي بي ايمان آهي تہ تڏهن تہ انهي جو خيال ڪرڻ بہ چُڪ آهي. پر جي باايمان آهي تہ تڏهن ثابت ٿو ڪري تہ انهن اعتراض اٿاريندڙن ۾ هن ملڪي هل چل جي تواريخ بابت نهايت گهڻي اڻ واقفيت ۽ موركتائي آهي. اهڙن باايمان نڪتہ چينن لاءِ آءٌ هڪ گفتو چوندس جو عام آهي پر اهڙو تہ سچو آهي جو ٻيل وري وري چئجي. اُهو گفتو هي آهي تہ خود حڪومت جو حق قدرت جي انصاف جي ابتدائي اصولن تي ٻڌل آهن ۽ هر ڪنهن انسان جو ڄم کان حق آهي. اهو حق ٻڌل آهي اُنهي انصاف ۽ آزادگي جي اصولن تي جن لاءِ برطانيا کي فخر آهي. انهي حق جي بحالي بي شمار انگريزي،مدبرن ڪئي آهي. انهن حقن جي بحالي خود انگريز سرڪار ڪئي آهي ۽ جنهن انهي باري ۾ پئي عمل ڪيو آهي، جنهن لاءِ ماڻهو شڪر گذار آهن پر رڳو چون ٿا تہ ڏاڍو ڍرو عمل ٿو ٿئي. هي حق اهو آهي جنهن جي وقت بہ وقت نئشنل ڪانگريس ۽ مسلم ليگ پئي گهر ڪئي آهي.

ٻيو اعتراض هي ورتل آهي تہ "هوم رول جي گهر حد کان ٻاهر آهي. ڇو؟ اهو حق آهي آزادگيءَ جو . پوءِ تڏهن آزادگي" گهرڻ ۾ ڪا بيهودي ڳالهہ آهي؟ جا آزادگي سمجهو ۽ آزمودگار ماڻهو گهرن ٿا انهيءَ کان گهٽ ٻي ڪا گهر ڏيندي؟ انگلينڊ جا ماڻهو پنهنجي لاءِ ڪجهہ گهٽ تا گهرن ڇا؟

ٻئنڪون انهن کان گهٽ ڏيون گهر ڪن ڇا؟ ائين ڪين آهي ڇا تہ آزادگي برطانيہ جي قومي زندگيءَ جي حياتي آهي؟ ائين نہ آهي تہ سندن

قوميت جو آڌار آزادگي آهي؟ برطانيہ جو وڏيڪ بيو ڪهڙو جلوو آهي ۽ ڪهڙي ٻي اوچي پتاڪ آهي؟ هو ائين ٿي چون ٿا تہ آزادگي لاءِ اسانکي اوچو عشق آهي. انگريزن جي تواريخ آزادگي لاءِ بنا بيهڪ ڪوشش ۽ پاڻ پتوڙڻ نہ آهي تہ تڏهن ڇا آهي؟ اها تواريخ هر ڪنهن ظلم ۽ زبردستي جو مفيد علاج نہ آهي تہ تڏهن ڇا آهي؟

اول پڌايو تہ هي جنگ جا دنيا کي ٿي گهتي ماري تنهن ۾ انگلينڊ جي ڪهڙي مراد آهي؟ اها ڪين مراد اٿيس تہ آزادگي جي پاڪ جاءِ کي نابود ٿيڻ کان بچايان. هي جنگ اصولن جي جنگ نہ آهي تہ تڏهن بيو ڇا آهي؟ هندستان انگلينڊ کي انهن اصولن جي فتح حاصل ڪرڻ لاءِ مدد ڪانہ ڏني آهي ڇا؟ پنهنجي حياتيءَ جو خون ڪونہ وهايو آهي؟ پوءِ تڏهن هندستان کي ائين چوڻ ۾ ايندو ڇا تہ اُهي اصول جن لاءِ هن خون خرچ ڪيو آهي ۽ موت قبوليو آهي سي اصول هندستان لاءِ نہ آهن؟ اهو جواب برطانيہ جي عام قوم هندستان کي ڪونہ ٿي ڏئي. اها ئي عام قوم آهي جا هندستان جي سوراج جي حق لاءِ ڏئنندي آئي آهي. ۽ هندستان جي پٺ پرائي ڪري بيٺي آهي. انهيءَ لاءِ هندستان سندس شڪر گذار آهي. خود برٽش سرڪار بہ هندستان کي وري پٺي پڪون ڏنيون آهن تہ منهنجو ناتو هندستان سان آهي امانتداريءَ جو ۽ منهنجي اها امانت منهنجي لاءِ پاڪ آهي ۽ منهنجي زندگيءَ جو اهو مکيہ مقصد آهي تہ آءٌ هندستان کي قومي منزل تي پهچڻ ۾ واهُرَ ڪريان.“

ٽيون اعتراض هوم رول بابت اهو آهي تہ انهي گهر جو وقت اڃان پورو نہ آيو آهي . جڏهن ڏسن ٿا تہ اصل انهيءَ خود حڪومت جي حقن کان نابري وارينداسين تہ ڳالهہ پوري نہ بيهندي، تڏهن تہ ملمعو ٻڌي نئون قسم نابري جو اختيار ڪيو اٿن. تہ اڃان وقت نہ آيو آهي، اڃان اهو حق اوهانجو ڪين آهي.

اڳي اهو بہ ڪونہ ٿي قبول ڪيائون تہ اسانکي رتي جيترو حق آهي. پر هاڻي ٿا چون تہ حق اٿئون پر اڃان اهو حق ڪچو آهي. ائين آهي ڇا؟ اسين خود حڪومت جا اڃا لائق ڪو نہ ٿيا آهيون ڇا؟ اسين جي دنيا جي قديم ۾ قديم سڌاري جا وارث آهيون، اسين جي اُنهن جي پٽدائش آهيون جيڪي جنهن وقت مغرب جهنگلپٽي ۾ غرق هو تنهن وقت ۾ علميت لاءِ مشهور هوا سين، جنکي جڏهن جڏهن پٽي وجهہ مليو آهي تڏهن پنهنجي لائقي حڪومت ۽ ڪاروبار ۾ ثابت ڪئي آهي نہ رڳو اها لائقي اسانجي انگريزن کان اڳي ظاهر هئي پر هينئر پڻ ڏيهي رياستن ۾ ظاهر آهي. اسين اُهي آهيون جن مان اهڙا انسان پٽدا ٿيا آهن جن جي پيٺ دنيا جي ڪهڙن بہ ملڪي مدبرن سان ٽي ٽي سگهي، اسين اُهي آهيون جن کي تواريخ جي شروعات ۾ ڳوناٽيون پٽچائيتون هيون جن ۾ خود حڪومت جو پهريون ٻج آهي ۽ جو پٽنچائيتن جو سرشتو

زماني جي گردش کان سالم رهي هلندو آهي. اسين اُهي آهيون جن ۾ قديم زماني کان چوندبيل بادشاهہ جو سرشتو هو جو سرشتو اڄ پڻ هت قائم آهي. ڏسو اسلام جو سرشتو. اسلام ڇا آهي؟ اسلام اُهو سرشتو آهي جو چئجي ڪٿي تہ دنيا ۾ رعيتي راڄ جي روح جو مظهر آهي. خليفو اسلام جو روحاني وڏو اوائل ۾ ماڻهن جي چونڊ سان انهيءَ درجي تي مقرر ٿيندو هو. اسين انهيءَ خود حڪومت جا لائق نہ آهيون باقي فليپائينس جا رهاڪو ۽ گوئا جا رهاڪو لائق سمجهيا ويا آهن! جي اسين لائق نہ آهيون تہ تڏهن ڪيئن لائق ٿينداسون؟ ڪير اسانجي لائقي جو وقت مقرر ڪندو؟ انهي جو فيصلو اهي ڪندا ڇا جن جو اسانجي لائقي جي نابري وارڻ ۾ اسانکي پنهنجي حقدار ورثن کان محروم رکڻ ۾ مطلب آهي؟ اهو ڪم جو اسانکي اوهانجي نظر ۾ لائق ڪندو تنهن کان اسين پري رکيا ٿا وڃون تہ تڏهن پوءِ ٻڌايو اسين ڪيئن لائق ٿينداسون؟ لارڊ مئڪالي هڪ دفعي چيو تہ اهو فيصلو ڪرڻ تہ ماڻهو جيستائين ثابت ڪري ڏيکارين تہ خود حڪومت جا لائق آهن تيستائين هنن کي خود حڪومت نہ ملي، اهو ٺهراءُ اهڙو سياڻپ جو آهي جهڙو ڪي ٺهرائڻ تہ جيستائين ڪو ترڻ نہ سکي تيستائين پاڻيءَ ۾ نہ گهري! اهڙي طرح اسانکي چون تہ لائقي ثابت ڪريو ڪنهن بہ ثابت ڪرڻ جي وجهہ ڏيڻ کانسواءِ. ساپہ ڳالهہ ناشدني آهي. خير انهي ۾ عملدارن جو مطلب آهي. اسانکي عيوضي حڪومت انهي ڪري نٿي ملي جو چوڻ ۾ ٿو اچي تہ اسان لائقي ثابت نہ ڪئي آهي. ساڳئي وقت اها خبرداري ونيو ڇڏين تہ هنن کي اهڙو وجهہ نہ ملي جو هي پنهنجي لائقي ثابت ڪن. وري ٻيو اعتراض هي ونڻ ۾ ايندو آهي تہ عام ماڻهو ٻي علم آهن تہ هو پاڻ بچائي نٿا سگهن تہ هو هڪ ٻئي سان نفاق رکندڙ آهن تہ هو گڏجي ڪا صلاح مصلحت ڪو ٻيو ڪم ڪري نٿا سگهن. هاڻ ٻڌايو تہ سهي تہ ماڻهن جي ٻي علميت لاءِ جوابدار ڪير؟. هنن جي لاچاري يا نڪمائي لاءِ جوابدار ڪير؟ ڪنهن مفت ۽ زوري تعليم جي بل کي ٽوڙي وڌو؟ ڪنهن هٿيارن ٻنوهارن جو ائڪٽ ٺاهيو؟ اهو انصاف آهي جو اسانجي ڪمزوري جو سبب بہ ٿجي ۽ پوءِ برخلاف بہ اسانجي اهي سڀ گهٽتايون. ائين ڪيو آهي تہ اهي گهٽتايون پاڻ هوم رول گهرڻ لاءِ سبب آهن؟ ڪين انهن گهٽتاين ڪري عملدار ٿا هوم رول ڏيڻ کان نابري وارين! انهن مان پاڻ هوم رول جو ڪيس ثابت آهي ڪين اهي هومَ رول جي خلاف سبب آهن؟ پر خير ڪيترا بہ ڪٿي هوم رول جي برخلاف خود غرض ماڻهو هجن پر اسان تہ خود حڪومت لاءِ پنهنجي لائقي ثابت ڪري ڏيکاري آهي. ثابتين مان هڪڙي ثابتي آهي اسانجو "اهڙي زور سان هوم رول گهرڻ". مشهور مسٽر ها بهائوس هڪ ڪتاب رعايتي راڄ جي باري ۾ "Democracy&Reaction" نالي 1905ع ۾ ڇپيو آهي جنهن ۾ هيٺيون

ڳالهيون ٿو ڪري "برابر آهي تہ مشرق ڪي خود حڪومت جا هو گهري ٿو تنهن جي لائقي اجا ثابت ڪرڻي آهي. پر انهيءَ باري ۾ ملڪي مدبر ۽ خيالي مڙس عام ريت يڪراءِ ٿيا آهن تہ خود اهڙي قسم جي گهر جيڪڏهن سچي آهي ۽ جنهن صورت ۾ سندن آزمودو اجان ظاهر ڪونہ آهي، تنهن صورت ۾ خود اها سندن گهر پهرين ۽ نهايت عمدي ثابتي آهي هنن جي لائقي جي. ماڻهو خود حڪومت هلائڻ جا لائق ٿيندا يا نہ ٿيندا تنهن جو پهريون شرط اهو آهي تہ هو انهيءَ خود حڪومت جا شائق هجن. هڪڙو شرط آهي تہ اها خواهش منجهن هجي، تنهن سان گڏ منجهن پنهنجي قدر جي شناخت پئدا ٿيل هجي. ڏاري سرڪار جي دٻائڻ تي هو رنج ٿيندا هجن، تڏهن ياد ڪرڻ گهرجي تہ اهي حالتون موجود آهن جن ۾ آزادگي رهي سگهي ٿي. انساني طبيعت جي علم جا واقف چون ٿا تہ جيڪڏهن بہ پنتي پيل ماڻهن تي اهڙي قسم جو ملڪي سرشتو زوري مڙهبو جنهن سرشتي ۾ اوچي ۾ اوچي انصاف جا اصول درج ٿيل آهن تہ پوءِ ضرور خوفناڪ نتيجو نڪرندو. اهڙي ترقي درجہ بہ درجہ آهستي ٿي سگهي ٿي. دليل واجبي آهي، پر تنهن مان ثابت آهي تہ جنهن وقت ماڻهن ۾ ڪنهن اوچي سرشتي جي سجاڳي ٿي، تنهن وقت مٿيون متوا انهن سان لڳي نٿو سگهي. انهيءَ وقت ڪان ونئي پاڻ لائق مدبرن جو فرض آهي تہ اهڙي جاڳيل روح کي پاڻ زور وٺائين پوءِ پل کٽي سندن حڪومت ۾ ٻتي تڪليف ٿئي.

اهڙيون حالتون اسان جي هندستان جي حڪومت اڳيان پيش آهن. هندستان جي سرڪار اڳيان خيالي اصول ڪونہ آهن پر هن جي آڏو حقيقي حالتون آهن. هاڻي اسانکي اهي ڪونہ ڳالهيون ڪرڻيون آهن تہ هندستان جي ماڻهن سان مغربي اصول ڪيئن لڳائبا. پر اسانکي اهي سهولتون ڪرڻيون آهن جن ۾ اهي متا جي هندستان قبول ڪيا آهن سي پوريءَ طرح عملي صورت وٺي سگهن. اهڙو ڪم اسانجي مدبرن اڳيان آهن جنهن مان هنن جي آزمائش ٿيڻي آهي تہ هو سچ پچ ڪيتري قدر آزادگيءَ جي ٿلهي تي بيهڻ لائق آهن."

هوم رول جي خلاف اهو بہ اعتراض اٿارڻ ۾ اچي ٿو تہ اهو حق رڳو ڪي خود غرض تعليم يافتہ ٿا گهرن، جي نهايت ٿورا آهن. پر ائين اصل نہ آهي. چاڪاڻ تہ مون اوهان کي چيو تہ عيوضي ۽ جوابدار حڪومت جو پهريون اصول اهو آهي تہ عام ماڻهن جو ضابطو ٿئي. اهو ضابطو سڌو رکي ڪونہ سگهندا پر پنهنجن عيوضين جي وسيلي هو هلائي سگهندا. ۽ ياد ڪرڻ گهرجي تہ اهي عيوضي خود ماڻهو چونڊيندا جي البت تعليم يافتن مان هوندا. ائين چوڻ تہ پڙهيل پنهنجن ماڻهن جا عيوضي نہ آهن سا ڳالهہ آهي عيوضي حڪومت جي اصول کي نابود ڪرڻ. اهو بہ ڪو سوال آهي ڇا تہ هو قوم جا ٻاتي نہ آهن. هو پنهنجي ماڻهن جي پئدائش آهن، پنهنجي ماڻهن ۾ نپنا آهن،

ناراضپو اهو ٿئي. ۽ وڌي ته نازڪ ڳالهه اها آهي جو اهو ويڇو وچي وڌندو جنهن ۾ سرڪار توڙي ماڻهن ٻنهي جو نقصان آهي. انهي جو نتيجي اهو ٿيو آهي جو عملدارن جي لهه وچڙ ويتر ماڻهن سان وچي ٿي گهٽ ٿيندي قدرت توڙي تواريخ ڏيکاري ٿي ته ماڻهن جي دماغ ۽ دل کي قبض ڪري ڪين سگهبو. انهي طرف جي ڪوشش مان ڪا به فتحيابي ڪا نه حاصل ٿيڻي آهي، پر اٿلو منجهائس نقصان ٿيندو. ڪنهن به هنڌ جتي ماڻهن جي آزاد خيالي تي دٻر دونس هلائي ويئي آهي ته اُتي هميشه خرابي پئدا ٿي آهي. ورزش نه هئڻ سبب اول بيماري پيدا ٿي ٿئي پوءِ ته نا بردي حاصل ٿئي ٿي. راست خيالي جي جاءِ تي بي ايماني َهلجي ٿي ۽ پوءِ ته نتيجو اهو ٿيو پوي جو جنهن طرف عملدارن جي رڙاءِ ٿئي ٿي تنهن طرف پڳ جو پيچ پيو وري. جيڪي عملدارن جي مهرباني جا گهر جائو آهن ته قبض ٿي ڪنڌ جهڪائڻ ۽ گوڏو نوائڻ ۾ ويرم ڪانه ٿا ڪن، هو پوءِ راه راست ۽ راست گوئي ڇڏيو خوشامند کي چنبڙيو وڃن ۽ پوءِ هڪ قسم جي ماڻهن جو هڪ فرقو ٻنجو پوي جن کان پنهنجي عزت جو خيال ڇڏايو وڃي ۽ جن کي سچ جو ڪو خيال ڪونه رهي ۽ جي پنهنجي ڀائرن جي حقن جو به خيال ڪونه ڪن ۽ پنهنجي خودغرضيءَ جي مطلب لاءِ ٻين جا واسطا ۽ حق قربان ڪيو ڇڏين. اهو فرقو نه ڪنهن جو عيوضي آهي نه ڪنهن سان جوابدار آهي، پر پنهنجي خودغرضيءَ لاءِ آهي، ڪنهن به قسم جو اخلاق منجهس موجود نه آهي. اهڙا ماڻهو نه رڳو قوم لاءِ بيڪار آهن پر انهي کان به ابد آهن. اُهي بدن جو هڪ مريض ۽ بدشڪل عضوو آهن، جنهن کي جڳائي ته ساري بدن جي صحت لاءِ ڪپي ڦٽو ڪجي. اها پڻ ڳالهه صفا پئي آهي ته ماڻهو اهڙيون ڪنيون آڱريون جلد ڪپيو ڦٽو ڪريو جين اهڙا ماڻهو جن کي ماڻهو ٽالهيون لاهيو ڇڏين تن کي عملدار ماڻهن جا مکه سمجهن ٿا ۽ اهو خيال ڪو نه ٿا عملدار ڪن ته اهي ماڻهو پئداش ئي آهن سندن مرادن جا مان. افسوس سان ظاهر ٿو ڪريان ته ماڻهن جي دلين تي ڪن هنڌن ۾ اثر ويٺل آهي ته هيَ هوم رول جي برخلاف هل چل يا ته عملدران پئدا ڪئي آهي يا هُو انهي جي پٺ پرائي ٿا ڪن، ۽ ته انهي برخلاف هل چل ۾ ڀهرو ونڻ آهي جلد بجلد عملدارن جي مهرباني کي حاصل ڪرڻ. منهنجي نظر ۾ اها ڳالهه ايترو وزنائتي نه آهي. ته اهو اثر ڪيتري قدر سچو آهي يا ڪوڙو آهي پر اهڙو اثر آهي سا ڳالهه منهنجي نظر ۾ نازڪ آهي. عملدار اهڙي هلت رهن جنهن مان اهڙو اثر ماڻهنَ جي دلين تي پئدا ٿئي سا ڳالهه بلڪل ڏک جهڙي آهي. پوءِ اهو اثر ڪٿي واجبي هجي يا نه هجي. هڪڙي ته ڳالهه انهيءَ مان ثابت آهي ته يا ته عملدار زماني جي حال کان بلڪل نا واقف آهن، يا ته جاٽي واٽي پاڻ کي پري ٿا رکن. اهڙي طرح جي هلت سياٽپ جي نه آهي. حقيقتن جو خيال به نه ڪرڻ. حقيقتن اڳيان اکيون پوري

هوم رولر ڪونه ڪڏهن گهريو يا چاهيو آهي ته سرڪار تهه طلب هيئنر جو هيئنر هندستان ۾ هوم رول جاري ڪرڻ فرمائي. ان جي تقاضا بلفعل هيئنئن آهي ته جنگ ختم ٿيڻ بعد جڏهن ساري سلطنت جي جوڙجڪ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ويندو تڏهن هندستان کي به خود حڪومت جائي ملندي تنهن لاءِ اسانکي تياريون اڳيئي پوريون پوريون ڪري ڇڏڻ مناسب آهن ۽ ان نسبت رٿون ناهي پيش ڪرڻ لاءِ تيار رهڻو آهي. ياد هئڻ گهرجي ته انهيءَ پر جا اعتراض سمجهو ۽ سڏريل طرف جي ماڻهن کان اصل نه اٿاريا ويا آهن. جنهن جي ثبوتي هي ڪافي آهي ته انگريزن جا بيا خود حڪومتي بئنڪن وارا ملڪ هاڻوڪي هڪ وزير مسٽر بونرالاجي صلاح تي لڳي پنهنجي لاءِ ضروري حق خوب گهري رهيا آهن ۽ انهن اعتراضن کي باقي هن ڪري به پنجو اڇي ويو آهي جو خود انگلينڊ جي سرڪار هندستان جي حڪومت ۾ جنگ هلندي به هندستان جي حڪومت ۾ سڌارا ڪجهه قدر ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي. انهيءَ سندن سياڻپ ۽ مدبريءَ ڪري جو تازو هائوس آف ڪامنس ۾ ظاهر ڪيائين ته هندستان جي حڪومت نسبت سرڪار جا فلاڻا خيال ۽ متا آهن. تن هندستان ۾ جو هيڏي بي آرامي ۽ جوش هو تنهن کي حال في الحال ناپر ڏيئي ڇڏي آهي.

هاڻ اچو ته ويچاريون ته اسين تهه طلب کهڙا سڌارا ٿيڻ ٿا چاهيون. ياد هئڻ گهرجي ته اهي سڌارا اسان جيڪي سڀ گهريو آهي تنهن جي پهرين قسط آهن ۽ خود حڪومت جي ماڙيءَ تي چڙهڻ ڪاڻ فقط شروع جا ڏاڪا آهن. اسين شروع ۾ هاڻ هي سڌارو ٿيڻ ٿا گهرون ته حڪومت جي ڪاروبار ۾ خود رعيت جي ماڻهن جو چڱو چوکو هٿ ۽ اختياري هئڻ کپي. تنهن ڪاڻ ضروري آهي ته سڌو ماڻهن سان جوابدار حڪومت جو چرخو قائم ٿئي. اسين نٿا گهرون ته فقط حڪومت ۾ هيڏانهن هوڏانهن خسيس ڪا تبديلي ڪئي وڃي پر حڪومت جو طريقو اهڙو رٿي بيهارجي جنهن ۾ عام رعيت جي چونڊيلن عيوضين ۽ ماڻهن جو سچي ۽ پوري اختيار ۽ ضابطو قائم رهي. اسانجو جهيڙو ڪو ڪن مخصوص ماڻهن سان ڪونهي. پر اسانجو اعتراض حڪومت جي هاڻوڪي سرشتي تي آهي. عملداري حڪومت (بيورو ڪرسي) ختم ٿئي ۽ انجي جاءِ تي ماڻهن سان جوابدار حڪومت جاري ٿئي. ماڻهو هاڻ حڪومت جي نموني ۾ سچي پچي ۽ جيئري جاڳندي تبديلي ٿا چاهين. نه مٿاچري ۽ نه نالي جي مٽ سٽ ۽ ڦير ڦار — جيڪڏهن ساڳيو حڪومت جو چرخو قائم ڪيو ويو ۽ ڪي ٿوريون بي ضروري ڦير ڦارون حڪومت ۾ ڪيون ويون ته اصلي کهڙي ڪار ۽ ڪم جون ٿينديون؟ پر جي خود چرخو حڪومت جو بنياد کان بدلايو ويو ته پوءِ عهديدارن ۾ ڪا ڦيرڦار يا تبديلي نه ٿي ته فڪر نه آهي تنهن ڪري اها ڪن ماڻهن جي سمجهه غلط آهي جو ٻيا چون ته اسانجي

خواهش آهي تہ حڪومت جون واڳون يوروپين ڪان ڪسي هندستاني پنهنجن هٿن ۾ رکڻ ٿا چاهين، اهڙو خيال ڪنهن جو بہ ڪونهي. اها مراد رکڻ عبث ٿيندي ڪٿي سمجهو تہ سڄي حڪومت جو ڪم هندستانين کي تو سپرد ڪيو وڃي پر جيڪو حڪومت جي چرخو هاڻ مروج آهي سو ساڳيو ئي تو رهي تہ پوءِ ڪونہ چئبو تہ ڪو سڌارو ٿيو. مگر جيڪڏهن خود حڪومت جي طرز ۾ اسانجي خواهش پٽاندڙ ڦيرڦار ٿي وئي تہ پوءِ حڪومت انگريزن جي هٿ ۾ اختياري هئڻ ۾ ڪو بہ اعتراض يا سقم نہ ٿيندو. صاحبان! هندستان جي آئيندي جي حڪومت جو مسئلو اهڙو تہ ڳڙو ۽ نازڪ آهي جو سرڪار خواه ماڻهن تي ڏنڊ آهي تہ نهايت پورو ۽ خيال ڏيئي انکي حل ڪرڻ جو بلوڪن. انهيءَ ڳري ۽ ڀاري سوال جي حل ڪرڻ جو ضرور خود سرڪار بہ سمجهو آهي جو ملڪ ۾ سانت ۽ صلح پيدا ڪرڻ جي خيال تي ٿن وطن دوستن مسزائني بسنت، مسٽر آرينڊيل ۽ واريا کي آزاد ڪيائون جن جي آزادگي تحقيق سڄي ملڪ اندر آرام ۽ سانت پئدا ڪئي آهي. انهي مدبري جهڙي ڪم ڪرڻ لاءِ سڄو هندستان سرڪار جو نهايت احسانمند ۽ شڪر گذار آهي. ڪهڙا بہ اسانجا خيال انهن جي نظر بند ٿيڻ نسبت ڪٿي هجن پر سرڪار جو هن وقت هنن جا بند خلاص ڪيا تنهن سياڻپ لاءِ لاشڪ سرڪار مبارڪون لهڻيون ۽ تنهن ڪري سڄي ملڪ جا ماڻهو گڏجي سرڪار نامدارکي استدعا ٿا ڪن تہ سڀ هندستاني جي نَظر بند رکيا ويا آهن تنکي بہ آزادگي بخشي وڃي خاص ڪري ٻن ڀائرن مسٽر محمد علي ۽ شوڪت علي کي جو اُنهن جي نظر بند ٿيڻ ڪري ساري مسلمان قوم کي سخت رنج ۽ صدمو رسيو آهي. جا ڳالهہ ثابت هن مان ٿئي ٿي تہ ساري ملڪ ۾ انهيءَ جي ڇوٽڪاري نسبت ڪئين ميٽنگون ٿي گذريون آهن، جن ۾ هيترا سارا نهراءَ هنن جا ڇوٽڪاري لاءِ پاس ٿي چڪا آهن. انهن ڳالهين ڪري قوي اميد ٿي رکجي تہ سرڪار نامدار هن نازڪ وقت ملڪ ۾ سانت پيدا ٿيڻ خاطر جلد بہ جلد هنن ٻنهي ڀائرن جي آزادگيءَ جو حڪم شايع ڪري ساري ملڪ کي ارشاد ڪندي. باوجود ان جي گهٽائي سبب اسانکي نااميدي جا ملي رهيا آهن ۽ لارڊ پيينٽلنڊ جي تازي تقرير ۽ سرمڪائيل ڊائر جي واقعي اسانجي دل شڪستي ڪري ڦٽي ڪئي آهي تہ بہ انگريزي ماڻهن جي مدبري ۽ اُنهن جي عدل ۽ بي ريائي ۾ اسان هندستانين جو اعتقاد ۽ ويساهہ اهڙو تہ پڪو ۽ محڪم آهي جو ٽوڙجڻ جو ئي نہ آهي. باقي بہ انهي ويساهہ ۽ ڀروسي کي محڪم هيءَ ڳالهہ ڪري رهي آهي جو خود ولايت جي عالي سرڪار بہ تازو هندستانين جي ملڪي ڪمن ۾ وڌيڪ آزادگي ڏيڻ جو خيال ظاهر ڪيو آهي جنهن لاءِ شاهي سرڪار خواه هند سيڪريٽري ۽ هند جا باشندا دل جي گهراين سان شڪر گذار ۽ احسان مڃيندڙ آهن. وڌو

خوشي ۽ مبارڪبادي جو باعث ته اسان خاطر هيءَ ڳالهه ٿي رهي آهي ته خود هند سيڪريٽري آنربل مسٽر مانٽيگو جنهن جهڙو نامور مدبر، انصاف ۽ عدل جو ڪوڏيو ۽ آزاد خيالن ۽ عالي متن وارو انگريز هن وقت ڪو ڇڏو ليندو سو پاڻ پنهنجي سر سڏارن جي رٿن جي ويچار ڪاڻ اچڻ وارو آهي اهو ڪم جو هن صاحب تي سونپيو ويو آهي سو لاشڪ بلڪل ڳرو ۽ جوابداري جهڙو آهي جنهن تي هيٽرن سارن ڪروڙين هندستانين جي آئينده جي بهبودي ۽ واڌاري جو مدار آهي، ۽ يقين آهي ته هن صاحب کي هن ڪم جي سرانجامي ۾ وڏ ۾ وڏ تڪليفون ۽ رنڊڪون پيش اينديون، خاص ڪري جن ماڻهن هيٽرا سال بي ڏڙڪ خوب پي هندستان ۾ جاوا ڪيا سي هنن کي نهايت آڏو ايندا ۽ رنڊڪون وجهڻ ۾ ڪا ڪوتاهي يا ڪمي ڪانه ڪندا. تنهن ڪري ته هر ڪنهن هندستان جي رهاڪو جو فرض آهي ته هن وقت هرڪا حتي المقدور ڪوشش ڪري سگهي سا ڪري جنهن ڪري هند سيڪريٽري کي هندستان جي حڪومت جو ڳرو سوال حل ڪرڻ ۾ ڪابه ارچڻ يا رنڊڪ نه پوي، مسٽر مانٽيگو هندستان جي حڪومت جي مشڪل ۽ اٽانگي سوال جي حل ڪرڻ لاءِ هر طرح لائق آهي سو هن مان ثابت ٿو ٿئي ته هندستان جي ملڪي ڪمن نسبت جيڪي به هن صاحب تقريرون نيون آهن سي ڏيکارين ٿيون ته هن صاحب جا خيال ۽ متا نهايت آزاد ۽ انصاف تي بڌل آهن خاص ڪري ميسوپيٽيميا جي رپورٽ پيري جيڪي هينيان حرف هن هائوس آف ڪامنس ۾ چيا هئاسي انجي دل کي قوت ٿا بخشين ته هي صاحب اسان هندستانين جي پوري پوري انصاف ۽ نياءَ ڪرڻ ۾ ڪونه گسندو.

مسٽر مانٽيگو جو چوڻ آهي ته "مان جڏهن نظر ٿو چوڌاري ڦيرايان ته چا ٿو ڏسان ته اسانجي هٿ هيٺ واريون بئنڪون ۽ هندستان جا پرڳڻا سڀ خود حڪومت ماڻي رهيا آهن ۽ ائين پيو پسان ته ساري انگريزي سلطنت يڪي خود حڪومت نه آهي پر سڀ سندس جدا جدا ڀاڱا جدا جدا خود حڪومتون تي رهيا آهن جن جي مٿان انگريز جي حڪومت قائم آهي. هندستان ۾ ڪهڙو حڪومت جو نمونو توهان آخر ٿا پاڙيو تنهن بابت توهان جي مرضي، مگر هي ڳالهه ته پڌري آهي ته جيڪي هندستاني جن سان منهنجي لک پڙهه هلندڙ آهي خواهه اهي جن کي مخاطب ٿيو آهيان سي سڀ چاهين ٿا ته اوهين ظاهر ڪريو ته پسو پيش توهانجي هندستان جي حڪومت بنسبت چا مراد آهي. ۽ هڪ وار جڏهن اها پڌري ڪري رهو ته پوءِ اوهانکي کپي ته پهرين قسط سڌارن جي ڏيکاريو ته ڪهڙي ٿا ڏيو. جنهن مان ڏسبو ته هندستانين جي عيوضين کي ڪاروباري عملدارن تي جوابداري جهڙو ضابطو ڏيو ٿا يا نه. چو جو جڏهن خود اُتي جي ماڻهن کي ڪاروباري عملدارن تي اوهان ضابطو ڏنو ته پوءِ

انگلينڊ مان جو انهن تي حڪم هلندڙ آهي سو گهٽ ڪيو ويندو. مونکي هن ڳالهہ جي تہ سورانهن ئي آنا خاطري آهي تہ گذريل وقت ۾ جو اوهان بيهودو حڪومت جو ضابطو جو اتي پئي هلايو آهي سو محض هن خيال تي تہ حڪومت اوهانجي نهايت تسلي جهڙي پئي هلي. ميسوپوٽميا واري رپورٽ مان صفا ظاهر ٿو ٿئي تہ اوهانجي حڪومت جو چرخو اصل چڱو نہ پئي هليو آهي. ماڻهن جو تہ حڪومت ۾ هٿ ئي ڪونهي هن جنگ اوهان کي پڌرو ڪري ڏيکاريو آهي تہ هندستاني اسان سان ڪهڙا نہ هن وقت وفادار ۽ سچا ٿي بيٺا آهن. اها وفاداري اصل انهن جي ڏين جو ڀاڱو آهي. اوهان کي هاڻ کپي تہ انهي وفاداري جو سچو پچو فائدو وٺو ۽ هنن کي اڃان بہ پاڻ سان ميلاپ ۾ آڻڻ جو جي خيال اٿو تہ هنن کي خود ڪاروباري حڪومت ۾ حصو وٺڻ جو وجهہ ڏيو تہ پوءِ خدا نہ خواهستہ جي ٻي ڪا جنگ لڳي پوي تہ اهي ساڳيا هندستاني اوهان سان سچا وفادار رعيت ۽ ٻانهن ٻيلي ۽ ٻٽ ٿي بيهندا. اعتبار ڪريو تہ جيڪڏهن اوهين اهو مدي خارج ۽ پراڻو حڪومت جو چرخو نہ ٿا سٽت ڦيرايو تہ يقين ڄاڻجو تہ توهين هندستان تي حڪومت هلائڻ جو حق هٿان وڃائڻ جو پاڻ کي لائق ثابت ڪندا."

اهي ٿورا ڳڻتا ساري هندستان جي حڪومت بنسبت ٻڌائڻ بعد هاڻ مان اچان ٿو هن ڪانفرنس جي ڪوٺائڻ واري خاص مطلب تي. هيءَ ڪانفرنس هن وقت جو خاص گڏ ٿيو آهي سو هن خاطر تہ ڀائرو گڏجي ويچارجي تہ حڪومت جي سڌارن واري رٿ ۾ اسانجي سنڌ کي ڇا حصو ملڻو آهي. سنڌ جي حڪومت جي حالت اصل ڪان نرالي آهي تنهن جي متائڻ لاءِ علاج بہ عليحدا ۽ خاص گهرجن. هت اسان وٽ سنڌ ۾ عملداري حڪومت ڪانهي جهڙي ٻين علائقن ۾ هلندي آهي. هتي آهي خود مختيار فقط هڪ ئي هڪ آفيس جو راڄ. جنهن کي صلاح مصلحت ڪاڻ ڪائونسل مليل ڪانهي. اهڙو حڪومت جو دستور ڪنهن بہ هندستان جي پرڳڻي ۾ هلندڙ ڪونهي. نہ فقط ائين پر خود بمبئي ڪان جي بہ ڪنهن ڀاڱي ۾ هلندڙ ڪونهي. هڪ ئي هڪ آدمي ۽ وري سوبہ حڪومت جو ههڙو نمونو زماني جي حڪومت جي آزاد خيالن جي بنهہ برخلاف آهي. اهو حڪومت جو چرخو بلڪل عجيب ۽ بيهودو پيو لڳي. اهو نمونو آڳاٽي زماني جو ورتو آهي جو هنن سڌريل ۽ آزاد ڏهاڙن ۾ ڪوبہ پسند نہ ڪندو ۽ اهڙو ڪو ورلي ليندو جيڪو ههڙي حڪومت جي چرخي هلڻ جي فائدي ۾ هوندو. هہڙي طرح جا خاص حڪومت جا نمونا بيهارڻ ڪاڻ سبب ۽ دليل بہ خاص هئڻ گهرجن. بيحد لاچاري ڪري ڪٿي اهو نمونو قائم ڪيو هجي تہ بہ ڳالهہ آهي پر هتي تہ ڪو خاص سبب نہ ٿو ڏسجي، نڪا اهڙي لاچاري اچي سرڪار کي ورتو آهي جو اهڙو حڪومت جو سرشتو قائم

ڪندي اچي. جيڪڏهن ڪو ضرور هو تہ اڳي هو هاڻ اهڙي حڪومت جي چرخي ڪي وڏيڪ رکڻ ڏاهپ نہ آهي. خرابي جيڪا آهي سا حڪومت جي نموني جي آهي نہ ڪنهن خاص عملدار جي. نمونو ضرور ڦرڻ گهرجي، سنڌ جي آئينده جي ترقي ۽ بهبودي جو خاص مدار انهيءَ نموني حڪومت جي جڙڻ تي آهي. قاعدن جوڙڻ واريون ۽ ڪاروباري ڪائونسلون ڪٺي ڪهڙيون بہ سڌارجن تہ بہ سنڌ جي ماڻهن ڪي ڪوبہ فائدو ڪونہ ٿيندو جيستائين ڪ هي سرشتو جاري رهندو. ڪهڙو بہ انهن ڪونسلن جو ڪٺي سرشتو هجي، تہ بہ جي سنڌ ۾ هي خودمختيار حڪومت قائم آهي تہ اسانکي ڪجھ بہ فائدو نہ ٿيندو تنهن ڪري ثابت آهي تہ اسان کي هندستان جي بين ڀاڱن کان بہ وڌيڪ ڪوشش ڪرڻي آهي ۽ پنهنجي پرڳڻي واسطي خاص گهر ڪرڻي آهي. ڪهڙي اها گهر ٿيندي سا ڳالھ فيصل اوهان کي ڪرڻي آهي، انهي لاءِ ئي اسين ڪانفرنس ۾ آيا آهيون. اها گهر تہ اوهان مان سيڪو ڪندو تہ اسانکي ڪنهن بہ صورت ۾ ”هڪڙي ماڻهوءَ جو راڄ“ ڪونہ کپي. اهو اسانجو يڪراءِ ۽ زور پريو رايو آهي. آءَ ڀانيان ٿو تہ اسانکي هيٺين ٽئن رستن مان هڪڙو اختيار ڪرڻو پوندو:

(1) هڪڙو آهي تہ سنڌ جدا پرڳڻو ٿئي جنهن کي قاعدن واري مجلس هجي پر ڪاروباري مجلس نہ هجي. ڇو تہ ڪاروباري مجلس جو خرچ هي پرڳڻو پري ڪين سگهندو ۽ ڪاروباري مجلس ڪانسواءِ قاعدن واري مجلس ڪم جي ڪانہ ٿيندي. قاعدن واري مجلس جو مطلب آهي اهو تہ ڪاروباري مجلس تي ضابطو رکي ۽ جي ڪاروباري مجلس نہ آهي تہ پوءِ قاعدن واري ڪائونسل جي هئڻ جو سبب نہ آهي. هي رستو تنهن ڪري مونکي اهڙو ڪونہ ٿو ڏسڻ ۾ اچي جو عمل ۾ آڻي سگهجي.

(2) ٻيو رستو آهي تہ سنڌ بلوچستان سان ڳنڍي وڃي ۽ پوءِ ٻئي گورنر در جلاس جي هٿ ۾ ڏنا وڃن. هي رستو مونکي پسند نہ آهي. اسين هڪ ڏارين ملڪ سان ڳنڍيا ويندا سين. جنهن جي سڌاري جي ترقي مس ابتدائي آهي انهي ڪري اسانجي ترقي کي اٽڪ ٿيندي ۽ شايد اسين پنهنجي پٺجي وينداسين.

(3) ٽيون رستو آهي تہ سنڌ پنجاب سان ملائي وڃي ۽ پوءِ ٻئي هڪ گورنر. در اجلاس جي هيٺ ٿين. مونکي خبر آهي تہ هن رٿ تي نڪتہ چيني ٿيندي. پر ڪهڙيون بہ خاميون ڪٺي هن رٿ ۾ هجن تہ بہ ائين ڪو ڪونہ چوندو تہ اهو رستو هاڻوڪي رستي کان چڱو نہ آهي. جنهن صورت ۾ ٻنهي پنجاب توڙي سنڌ کي ساڳي ندي آهي تنهن صورت ۾ پوک جو سڌارو ٿيندو اها ڳالھ عالم آشڪار آهي پر انهيءَ ندي جي پاڻيءَ تان ٻنهي پرڳڻن جي وچ ۾ جهيڙو

هلي ٿو. انهيءَ رستي ونڻ مان بيو فائدو هي آهي تہ اختيارين واري هاءِ ڪورٽ جڙنديس جنهن ڪري انصاف پوري بنياد تي بيهندو.

(4) چوٿون ۽ پويون رستو آهي تہ سنڌ سڌو بمبئي سرڪار جي هٿ هيٺ رهي ۽ بمبئي کاتي جي بين ڀاڱن جي هر ڳالهہ ۾ شريڪ ٿي رهي. منهنجي نظر ۾ هي رستو سيني ۾ سڌو آهي جنهن مان نتيجو بہ عمدو نڪرندو ۽ ڪابہ گهٽي ڦيرڦار ڪانہ ٿيندي ۽ سولو قصو نهي سگهندو. رڳو سنڌ جي ڪمشنر واريون اختياريون هن کان وٺي ڪٽي بمبئي سرڪار کي ڏجن تہ ڪاروباري مجلس جو ضابطو سنڌ جي حڪومت تي ٿيندو. اسانجي گهر اها آهي تہ هي خود مختيار حڪومت جو سرشتو رد ٿئي ۽ سنڌ بين ڀاڱن جهڙي ٿئي. انهيءَ حق گهرڻ مان فائدو اهو بہ آهي تہ سنڌ ۾ عدالتي سرشتو بہ ساڳيو ئي بيهي يعني جهڙو بين ڀاڱن ۾ هلندڙ آهي. هت سنڌ جي صدر ڪورٽ هاءِ ڪورٽ کان عليحدي آهي. هن صدر ڪورٽ ۾ رڳو ٽي جج آهن جن مان 2 آهن سول سروس مان. اهڙي قسم جي هاءِ ڪورٽ صفا ظاهر تہ هئڻ نہ گهرجي، انهن سڌارن جي طلب 1901 ۾ بمبئي جي 11 پراونشنل ڪانفرنس بمبئي ۾ ڪئي هئي. اهو ٺهراءُ انهيءَ شخص آندو هو جنهن کي هاٺوڪي عدالتي سرشتي جي هلت جي ذاتي خبر هئي ۽ جو وڏو ۽ قابل آزمودگار وڪيل هو. مان هت ديوان ٽيڪچند اوڌو داس جي ٿو ڳالهہ ڪريان جو هاڻ آنربل ميمبر آهي. منهنجي صلاح آهي تہ بمبئي هاءِ ڪورٽ جو ڀاڱو ڪراچي ۾ ويهي ۽ مان ڀانيان ٿو تہ اهڙو سرشتو بين هنڌن ۾ موجود آهي، بيا بہ سنڌ لاءِ گهڻا سڌارا گهربل آهن پر مون اوهانجي دقت خيال ئي گهٽي طلب ڪئي آهي. اهي سڌارا آءُ پريزيڊنٽ ۽ بين لاءِ ٿو ڇڏيان مثلا خودمڪاني حڪومت جو سڌارو. بيو سوال ڪن نظربند سنڌين جي ڇوٽڪاري لاءِ سرڪار کي استدعا ڪرڻ جو آهي.

سرڪاري زور سان ڪن هنڌن ۾ هائوس ٽئڪس جي ڇوٽ جو سوال بہ آهي. ۽ بيا بہ مکيہ سوال آهن جي ڪانفرنس جي ڪٽڻ لاءِ آءُ ڇڏيان ٿو.

صاحبو! مون اوهان جي تحمل جو بي واجبي فائدو پئي ورتو آهي پر سوال بلڪل نازڪ ۽ ضروري هئا. پڇاڙيءَ ۾ مونکي هڪڙي ڳالهہ چوڻي آهي سا هي آهي تہ منهنجو فرض آهي تہ اُنهن پڙهيل جوانن جي تعريف ڪرڻ، جي هن نهايت سخت آزمائش جي وقت نهايت عمدي هلت هليا آهن. بلڪل دبڙ دونس جي وقت بہ هو همت ۽ ڌيرج سان پئي هليا آهن. جي آئينده جا اهڙا نگر واسي آهن، جي نئين پرهہ ڦٽيءَ جا اهڙا نشان آهن تہ مونکي يقين آهي تہ ڪماليت جو ڏينهن جلد اچڻو آهي

(هي تقرير مولانا محمد ادريس سومرو( ڪنديارو) جي ٿورن سان حاصل ٿي.)

# صدارتي تقرير

آل انڊيا خلافت ڪانفرنس جو ٽيون اجلاس بمبئي 15_16 فيبروري 1920ع

بسم الله الرحمن الرحيم
نحمده و نصلي عليٰ رسولہ الڪريم

مان اوهان جا دل جي گهرائين سان ٿورا ٿو مڃان تہ اوهان هن اهم موقعي تي مونکي صدارت جي عزت بخشي. مان هن عزت ۽ رتبي کي پنهنجي قابليت کان گهڻو وڌيڪ سمجهي شايد پس وپيش ڪيان ها پر ڪم جي اهميت ۽ وقت جي نزاڪت جذبن کي سر تسليم خم ڪرڻ ۽ بنا حيلي بهاني جي حڪم جي تعميل ڪرڻ تي مون کي مجبور ڪيو.

حضرات! هي مسئلو جنهن تي غور ڪرڻ لاءِ اسان هت گڏ ٿيا آهيون هڪ اهڙو مسئلو آهي جيڪو نہ رڳو اسلامي دنيا لاءِ بلڪ خود برطانيہ سلطنت ۽ آخرڪار سموري دنيا جي مختلف قومن ۽ مذهبن جي پاڻ ۾ دوستانہ تعلقات لاءِ نهايت اهميت ۽ وقعت رکي ٿو هيءَ مسئلو سلطنت عثمانيہ جي قسمت جي فيصلي بابت آهي جيڪو اتحادي ملڪ (ليگ آف نيشنز) ڪرڻ وارا آهن.

هيءَ هڪ اهڙي معاملو آهي جيڪو برطانيہ جي ست ڪروڙ مسلمان رعيت لاءِ جيڪا سلطان المعظم ترڪيءَ سان مذهبي عقيدتمنديءَ جي زنجير ۾ جڪڙيل آهي نهايت نازڪ ۽ اهم آهي. هيءَ هڪ اهڙو معاملو آهي جيڪو خود سلطنت برطانيہ لاءِ نهايت اهم آهي ۽ جنهن جي طئي ٿيڻ تي سلطنت برطانيہ جي ڀلائي يا خرابيءَ تي ضرور اثر پوندو.

مان انهن مذهبي اصولن تي بحث ڪرڻ ضروري نٿو سمجهان جن تي خلافت جي مسئلي جو بنياد قائم آهي. ان جو فيصلو قطعي طور تي انهن ماڻهن ڪري ڇڏيو آهي جيڪي مذهبي معاملن تي مڪمل وثوق سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهن ٿا. اسان جا مخالف توڙي ڪجهہ بہ چون پر عوام الناس جو عقيدو ان مسئلي بابت ايترو تہ مضبوط آهي جيڪو نہ فتح ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ ٿيندو. ان ڪانسواءِ عام مسلمانن جي راءِ قطعي طور تي ان تي قائم ٿي چڪي آهي تنهنڪري ان ڳالهہ جي طئي ٿيل هئڻ ۾ ڪنهن کي اعتراض ڪونهي تہ اسلامي اصولن ۾ مسلمان عالمن جي عقيدي

مطابق سلطان المعظم ترڪي سموري اسلامي دنيا جو خليفو ۽ ديني معاملن جو محافظ آهي اهو خيال غلط آهي تہ خليفو فقط قريش قبيلي مان ٿيڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ نہ اسلام، نہ فقيهن ۽ نہ عام مسلمانن ان کي مڃيو آهي.

حضرات! هينئر اسان جي حالت تمام نازڪ آهي، دول متحده (League of Nations) جنگ ڪانپوءِ ترڪيءَ جي قسمت جو فيصلو ڪرڻ لاءِ ڪانفرنس ڪري چڪي آهي ۽ ڪرڻ واري آهي ۽ هن ڳالهہ جوخطرو آهي تہ اهو نازڪ فيصلو ترڪيءَ جي سلطنت ۽ سموري اسلامي دنيا جي ڀلائيءَ خلاف ڪيو ويندو. عثمانيہ سلطنت جو تجربو ۽ ترڪيءَ جي بربادي هڪ اهڙو خوفناڪ نتيجو آهي جيڪو شايد ڪنهن بہ وقت واقع ٿئي، موجوده حالت اهڙي آهي جنهن ڪري هر مسلمان بيقرار ۽ فڪرمند آهي تنهنڪري اسلامي شريعت جو هر پابند پنهنجو مقدس فرض سمجهي ان ڪوشش ۾ آهي تہ جيئن بہ ٿي سگهي ترڪيءَ جي مستقبل جو فيصلو انصاف تي ٻڌل هجي ۽ مسلمانن جي حقن جولحاظ رکيو وڃي.

حضرات! اسان کي ان مسئلي جي اهميت تي غور ڪرڻ گهرجي. جزيرۃ العرب جي حڪومت ۽ مقدس جڳهن جي حفاظت مذهب اسلام جي روءِ سان فقط خليفۃ المسلمين جوئي حق آهي ۽ تاريخ هن ڳالهہ جي شاهد آهي تہ هي مقدس جايون سدائين کان خليفۃ المسلمين جي ئي حفاظت هيٺ رهنديون آيون آهن، ٽريش ايشياڪوچڪ ۽ قسطنطنيہ بابت سلطنت برطانيہ کي سڀ کان وڏو ميمبر تسليم ڪري چڪا آهن تہ انهن ۾ ترڪن جي ئي سياست رهڻ گهرجي ۽ اهو خاص ترڪن جوئي وطن آهي. برطانيہ جي ذاهن هن ڳالهہ کي پڻ مڃيو آهي تہ خليفۃ المسلمين اهڙو مسلمان هئڻ گهرجي جيڪو خود مختيار ۽ بااقتدار هجي ۽ جنهن کي اسلامي دنيا ڪنهن ٻاهرين سياسي دٻاءَ کانسواءِ چونڊي ۽ سلف جي زماني کان وٺي اڄ تائين سلطنت عثمانيہ جو تاجدار ۽ سموري اسلامي دنيا جو روحاني خليفو رهيو آهي ۽ قسطنطنيہ جيڪو سلطنت عثمانيہ جو گاديءَ جو هنڌ آهي وڏي عرصي کان دارالخلافت رهيو آهي.

ان مان ظاهر آهي تہ جزيرۃ العرب جي سياست ۽ مقدس مقامن جي حفاظت اسلامي دنيا جي نهايت مقدس ۽ قابل قدر حقن مان آهي ايستائين جو خليفۃ المسلمين جي تسليم ٿيل حقن جو ذڪر ٿيو. هينئر آءٌ انهن واعدن جو ذڪر ڪريان ٿو جيڪي انهن حقن بابت وري وري عظيم الشان حڪومتن طرفان اسان سان ڪيا ويا آهن. صدر ولسن پنهنجن مشهور چوڏهن شرطن ۾ ان شرط کي پڻ شامل ڪيو هو تہ موجوده سلطنت عثمانيہ جي ترڪيءَ جي صوبن تي ترڪي سياست ضرور قائم رکي وڃي. وزيراعظم انگلستان ليگ آف نيشنز جي جنگي مقصدن بابت پنهنجي هڪ مشهور تقرير ۾ اعلان ڪيو هو تہ اسان ترڪي قوم جي علائقن ۽ قسطنطنيہ بابت سلطنت عثمانيہ جي استقامت جي بر خلاف نہ آهيون ۽ نہ اسان ان لاءِ تيا وڙهون تہ

ترڪيءَ کي سندس گاديءَ جي هنڌ ايشاءِ ڪوچڪ ۽ ٿريس جي انهن آباد ۽ مشهور علائقن کان محروم ڪرڻ گهرون ٿا. اتي ترڪي قومن جا رهاڪو وڏيڪ آباد آهن. اهڙيءَ طرح هندستان جي مسلمانن سان جيڪي واعدا ڪيا ويا آهن اهي پڻ غير واضح ۽ ڪمزور نہ آهن. هندستان جي مسلمانن کي هن ڳالهہ جو يقين ڏياريو ويو هو تہ جنگ سان مذهب جو ڪوبہ واسطو ڪونهي. مقدس مقام حملي کان محفوظ رهندا ۽ انهن جي حرمت برقرار رکي ويندي ۽ سلطنت برطانيہ ۽ اتحادي طاقتون ملڪ گيريءَ جي خواهش ۽ لالچ نہ ٿيون رکن. انهن ئي واعدن سبب مسلمانن جنگ جي هر محاذ بلڪ فلسطين ۽ عراق عرب ۾ پنهنجن ديني پاڙن خلاف انگلستان ۽ اتحادين جو ساٿ ڏنو. ڪين برطانيہ سان وفاداريءَ واري عقيدت ۽ سندس واعدن تي سچو عقيدو هو تنهنڪري انهن ان گهري تعلق کي جيڪو کين پنهنجي مذهب سان قدرتي طورتي هيو ۽ ان محبت کي جيڪا کين بين مسلمانن سان هئي نظرانداز ڪري جنگ ۾ حصو ورتو.

انهن واضح حقن ۽ صاف واعدن کي نظر ۾ رکندي ڇا مسلمانن کي اهو حق حاصل ڪونهي تہ هُو سلطنت برطانيہ ۽ اتحادين کان هن ڳالهہ جو مطالبو ڪن تہ ترڪيءَ جو فيصلو سندن جذبن ۽ عقيدي مطابق ڪيو وڃي؟ ڇا اهومطالبو انهن واعدن کي نظر ۾ رکندي توقع جي خلاف آهي؟ ڇا مقدس حقن کي نظر انداز ڪيو ويندو؟ ڇا اهي واعدا هڪ ردي ڪاغذ کان وڌيڪ وقعت نٿا رکن؟ ڇا اها ڳالهہ عقلمندي ۽ انصاف کان پري آهي تہ انسان ذات جي هڪ وڏي حصي جي جذبن کي ڪچلجي؟ ڇا اهو رويو اخلاق مطابق آهي؟ ڇا دور انديشي ۽ ڏاهپ پري پاليسي ان جي اجازت ڏئي ٿي؟ اهو انصاف ۽ دورانديشيءَ جي خلاف آهي تہ ست ڪروڙ مسلمانن جي خيالن ۽ احساسن جي پرواه نہ ڪري ويهہ ڪروڙ هندن جي دل پڻ ڏکائي وڃي؟ ڇا برٽش گورنمينٽ مستقل طور تي پنهنجي عزت ۽ وقارجو اعتماد ماڻهن جي دلين ۾ رکڻ نٿي گهري؟ ڇا اخلاقي اثر ان فيصلي مان حاصل ٿيندڙ مادي فائدن کان گهٽو وڌيڪ هوندا؟ ڇا مادي فائدا يقيني ۽ عظيم الشان ۽ جٽادار ٿي سگهن ٿا؟ جڏهن انسانذات جي هڪ وڏي ڀاڱاٽي جي انتهائي خوشين ۽ مذهبي جذبن جي معاوضي ۾ ٿورڙو ملڪ خريد ڪيو وڃي.

موجوده حالت جو سڀ کان وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ پهلو مذهبي تعصب آهي جيڪو ترڪيءَ جي مخالفن جي دلين ۾ اڀرڪي رهيو آهي. انهن مان اڪثر ماڻهو ترڪيءَ جي سوال کي اسلام ۽ عيسائيت جو سوال سمجهن ٿا. ڪن وڏن حلقن ۾ ان جنگ کي مذهبي جنگ سمجهيو پيو وڃي. ڇاڪاڻ انگلستان جي وزيراعظم صاف اعلان ڪيو آهي تہ هيءَ جنگ حقيقت ۾ هڪ مذهبي جنگ آهي جيڪا يورپ جي بهادرن ڏارين مذهبن خلاف فتح ڪئي آهي. ان خيال جي مڪمل طور غلط هجڻ ۾ ذرو

بہ شڪ ۽ شبهي جي گنجائش ناهي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ هزارين مسلمانن پنهنجن هم مذهبن سان مقابلو ڪيو آهي.

تنهنڪري انهن لفظن ۽ خيالن تي جيتريقدر ڳڻتي ۽ نفرت جو اظهار ڪجي گهٽ آهي. جڏهن حڪومت جي ذميدار ماڻهن اهو رويو اختيار ڪيو آهي تہ ڇا مسلمانن جي دلين کي انتهائي صدمو ڪا عجيب ڳالهہ آهي؟ اهو رويو پڪ سان انصاف پسندي ۽ ترڪيءَ بابت مسلمانن جي اطمينان پٽاندڙ نبيري جي خوش نصيبي نہ آهي. ۽ نہ مذهبي خلافت جي برخلاف سرڪاري عهديدارن جي مخالفت لاپائتي ٿي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ تہ ظلم سان ڪوبہ مضبوط عقيدو ختم نٿو ڪري سگهجي، بلڪ اهو ويتر مضبوط ٿي ويندو آهي. مثال طور سنڌ جي هڪ سرڪاري عملدار اها نهايت بيهودي ڪوشش ڪئي تہ مسلمانن جي صحيح جذبن جي خلاف خلافت جي مسئلي بابت غلط ترجماني ڪري. مان ان ڳالهہ تي سخت شرمسار آهيان تہ اهو سنڌي عملدار هڪ مسلمان آهي يا گهٽ ۾ گهٽ پاڻ کي مسلمان سڏائي ٿو. ان قسم جي غلط ترجماني منهنجي لاءِ ٿوري بہ حيران ڪندڙ ناهي. اها ہڪ پراڻي راند آهي جيڪا سرڪاري عملدار وري وري کيڏندا پيا اچن ۽ هندستان جو سياستدان طبقو انهن جي چال بازين کان پليءَ پت واقف آهي. سنڌ ۾ان قسم جو پهريون موقعو پيش نہ آيو آهي بلڪ سرڪاري عملدارن اڳ بہ اهڙيون ڪوششون ڪيون آهن۽ مون کي خوف آهي تہ اڳتي بہ ڪندا رهندا. پر هر صحيح دماغ شخص انهن ماڻهن کي نفرت جي نظر سان ڏسي ٿو جيڪي ضمير وڪڻي اهڙن سرڪاري عملدارن جي اشارن تي هلن ٿا.

حضرات! اهڙين ڪوششن جو جيڪو حشر ٿيندو رهيو آهي اهو اوهان تي پليءَ پت روشن هوندو. ان قسم جون چالبازيون پنهنجي وقت تي پڌريون ٿينديون رهن ٿيون ۽ ناڪاميءَ کانسواءِ خود محرڪن جي بيچزائپ ۽ بدناميءَ جو سبب پڻ بڻبيون آهن. ڇا سرڪاري عملدار اها ڳالهہ محسوس نٿا ڪن تہ انهن ناپاڪ تحريڪن پيدا ڪندڙن گورنمينٽ جو نالو ڪيڏو بدنام ڪيو آهي.

سنڌ ۾ خلافت عظميٰ جي خلاف جيڪا تحريڪ هڪ سرڪاري عملدار شروع ڪئي ان بابت مون وٽ ان ڳالهہ جي پڪ ڪرڻ لاءِ ڪافي ذريعا آهن تہ بمبئي گورنمينٽ جو ان ناپاڪ تحريڪ ۾ ڪو بہ حصو ڪونہ هيو. جناب گورنر صاحب بمبئي ان کي کليو کلايو ناپسند ڪيو آهي. ڪاش! سنڌ جي حڪومت پڻ اهو رويو اختيار ڪري ها.

پر مان بمبئيءَ جي نيڪ دل گورنر صاحب کي عرض ٿو ڪريان تہ فقط ناپسنديدگي ۽ تنبيهہ ان شرارت تي بڇڙل تحريڪ جي اثر کي متاثي نٿي سگهي. موجوده حالت جو لحاظ رکندي ان ڳالهہ جي اشد ضرورت آهي تہ گورنمينٽ بمبئي ان جي چڱيءَ طرح سان اعلانيہ کوجنا ڪري. سنڌ جو عوام ڪيترن ڏينهن کان اصرار

سان اهڙي تحقيقات جي ضرورت ڏانهن گورنمينٽ جو ڌيان ڇڪرائيندو رهيو آهي ۽ اميد آهي تہ جناب گورنر صاحب بمبئي تمام جلد عوام جو اهو انصاف تي ٻڌل مطالبو پورو ڪرڻ جا اُپاءَ وٺندو. مان معافي گهران ٿو تہ مون اُن ناپاڪ تحريڪ جو ذڪر ڪرڻ ۾ جنهن کي اسين حقارت جي نظر سان ڏسون ٿا تمام گهڻو وقت ورتو پر ان جو سبب فقط اهو آهي تہ مان چڱي طرح ڄاڻان ٿو تہ سنڌ جي مسلمانن جي جذبن کي ان واقعي سان ڪيترو صدمو پهتو آهي.

مان گورنمينٽ کان خواهش ٿو ڪريان تہ هوءَ ان معاملي کي جلد دٻائڻ لاءِ انهن سرڪاري عملدارن کي جيڪي بين ماڻهن تي ظالمانہ ڪارروائي ڪري پنهنجي حيثيت کي خراب ڪندا ۽ گورنمينٽ کي سخت نقصان پهچائيندا آهن جلد کان جلد سزا ڏي ۽ مان سمجهان ٿو تہ گورنمينٽ ان معاملي کي نظرانداز نہ ڪندي جيئن اهڙن معاملن ۾ اڪثر ڏٺو ويو آهي. اها ناپاڪ تحريڪ نہ رڳو پنهنجن مقصدن ۾ ناڪام رهي بلڪ اسلام جي متبرڪ عقيدن کي صدمو رسائڻ ڪري پنهنجن ماتحتن لاءِ پڻ شرم جوڳي ۽ گهٽي حد تائين سنڌ جي مسلمانن جي سجاڳيءَ جو سبب ثابت ٿي آهي. جن عملدارن ان ۾ حصو ورتو آهي انهن جي ان ناجائز عمل عملداريءَ جي حيثيت کي سخت نقصان پهچايو ۽ جنهن نيڪ ڪم جي خلاف هيءَ گندو عمل ڪيو ويو ان سان تمام گهڻو فائدو پهتو. تنهنڪري سنڌ اڄڪلهہ خلافت تحريڪ جو سڀ کان مضبوط ڳڙهہ آهي.

ڪڏهن ڪڏهن اهو عذر گورنمينٽ پاران پيش ڪيو ويندو آهي تہ ترڪيءَ جي سلطنت جو فيصلو رڳو اسان جي ئي هٿن ۾ ڪونهي پر يورپ جون ٻيون طاقتون پڻ ان ۾ شامل آهن پر منهنجي راءِ ۾ فيصلو حقيقت ۾ برطانيہ سلطنت جي هٿن ۾ ئي آهي، ان جو سبب هيءَ آهي تہ سلطنت برطانيہ ئي جنگ ۾ وڌيڪ حصو ورتو ۽ چئي سگهجي ٿو تہ ٻين يورپي طاقتن جي ڀيٽ ۾ برطانيہ سلطنت کي ئي عراق ۽ عرب بابت نبيري جو حق حاصل آهي. تنهنڪري جيڪڏهن برطانيہ گورنمينٽ عراق ۽ عرب کي خالي ڪري ڇڏي تہ ڪنهن ٻي طاقت کي حق حاصل ڪونهي تہ ان ملڪ جي ڪنهن ٻئي حصي تي پنهنجو قبضو ڪري سگهي. جيڪڏهن برطانيہ گورنمينٽ مسلمانن جي مذهبي جذبي جو لحاظ رکڻ لاءِ تيار ٿي وڃي تہ هُو نهايت آسانيءَ سان ٻين طاقتن کي ترڪي سلطنت جي ڪنهن بہ حصي تي قبضي ڪرڻ جي خيال کان باز رکي سگهي ٿي. ڇا برطانيہ سلطنت جي سياستدانن مان اها توقع نٿي رکي سگهجي؟ ڇا ملڪ گيري ايتري وڏي ڳري شئي آهي جو ان تي مذهبي جذبن کي قربان ڪري ڇڏجي؟ ڇا ان جي ڀيٽ ۾ لکين انسانن جي وفاداريءَ جي ڪابہ اهميت نٿي ٿي سگهي؟ ڇا گورنمينٽ ان ڳالهہ کان بيخبر آهي تہ انهن ماڻهن جي وفاداريءَ کي ڪيتري قدر صدمو پهچندو؟ هُو يا گورنمينٽ سان وفادار رهن يا مذهبي گهرجن کي پورو ڪن، ڇا اهو خوفناڪ نتيجو برطانيہ گورنمينٽ لاءِ مفيد ٿيندو؟ مان ان ڳالهہ جي

پڪ ڏياريان ٿو تہ اهو خيال فقط ايجيٽيشين ڪرڻ ۽ انتها پسندن جو خيال ڪونهي جيئن ڪي عملدار فوراً چئي ڏيندا آهن. نہ نہ هرگز نہ بلڪ مان زور سان چوان ٿو تہ هيءَ عام مسلمانن جي راءِ آهي جن کي پنهنجو مذهب جان ۽ مال کان گهڻو وڌيڪ پيارو آهي. ڇا سلطنت برطانيہ ايتري خوفناڪ ذميداري کڻڻ لاءِ تيار آهي؟ مون کي برٽش ڏاهن جي ڏورانديشي ۽ سمجهہ تي ڀروسو آهي ۽ مان دعا ٿو ڪريان تہ هُو ان نازڪ موقعي تي نهايت عقلمنديءَ ۽ دورانديشيءَ کان ڪم وٺندا.

حضرات! هيستائين برٽش ڏاهن ۽ دانشورن جو ذڪر هيو. هينئر آءٌ اوهان آڏو اُها ڳالهہ پيش ڪرڻ گهران ٿو تہ هينئر اسان جا فرض ڪهڙا آهن ۽ اسان کي پنهنجي مقصد جي ڪاميابيءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ۽ اهو ڪهڙو مقصد آهي جنهن لاءِ اسان کي پنهنجي سموري سگهہ استعمال ڪرڻ گهرجي.

اسان جو پهريون فرض هيءُ آهي تہ اسان پوري استقلال سان خلافت جي مسئلي بابت آئيني جدوجهد جاري رکون. هيءَ تحريڪ ملڪ جي سمورين ڀاڱن ۽ شهرن ۾ اسان جي توقع کان بہ وڌيڪ پکڙجي چڪي آهي. تنهنڪري اسان کي هن تحريڪ جو بنياد عقلمنديءَ سان مضبوط ڪرڻ گهرجي تہ جيئن جيڪو مقصد هينئر اسان جي پيش نظر آهي اُهو ڪاميابيءَ سان ايندڙ خطرن کان بچي وڃي. اهو پڻ اسان جو فرض آهي تہ اسين آئيني جدوجهد جي طاقت کي پنهنجي قابوءَ ۾ رکون تہ جيئن اسان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ حڪومتن تي پنهنجو جائز دٻاءَ وجهي سگهون ۽ ڏاهپ سان هن تحريڪ جي رهنمائي ڪريون تہ جيئن عوامي راءِ جو هڪ فائديمند ۽ سگهارو ذريعو اسان جي هٿن ۾ هجي.

منهنجو فرض آهي تہ اوهان آڏو موجوده حالتن ۽ معاملن جي صورت کي جيئن مان پاڻ سمجهان ٿو پيش ڪريان.

اسان جو طرز عمل اهو هئڻ گهرجي تہ اسان عوام جي راءِ جو دٻاءَ انهن حڪومتن تي وجهي سگهون جن تي ترڪيءَ جي مسئلي جي نبيري جو دارومدار آهي. جيستائين هُو اسلامي دنيا جي مطالبن تي عمل نہ ڪن جن مطالبن جي ڪروڙين هندو صاحبن پڻ حمايت ڪئي آهي.

خدا جو شڪر آهي تہ فراخ دل انگريزن جي هڪ جماعت اهڙي پڻ موجود آهي جيڪا اُن ڪم ۾ اسان جي مدد ڪري رهي آهي ۽ آءٌ عرض ڪريان ٿو تہ آنريبل مسٽر مانٽيگو هن جماعت ۾ سيني کان وڌيڪ اسان جو حامي آهي. مسٽر مانٽيگو ريفارم اسڪيم جي معاملي ۾ پڻ هندستانين جيْ شڪريي جو حقدار آهي ۽ هن نازڪ موقعي تي جيڪا سر توڙ ڪوشش آءٌ ان لاءِ پڻ مسلمانن جي مذهبي مطالبن پيش ڪرڻ ۾ ڪئي آهي پڻ آءٌ لاءِ ان سندس خاص ٿورائتو آهيان.

اها پڻ هڪ حقيقت آهي جنهن کي انگلستان پڻ سرڪاري طور تي مڃيو آهي. اسان جي هندو ڀائرن مهاتما گانڌي صاحب جي هدايت هيٺ اسان سان عملي

همدردي ظاهر ڪئي آهي جنهن ڪري اسان کي پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابيءَ جو تمام گهڻو موقعو مليو آهي.

اسان هندستان جا مسلمان پنهنجي هندو پاڙن جا بيحد ٿورائتا آهيون ۽ سدائين رهنداسين. جيڪڏهن اسان جي آئيني جدوجهد ڪاميابيءَ جي صورت پيدا ڪري سگهي ٿي ته اهو نهايت ضروري آهي ته اسان سڀ هند واسي پاڻ ۾ گڏجي سڏجي پنهنجي سوپ لاءِ لڳاتار ڪوشش ڪريون. اسان کي گهرجي ته سنجيدگي ۽ استقلال سان پنهنجي تحريڪ کي جاري رکون ۽ پنهنجن ارادن ۾ ڪنهن قسم جي غلط فهمي پيدا ٿيڻ نه ڏيون. مان ڄاڻان ٿو ته ڪجھ حلقن ۾ غلط فهميون پيدا ڪيون پيون وڃن پر مان يقين ڏياريان ٿو ته اسان جا ليڊر موجوده حالتن ۽ معاملن جي صورت کي چڱي طرح سمجهي رهيا آهن ۽ سمورا هندستاني مسلمان چڱيءَ طرح محسوس ڪري رهيا آهن ته اسان ماڻهن کي اهڙا مناسب ذريعا اختيار ڪرڻ کپن جو اسان برٽش دانشورن کي پنهنجي مطالبن جي پڪ ڏياري سگهون ۽ پنهنجي مقصد ۾ پوري ڪاميابي حاصل ڪريون. ان معاملي ۾ جيڪي تلخ احساس مسلمانن جي دلين ۾ پيدا ٿي رهيا آهن مان انهن کي محسوس ڪريان ٿو پر اسان جي ڪاميابيءَ جو راز ڏاهپ ۽ دوراندیشيءَ ۾ لڪل آهي. هر قسم جي جدوجهد لاءِ پئسي ڏوڪڙ جي ضرورت پوندي آهي. اسان کي به پنهنجي تحريڪ کي ڪاميابيءَ جي صورت ۾ آڻڻ لاءِ پئسن جي اشد ضرورت آهي ۽ مون کي پڪ آهي ته جيترو هن تحريڪ جي اهميت جو احساس ماڻهن جي دلين ۾ وڌندو ويندو اوترو چندو پڻ گڏ ٿيندو ويندو. تنهنڪري مونکي پڪو پروسو آهي ته هر مسلمان هن نيڪ ۽ متبرڪ ڪم کي پنهنجو ذاتي ڪم ائين سمجهندو جڻ سندس پلائي انهيءَ سان ڳنڍيل هجي. پئسو جمع ٿيڻ بعد هن تحريڪ کي ڦهلائڻ لاءِ باقاعدي تنظيم جي ضرورت آهي جنهن لاءِ ملڪ جي هر ڳوٺ ۽ واهڻ ۾ خلافت ڪميٽيون قائم ڪرڻ کپن. ان ڪانسواءِ انگلستان ۾ هڪ مضبوط جماعت جي ضرورت آهي جيڪا هندستان جي مسلمانن جي نمائندگي پنهنجي ذمي کڻي ۽ جنهن جي تحويل ۾ زبردست پريس ۽ قابل مسلمان هجن جيڪي عوامي راءِ جي همدردي حاصل ڪري هن تحريڪ کي اتي رائج ڪن.

مسٽر اصفهانيءَ جي فراخدلي ۽ مسٽر مشير حسين قدوائيءَ جي سچي اخلاص سبب انگلستان ۾ هينئر مسلم انفارميشن بيورو قائم ٿي چڪو آهي ۽ في الحال هڪ "مسلم آئوٽ لڪ" جاري ٿيو آهي جيڪو اسان جي هن تحريڪ ۾ وس پڄندي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي ۽ جيڪو ان ڪان به وڌيڪ مفيد ٿيڻ جي صلاحيت رکي ٿو. اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته انگلستان بلڪ سموري يورپ ۾ اسلام ۽ خاص طور ترڪن خلاف سخت غلط فهميون پکڙيل آهن مون لاءِ اهو خوشيءَ جو سبب آهي ته اوهان صاحبن انگلستان ۾ رهندڙ مسلمان پاڙن جي چونڊ تي

خلافت جو وفد موڪلڻ جي ضرورت ڪي فوراً محسوس ڪيو ۽ وفد جو پهريون حصو مسٽر محمد علي جوهر جهڙي قابل قدرليڊر جي اڳواڻيءَ ۾ روانو ڪيو.

هندستان ۾ آئيني جدوجهد جاري رکڻ، ڪافي فنڊ مهيا ڪرڻ ۽ انگلستان ۽ يورپ ۾ عوام لناس جي راءِ ان تحريڪ جي حمايت ۾ ڪرڻ مان مون کي پڪي اميد آهي تہ برٽش دانشوراسلامي دنيا جي مذهبي مطالبن کي نظرانداز نہ ڪندا.

آءُ پنهنجي تقرير ختم ڪرڻ کان اڳ هزهائينس سر آغا خان ۽ رائيٽ آنريبل سيد امير عليءَ جي تمام اهم خدمتن جو سچي دل سان اعتراف ڪريان ٿو جيڪي انهن باوجود مختلف قسم جي ڏکيائين جي سر انجام ڏنيون آهن ۽ مان پنهنجي ذاتي ڄاڻ جي بنياد تي چئي سگهان ٿو تہ جيڪڏهن اسلام جي انهن پنهي فرزندن جي ڪم جو اندازو ڪيو ويو تہ معلوم ٿي ويندو تہ خلافت جي مسئلي جي اطمينان جوڳي نبيري لاءِ سندن ڪوشش جو ڪيتريقدر گهرو اثر انگلستان وارن جي دلين تي پيو آهي.

حضرات! اچو تہ سڀ گڏجي هن عظيم الشان ۽ متبرڪ ڪم لاءِانتهائي ڪوشش ڪريون جنهن جي حمايت جو اسان ذمو کنيو آهي. هيءُ حق جو ڪم آهي ۽ الله تعاليٰ جي غيبي حمايت سان ضرور ڪامياب ٿيندو. اسان کي پنهنجي سچي عقيدي سان بارگاه الهي ۾ دعا ڪرڻ گهرجي تہ هُو اسان جي مشڪلاتن ۾ اسان کي استقلال بخشي اسان جي مدد ڪري. آمين!

# ترڪ موالات ۽ ڪجھ حقيقتون

(رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ جو حاجي عبدالله هارون ڏانهن خط)

جناب من! تسليم

مون کي افسوس آهي تہ ترڪِ موالات جي سلسلي ۾ اختلاف ڪندڙن بابت ڪجھ غلط فهميون پيدا ٿي پيون آهن ۽ اها غلط فهمي هرگز پيدا نہ ٿئي ها جيڪڏهن اصل مسئلي بابت بحث کي صاف طور تي سمجهيو وڃي ها.

ترڪِ موالات جو هڪ سبب هيءَ قرار ڏنو ويو آهي تہ ترڪي صلحنامي ۾ خلافت جي مسئلي بابت هندستان جي مسلمانن کي شڪايت آهي. ڇاڪاڻ تہ خلافت جو مسئلو هڪ مذهبي مسئلو آهي، تنهنڪري هر هڪ سچي مسلمان تي واجب آهي تہ ان بابت شڪايت ختم ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري. هينئر اهو قرار ڏنو ويو آهي تہ اهو مسئلو هندستان ۾ سيلف گورنمينٽ حاصل ٿيڻ ڪانپوءِ طئي ٿي سگهي ٿو ۽ اهو منهنجي نظر ۾ بدترين سبب ٿي سگهي ٿو ۽ سيلف گورنمينٽ حاصل ٿيڻ ڪانپوءِ طئي ٿي سگهي ٿو ۽ اها منهنجي نظر ۾ بدترين سبب ٿي سگهي ٿو ۽ سيلف گورنمينٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ترڪ موالات جي تحريڪ شروع ڪئي وئي آهي.

## خلافت جو مسئلو

مان انڪي مڃان ٿو تہ خلافت هڪ مذهبي مسئلو آهي ۽ هر هڪ سچي مسلمان تي ان جي مدد ڪرڻ فرض آهي ۽ اهو بہ مڃان ٿو تہ سيلف گورنمينٽ حاصل ڪرڻ سان اسان جي دعويٰ کي تقويت حاصل ٿي ويندي پر سوال هيءَ آهي تہ سيلف گورنميٽ حاصل ڪرڻ جو ڪهڙو ذريعو ۽ طريقو هجڻ گهرجي؟ منهنجي نظر ۾ هي هڪ دنيوي ۽ سياسي مسئلو آهي. تنهنڪري ڪنهن مذهبي مسئلي کي ان ۾ شامل ڪرڻ بي موقع ۽ اڻ وڻندڙ حرڪت آهي. مقصد صاف ۽ واضع سيلف گورنمينٽ حاصل ڪرڻ آهي، هينئر فقط ان جي حاصل ڪرڻ جي ذريعن جو سوال باقي بچي ٿو تہ ان بابت هر هڪ کي راءِ ڏيڻ جو هڪ جيترو حق

حاصل آهي. جيڪڏهن علماءِ دين پنهنجي راءِ ظاهر ڪن تہ ان جي راءِ پڻ ايتري ئي اهم ٿي سگهي ٿي جيتري پرائيويٽ حضرات جي ٿيندي. تنهنڪري دنياوي مسئلي ۾ ڪنهن مذهبي مسئلي کي شامل ڪرڻ نامعقول، اڻ وڻندڙ ۽ فضول حرڪت آهي. ترڪ موالات جي حامين ۽ ان جي مخالفن ٻنهي جو هڪڙو ئي مقصد آهي يعني اهو تہ هندستان کي سيلف گورنمينٽ ڪيئي. ٻنهي ڌرين فقط مختلف طريقا اختيار ڪيا آهن.

ان جي حاصل ڪرڻ جا ٽي مختلف طريقا آهن: شدت پسندي، ترڪ موالات ۽ آئيني ايجيٽيشن. شدت پسندڪاروائي جو تہ ذڪر ڪرڻ ئي فضول آهي ڇاڪاڻ تہ مذهبي عالم جيڪي مذهبي معاملي ۾ تڪليفن جي انتقام لاءِ جهاد کي جائز تصور ڪندا آهن، اهي پڻ شدت پسندڪاروائيءَ جا مخالف آهن. ڇاڪاڻ تہ اها ناقابل عمل آهي. ٻيو سول نافرماني يعني سلطنت جي هر شعبي کان پنهنجي تعلق ڪٽي ڇڏڻ تہ جيئن اها مفلوج ۽ بيڪار ٿي پوي. هينئر اسان کي ان جي خوبين ۽ نتيجن تي ڌيرج سان غور ڪرڻ گهرجي.

## ڪائونسلن جو بائيڪاٽ

ان جي پهرين منزل ڪائونسلن، اسڪولن ۽ پرڏيهي مال جو بائيڪاٽ ڪرڻ آهي. ڪائونسلن جي بائيڪاٽ ڪرڻ سان نہ تہ ڪو ڪم هلندو آهي ۽ نہ ڪو مالي فائدو حاصل ٿيندو. ان ڪاروائيءَ ۾ سراسر پنهنجو نقصان آهي ڇاڪاڻ تہ اوهان جيڪڏهن چونڊن ۾ شرڪت نہ ڪندؤ تہ ٻيا ڪيترائي اميدوار ويهندا. اها اميد ڪرڻ فضول آهي تہ ڪائونسلون خالي ٿي وينديون. يقيناً اهي ڪنهن نہ ڪنهن طرح ضرور ڀربيون. ان بابت انساني خصلت کي سڃاڻڻ جي ضرورت آهي. فرض ڪريو تہ جيڪڏهن نهايت موزون ۽ ڪاراتا ماڻهو ڪائونسلن ۾ نہ ويندا ۽ انهن جي بدران نهايت غيرموزون ۽ نالائق بلڪ شرير ۽ خطرناڪ ماڻهو ڀرتي ٿي ويندا تہ ڇا اهو ملڪ جي حق ۾ مفيد ٿيندو يا نقصانڪار قومي سيلف گورنمينٽ حاصل ٿيڻ جو مقصد ان حرڪت سان بجاءِ حاصل ٿيڻ جي فوت ويندو ٿي.

ڇا ڪائونسلن جي بائيڪاٽ جي ڪاميابي اسان لاءِ زبردست ناڪاميءَ جو سبب نہ بڻبي؟ دفتري حڪومت انهن ماڻهن کان سولائيءَ سان مدد وٺندي ۽ اهي ماڻهو ان حڪومت جي هٿن ۾ رانديڪا بڻجي ڪم ڪندا. مان بہ ان راءِ جو آهيان تہ ان ڪاروائيءَ سان اسان پاڻ مفلوج ۽ بيڪار ٿي ويندا سين ۽ ان جو شڪار گورنمينٽ تہ ٿيندي ڪونہ. البت رعيت شڪار ٿيندي.

## تعليم جو بائيڪاٽ

هينئر اسڪولن جي بائيڪاٽ ڪرڻ بابت ٻڌو. منهنجي راءِ ۾ ان ڪان وڏيڪ نقصان ڪار ۽ بيوقوفيءَ واري ڪا ٻي تجويز تي ئي نٿي سگهي. اها تجويز فضول آهي. رعيت ئي تعليمي ٽيڪس ادا ڪري ٿي جن سان اسڪول هلي رهيا آهن هينئر ڪيس چيو پيو وڃي ته هو انهن اسڪولن ۾ تعليم پرائڻ ڇڏي ڏين. هلندڙ تعليمي طريقي کي تمام خراب چو نه مڃجي پر ان کي بلڪل بيڪار چوڻ وڏاءُ آهي. اسان جي ماڻهن جي علمي ترقي ۽ معاملن ۾ درستي جن تي اسان کي ناز آهي ۽ جن سان اسان جون ڪيتريون ئي اميدون وابسته آهن. اهي سڀ انهيءَ تعليم جو نتيجو آهن. تعليم هن ملڪ جي وڏي ضرورت آهي_ سنڌ جي مسلمانن کي ته تعليم جي تهائين وڏيڪ ضرورت آهي. هر پاسي اِهائي ڪوشش ٿي رهي آهي ته جيتريقدر به ٿي سگهي تعليم کي ترقي ڏجي. هر هڪ محب وطن مفت ۽ لازمي تعليم لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي. سڌارن جي لوح سان تعليمات جو شعبو رعيت جي هٿن ۾ ڏنو ويو آهي ۽ ان کي ترقي ڏيڻ سان ڪيترائي وسيلا پيدا ٿي پيا آهن ۽ هينئر ماڻهن کي چيو پيو وڃي ته هو تعليمي درسگاهن کان لاڳاپا ٽوڙي ڇڏين. جيڪي ڇوڪرا ائين اسڪولن مان ڪڍيا ويندا تن جي تعليم جو تڪڙو ۽ معقول بندوبست ٿيڻ بلڪل ناممڪن آهي ۽ ان ضرورت کي پورو ڪرڻ لاءِ ملڪ ۾ درسگاهون موجود ڪونهن ۽ بنا ڪنهن سرڪاري امداد جي جديد مدرسن جو گهٽائيءَ ۾ قائم ٿيڻ سالن جو معاملو آهي.

## پرڏيهي مال جو بائيڪاٽ

پرڏيهي مال جو بائيڪاٽ ڪرڻ پڻ هڪ اڻ ٿيڻي ۽ تعصب پري رٿ آهي. پهرين ته ان تي عمل ڪونه ٿيندو ۽ جيڪڏهن ٿيو ته هيءَ رٿ بجاءِ غير ملڪي صنعت جي، پاڻ ديس صنعت لاءِ هاڃيڪار ٿيندي. ان ڪانسواءِ هيءَ هن قسم جو معاملو آهي جو جنهن بابت چوڻ سؤلو ۽ ڪرڻ ڏکيو آهي. چاڪاڻ ته جڏهن ايثار ۽ قربانيءَ جي ڪسوٽيءَ تي ڏنو وڃي ته صاف معلوم ٿيندو ته اهي ڳالهيون رڳو چوڻ جون آهن. مان اهڙن ماڻهن جي ڳاٽاٽي جو اندازو لڳائي سگهان ٿو جن کي چيو وڃي ته پنهنجو واپار ڇڏي ڏيو ته نفعي خاطر ته تمام گهٽا آماده ٿي ويندا پر نقصان گوارا ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي. آءٌ فقط سول نافرماني وارن کي ئي عرض ڪريان ٿو ته هو ان تي پاڻ ئي عمل ڪري ڏسن ته جيئن ڪين پنهنجي عقيدي جي سچائيءَ جي خبر پئجي وڃي. مون کي ڏاڍي خوشي ٿيندي جيڪڏهن اها خبر ٻڌندس ته سنڌ جي واپارين پرڏيهي مال جو واپار ڇڏي ڏنو. ترڪ موالات جا ٻيا تفصيل مثال طور فوج ۽ پوليس وغيره جي ملازمت ڇڏي ڏيڻ ۽ ٽيڪس ادا نه ڪرڻ وغيره اهڙا غير ضروري آهن جو انهن تي بحث ڪرڻ فضول آهي. اهي

ايترا تہ ناقابل عمل ۽ تعصب سان پريل آهن جي انهن جي ترديد ڪرڻ جي ضرورت ئي ناهي. خطاب ۽ اعزازي عهدا ڇڏڻ ڪا بہ اهم ڳالهہ ناهي جنهن جي ڪاميابيءَ ۽ ناڪاميءَ سان ڪو نتيجو نڪري. پر هن ننڍڙي معاملي جو جنهن سرد مهريءَ سان جواب مليو آهي ان سان ئي وڏن معاملن جي ڪاميابيءَ جو اندازو ڪافي طور تي سگهي ٿو.

هينئر ملڪ آڏو هيءَ سوال آهي تہ اسان کي اهو رستو اختيار ڪرڻ کپي جنهن سان ملڪ جي عام حالت کي ترقي حاصل ٿئي ۽ اهو ان قسم جو سوال آهي جنهن بابت هر ماڻهوءَ کي پنهنجي پوري سچائيءَ ۽ جرائت سان پاڻ ئي فيصلو ڪرڻ کپي. آءُ ان راءِ جو بلڪل مخالف آهيان تہ ميجارٽيءَ جي اڪثريت راءِ هر طبقي جي ميجارٽيءَ جي قابل ماڻهن جي راءِ تي حاوي ٿي ويندي ۽ باقي معاملن جو ڪو بہ لحاظ نہ ڪيو ويندو. ڪيترائي اهڙا معاملا آهن جن ۾ فردن کي پنهنجي ئي راءِ کان ڪم وٺڻ گهرجي. اها نہ رڳو سچي ڳالهہ آهي بلڪ اسان جو فرض پڻ آهي. آءُ ان راءِ جو هرگز پيروڪار نہ آهيان تہ ڪنهن اداري ۽ تنظيم سان تعلق سبب انسان جي دل، روح ۽ ضميربيڪار ٿي ويندا آهن. ان اصول جي زبردست مخالفت دنيا جي بهترين مدبر مسٽر برڪ( جيڪو پنهنجي مفاد کي پنهنجي ڪانشس ۽ ملڪ جي مفاد کان مٿانهون رکڻ جو خواهشمند هيو) پنهنجي ووٽر آڏو بيان ڪئي آهي. مان جيتوڻيڪ ڪانگريس جو سرگرم ميمبر آهيان پر پنهنجي ڪانشس جي آزاديءَ کي ان جي احڪامن کان مٿانهون سمجهان ٿو. اهو رڳو منهنجو ئي خيال ڪونهي ۽ مان نهايت خوشيءَ سان پڌائيندس تہ جيتوڻيڪ مان ميجارٽيءَ ۾ شامل آهيان. پر ان ۾ ملڪ جا نهايت قابل ۽ تجربيڪار ماڻهو پڻ شامل آهن. منهنجي خيال جو حامي هندستان جو اهو قابل فرزند مدن موهن مالوي آهي جنهن جي فهم ۽ فراست، ديانتداري، حب الوطني ۽ آزاد خياليءَ جي شهرت تنقيد کان مٿانهين آهي. جيڪو ڪانگريس جو هڪ بااختيار ميمبر آهي، هو پڻ ان ترڪ موالات واري تحريڪ جو مخالف آهي ۽ ڪلڪتي ۾ پنهنجي راءِ صاف طورتي بيان ڪري چڪو آهي. ان موقعي تي انهن حضرات جو ذڪر ڪرڻ ئي فضول آهي جن جي راءِ ۾ ڪانگريس جي فيصلي سان لوڏو اچي ويو آهي. منهنجي ۽ بين ڪيترن صاحبن جي راءِ انهن بابت هيءَ آهي تہ انهن پنهنجو منصبي فرض ادا ناهي ڪيو. بهرحال سندن ڪم سندن ئي فيصلي جو نتيجو آهن ۽ انهن کي انهن حضرات سان نٿو پيٽي سگهجي جن جو خيال سندن خلاف آهي.

آءُ هيءَ ڪنهن ذاتي مخالفت سبب نٿو چوان پر ملڪ ۾ پوري پوزيشن قائم ٿي وئي آهي. باوجود پنهنجي هم مذهب پائرن جي سخت مخالفت ۽ واويلا جي مان پهريون مسلمان آهيان جيڪو ڪانگريس ۾ داخل ٿيس. جنهن زماني ۾

هوم رول ليگ جي وڏي مذمت ۽ حقارت ڪئي پئي وئي. تڏهن مان پهريون مسلمان هيس جيڪو ان جو ميمبر ٿيس. تنهنڪري سياست ۾ دخل رکڻ جي مان ضروري دعويٰ ڪري سگهان ٿو. هر قسم جي نڪتہ چيني ۽ برو پلو ٻڌڻ جي باوجود مان نهايت ديانتداريءَ، سگه ۽ همت سان سدائين لاءِ پنهنجي اصول جو پابند آهيان. ۽ آءٌ خوشيءَ سان ٻڌايان ٿو تہ وقت منهنجو ساٿ ڏنو. مون دفتري حڪومت سان ڪيترن ئي مسئلن تي سخت جنگ ڪئي آهي ۽ اڳ وانگر هينئر پڻ ڪانگريس ۽ هوم رول جو زبردست حامي آهيان. جيڪڏهن ڪانگريس جي ڪنهن فيصلي سان مون کي اختلاف آهي تہ ان جي اها معنيٰ ڪونهي تہ مان ڪانگريس جو مخالف آهيان پر منهنجي نهايت سچائيءَ سان هيءَ راءِ آهي تہ ان قسم جو فيصلو پاڻ ڪانگريس جي اصول ۽ مقصدن جي خلاف آهي. ڪانگريس هندواسين جي مفاد لاءِ آهي ۽ ان جو مقصد اعليٰ سيلف گورنمينٽ آهي.

## ڪائونسل جي ميمبري

منهنجي راءِ ۾ جيڪڏهن ملڪ جا قابل ترين ماڻهو ڪائونسلن ۾ شامل ٿي وڃن تہ ملڪ جي تمام گهڻي خدمت ڪري سگهن ٿا ۽ هندستان لاءِ سيلف گورنمينٽ حاصل ڪرڻ جي پاليسيءَ بابت پڻ اُتي گهڻو ڪجه ڪري سگهن ٿا. نهايت ايمانداريءَ سان منهنجو هيءُ عقيدو آهي تہ جديد ڪائونسلن ۾ وڃي نهايت مفيد ڪم ڪري سگهجي ٿو. رڳو هڪڙو ئي مثال وٺو تہ تعليم جي سرشتي جو انتظام سڌارن جي روءِ سان رعيت جي حوالي ڪيو ويو آهي ۽ فقط انهيءَ جي ذريعي ئي زوريءَ تعليم بابت ڪجه ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن رڳو اهڙي ڪم ۾ ملڪ واسي ۽ سندن نمائندا گڏجي ڪم ڪن تہ اهڙا نتيجا حاصل ٿي سگهن ٿا جيڪي ترڪ موالات ذريعي هرگز حاصل نٿا ٿي سگهن. ۽ اهوئي سبب آهي جو مان ڪائونسل (council of State) جي ميمبريءَ جو اميدوار ٿيو آهيان ۽ منهنجي دلي خواهش آهي تہ ميمبر بڻجي پڻ پنهنجي ديس واسين جون ناچيز خدمتون انجام ڏيان. منهنجو خاص مقصد ديس جي خدمت ڪرڻ آهي. مون پاڻ ڪائونسل تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي هئي ۽ مون ان وقت پنهنجي ڪانشس جي پيروي ڪئي هئي. ڪنهن جماعت جي چوڻ تي استعيفيٰ ڪو نہ ڏني هيم. تڏهن منهنجو اهو خيال هو تہ صلح جا شرط طئي ٿي رهيا آهن ۽ جيڪڏهن مسلمانن جو زبردست اثر پئجي ويو تہ پلو نتيجو حاصل ٿيندو. پر هينئر ان ۾ وڏيڪ ترميم جي جلد توقع نہ آهي جيتوڻيڪ ڪائونسلن جو بائيڪاٽ ڪجي ٿا نہ اهو ئي سبب جو مون هينئر ڪائونسل جي ميمبريءَ لاءِ اميدوار ٿيڻ پسند ڪيو آهي.

منهنجي جيڪا مخالفت ٿيندي ان لاءِ مان بلڪل تيار آهيان ۽ ان جي مان پرواه نٿو ڪريان. مان پنهنجي اصول جي پابنديءَ ڪري اميدوار ٿيو آهيان، ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جي مون کي پرواهه ڪانهي. منهنجي نظر ۾ مردانگيءَ سان جنگ ڪري شڪست کائڻ ميدان مان ڊڄي پٺي ڏيڻ کان هزار ڀيرا ڀلو آهي. گهٽ ۾ گهٽ منهنجو ضمير ته ان کي منظور ڪندو ۽ سيئي ايماندار ماڻهو اهو پسند ڪندا. هينئر ميدان مان موٽي اچڻ ئي منهنجي لاءِ سؤلو ۽ خوشگوار رستو آهي. پر ان سؤلي بهادريءَ جو مون تي ڪو به اثر ڪونهي منهنجي پاليسي اِها ڪونهي ته مان ڪنهن جماعت جي ها ۾ ها ملايان پوءِ اُها دفتري حڪومت هجي يا رعيت جي جماعت هجي. منهنجي پاليسي ئي منهنجي رهنما آهي ۽ ان تي ڪاربند رهڻ ۾ چونه مون کي دفتري حڪومت يا پنهنجي پائرن سان جهيڙو ڪرڻو پوي ۽ چو نه مان ان ۾ ناڪام ئي ٿيان. مون پنهنجي اها پوزيشن پنهنجن ووٽرن آڏو نهايت وضاحت سان بيان ڪئي آهي. مان ڪوڙن واعدن ۽ بهانن کي پسند نٿو ڪريان. اهو بيان ته منهنجا ايجنٽ مون کي خلافت جو نمائندو ٻڌائين ٿا بلڪل غلط ۽ بي بنياد آهي. ان قسم جو بيان نسورو ڪوڙ ٿيندو. ان جي اصليت کي ڪجه ڏينهن ۾ خلافت ڪميٽي پاڻ ئي ظاهر ڪندي. منهنجو طرز عمل سدائين صاف ۽ سچو هوندو. پنهنجن مخالفن جي طرز عمل سان منهنجو ڪو به واسطو ڪونهي. منهنجي نظر ۾ انهن لاءِ پڻ اهو مفيد ٿيندو ته هو بدزباني، دشمني ۽ بيهودگيءَ کان پاسو ڪن. اُهي طريقا انهن کي زيب ڏيندا آهن جيڪي ان جا عادي آهن ۽ ان جو اثر اهڙن ماڻهن تي نٿو پئجي سگهي جيڪي ايمانداريءَ سان مقابلو ڪندا آهن ۽ شڪست قبول ڪرڻ لاءِ تيار رهندا آهن. آءُ ڪليو ڪلايو ان طرز عمل جو مخالف آهيان. پر نه ڪو ڊنل آهيان ۽ نه مون کي ڪنهن قسم جي ڪا شرمساري آهي. منهنجي خيال ۾ سچائيءَ سان اختلاف رکڻ ۽ پڌري پٽ مخالفت ڪرڻ عزت جوڳو عمل آهي. شدت ڪنهن به صورت ۾ ڪنهن ڪم ۾ مفيد نه هوندي آهي. ۽ سول نافرماني (ترڪ موالات) پڻ ان کان ڌار ڪانهي.

*(ڪتاب "صداءِ وطن" مرتب: مسز ايني بسنت، مسلم يونيورسٽي علي گڙهه پاران 1922ع ۾ ڇپرايل تان ورتل۔ ترجمو: ثناءالله سومرو)*

# تاريخي صدارتي تقرير

(هيءَ صدارتي تقرير رئيس غلام محمد پرڳڙيءَ آل انڊيا مسلم ليگ جي پندرهين سالياني اجلاس لکنؤ ۾ 31 مارچ 1923ع ۾ پڙهي)

ليگ جا اراڪين، خواتين و حضرات!

اوهان ليگ جي هن اجلاس جي صدارت لاءِ چونڊي جيڪو عزت ۽ فخر مونکي بخشيو آهي ان جي ٿورن مڃڻ جي مونکي اجازت ڏيو. جيڪو اهم ڪم هينئر اسان جي آڏو آهي ان جو ۽ پنهنجي ڪمزور صحت جو خيال رکندي شروعات ۾ مونکي اوهان جي تڪلف آميز دعوت کي قبول ڪرڻ تمام ڏکيو پئي لڳو. جيڪڏهن اهو صحيح آهي ته گذريل چئن سالن ۾ جڏهن قومي زندگيءَ ۾ هڪ اٿل پٿل پيدا ڪندڙ جذبو پيدا ٿي رهيو هو ۽ عالمگير دلچسپيءَ کي جذب ڪندڙ واقعا رونما ٿي رهيا هئا ڪنهن به وقت هوا جو رخ اسان جي موافق نه هيو ۽ نه ترڪي صلح واري معاهدي جي اطمينان جوڳي نبيري جون اهڙيون توقعات هيون جهڙيون اڄ اسان جي اجتماع وقت آهن. تنهن هوندي به اهڙي وقت جڏهن هر شئي پنهنجي جاءِ کان هٽيل آهن ۽ حالتون ڏکوئيندڙ آهن هن گڏجاڻيءَ ۾ ڳالهين ٻولين جي نگرانيءَ ۽ رهنمائي جي عظيم الشان ۽ نازڪ خدمت جو بار پنهنجي ڪلهن تي کڻڻ لاءِ اڳتي وڌڻ منهنجي لاءِ هڪ تمام وڏي جسارت ۽ دليري آهي. جيڪڏهن مون اوهان جي دعوت قبول ڪري هن ڪم کي پنهنجي هٿ ۾ کنيو آهي ته اهو فقط پنهنجي جماعت جي حڪم جي تعميل ۽ ان آواز تي لبيڪ چوڻ لاءِ آهي جنهن ۾ فرض جي ادائگيءَ جي غرض سان مون کي سڏيو ويو آهي. گڏوگڏ مون کي ان ڳاله جو اعتماد آهي ته اجلاس کي ڪامياب بنائڻ ۾ اوهان حضرات فرداًفرداًذوق ۽ شوق ۽ دل سان مون ساڻ عملي اتحاد فرمائيندؤ.

جيتوڻيڪ هيءَ امڪان منهنجي پيش نظر آهي ته اوهان مان اڪثر صاحب شايد ڪجه مسئلن ۾ پوريءَ طرح منهنجن خيالن سان متفق نه هجن. تنهن هوندي به اوهان جي اجازت سان حتي الامڪان مجمل طريقي سان ڪجه مسئلن تي ضرور بحث ڪندس جيڪي منهنجي خيال ۾ هينئر اسان جي جماعت ۽ ملڪ لاءِ ڏيان ڇڪائيندڙ آهن. پر مان هيءَ محسوس ٿو ڪريان ته

هينئر اهو وقت اچي ويو آهي تہ اسان مان هر شخص بيخوف ۽ بي ججهڪ ۽ آزادانہ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري.

## مجلس خلافت جي خدمتن جو اعتراف

مان پنهنجي خطبي کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ گهران ٿو. پهرئين حصي ۾ ترڪي ۽ خلافت جي مسئلن ۽ ٻئي حصي ۾ پنهنجي ملڪ جي اندروني معاملن بابت بحث ڪندس. خلافت ۽ ترڪيءَ جي مسئلن تي خلافت ۽ ليگ جو اڳوڻو صدر وقت بوقت نهايت وضاحت سان بحث ڪري چڪو آهي تنهنڪري انهن جي شروعاتي تاريخ تي بحث ڪرڻ ضروري ناهي. پر مان هن موقعي تي جمعيت خلافت هند جي انهن شاندار خدمتن جو کليو اعتراف ڪرڻ کانسواءِ نٿو رهي سگهان, جيڪي هُن ان نازڪ ۽ انتشار انگيز زماني ۾ جڏهن اسان جي جماعت تي عام جمود ۽ بي حسي طاري هئي, حمايت اسلام ۾ انجام ڏنيون. موصوفہ مجلس پنهنجي محنت ۽ جانفشاني ۽ پنهنجي ايثار ۽ قربانيءَ سان هندستان ۽ اسلام جي تاريخ ۾ هڪ متانهون درجو ماڻي ورتو آهي.

## مسٽر لائڊ جارج جو وزارتي دؤر

خواتين ۽ حضرات! هونئن تہ طرابلس جي جنگ جي زماني کان مسلمانن کي ڪنهن بہ وقت آرام ۽ سڪون نصيب ناهي ٿيو پر اڳوڻي وزيراعظم مسٽر لائڊ جارج جو وزارتي دؤر اسان لاءِ وڌيڪ اونداهو ۽ مصيبتن ڀريو دؤر رهيو جيئن هن پاڻ اقرار ڪيو آهي. چاڪاڻ تہ مسٽر لائڊجارج گهٽي حد تائين يونانين پاران سمرنا تي قبضي جو ذميدار هيو. هن ڪڏهن بہ عقل سليم جي مدد سان ناهي سمجهيو تہ انا طوليہ ۾ يوناني پنهنجي دستور موجب جنهن بربريت ۽ ظلم کي ڪم آڻي رهيا آهن ۽ جيڪي تباهيون ڦهلائي رهيا آهن انهن کي ختم ڪرڻ جي پڻ ضرورت آهي. مسلمانن ترڪيءَ سان بهتر مفاهمت ٿيڻ خاطر مسٽر لائڊ جارج جي خدمت ۾ جيڪي معروضات پيش ڪيون انهن کي صاحب موصوف حقارت سان ٺڪرائي ڇڏيو. سندس خيال ۾ فقط اها ئي ڳالهہ اچي پئي سگهي تہ "رومي سمنڊ برطانيہ لاءِ نهايت اهم آهي ۽ اسان کي يونانين جي دوستيءَ جي ضرورت آهي چاڪاڻ تہ يوناني هڪ اهڙي قوم آهي جنهن جي دوستي دنيا جي هن خاص حصي جي اندر اسان جيڪي بہ ڪم ڪريون ان لاءِ نهايت ضروري ۽ اهم آهي. انهن جي تعداد ۾ چند در چند اضافوتي ويندو ۽ اهي لڪ وانگر مضبوطيءَ سان ڄمي بيهندا. يوناني اُهي ماڻهو آهن جيڪي ذهين ۽ طباع آهن. اُهي سگهارا ۽ طاقتور آهن ۽ انهن ظاهر ڪري ڇڏيو آهي تہ هُو همت ۽ جرات وارا پڻ آهن." موسيو وينزيلاس جي اُن خيال جي تائيد ۾ تہ ٿريس ۽

سمرنا ۾ يونانين جي اڪثريت آهي مسٽرلائيڊ جارج پنهنجي ان دليل پيش ڪرڻ ۾ گوٽ ناٿ ناهي ڪئي تہ ٿريس ۽ سمرنا يوناني مسلمان رهن ٿا يعني جيتوڻيڪ مذهبي عقيدن ۾ اهي مسلمان آهن. پر يوناني قوميت سان تعلق رکن ٿا. تنهن ڪري کين يونان سان متحده ۽ ڳنڍيل رهڻ گهرجي. جڏهن (مسٽر) حسن امام واري خلافتي وفد هن ڳالهہ تي زور ڏنو تہ ترڪيءَ سان ڏُول (ليگ آف نيشنز) طرفان هي انصاف ڪيو وڃي تہ ان وقت پڻ سندس زبان سان لفظ نڪتا تہ "يوناني انهن علائقن تي قبضو ڪري چڪا آهن ۽ اهي اُتي موجود آهن. هڪ هنڌ ڪان فوجن کي ٻاهر ڪيڻ پڻ تمام ڏکيو ڪم آهي گڏوگڏ اهو تہ هُو اُتان وڃڻ بہ نٿا چاهين." ان تي هزهائينس سر آغا خان (جنهن جيتري جاکوڙ ۽ جانفشانيءَ سان ترڪيءَ ۽ اسلام جي حمايت ۾ تمام ٿورن ماڻهن ڪم ڪيو آهي) پنهنجو اهم ۽ مشهور جواب ڏنو تہ "جيڪڏهن برطانيہ سرڪار اسان کي الڳ ٿلڳ رهڻ ڏئي تہ اسان وڏي سؤلائي سان انهن فوجن کي ٻاهر ڪڍي ڇڏينداسين." پوءِ اڳوڻو وزيراعظم هڪ ٻڪو ٿي ويو ۽ جواب ۾ پاڻ هنيئن گوهر افشاني فرمايائون "جيڪڏهن اوهان هن تنازعي کي مقامي ٻٽائي سگهو ۽ ترڪن ۽ يونانين کي باهمي جنگ سان پاڻ فيصلو ڪرڻ ڏيو تہ ڳالهہ گهٽو وڌندي پر اصلي خطرو هيءَ آهي تہ اسلام هڪ ڏر جي پنيرائي ڪندو ۽ عيسائي ٻي ڏر جي ۽ اها صورت دنيا جي امن لاءِ هاجيڪار ثابت ٿيندي. جيڪڏهن اتي ئي جنگ رهي تہ مون کي ڪابہ پرواہ نہ هوندي. چاڪاڻ تہ جيتوڻيڪ ترڪ تقرير نٿا ڪري سگهن پر هو جنگ چڱيءَ طرح ڪري سگهن ٿا. ۽ مان اهو انهن جي مٿان ڇڏيندس تہ هو ويڙهہ جي ذريعي فيصلو ڪن." اها هئي مسٽر لائيڊ جارج جي صحيح دماغي ڪيفيت. خوشنصيبيءَ سان ترڪ ڳالهائيندا تمام گهٽ هئا ۽ وڙهندا چڱيءَ طرح هئا ۽ انهن هڪ ڀيري وري پنهنجي بابت نيپولين جي هن خيال کي سچو ڪيو تہ " اسان مري تہ سگهون ٿا پر مفتوح نٿا ٿي سگهون." جيڪڏهن ترڪن لاءِ آبنائن (ساموندي گذرگاهن) جا دروازا کليل هجن ها تہ هو ڀيهر ان وانگر ايٿينس جي دروازن تائين يونانين جو پيڇو ڪري ڏيکارين ها. جيئن ڪڏهن اڏم پاشا ڪيو هو. پر مسٽر لائيڊ جارج ائين ڪرڻ نہ پئي گهريو. سمرنا ۽ اسمر تي ترڪن جي هڪ ٻئي پنيان حملي (جيڪو وحشت خيز ۽ ڏڪائيندڙ تيزيءَ سان ڪيو ويو هو) 10 ڊائوننگ اسٽريٽ ۾ پڻ هلچل مچائي ڇڏي ۽ مسٽر لائيڊ جارج هن قابل يادگار برطانوي اعلان ڪرائڻ ۾ سستي نہ ڪئي جنهن جي ذريعي يورپ ۽ برطانيہ جي ٻئنڪن ۾ عام طور ۾ مسلمانن ۾ خاص طور ترڪن خلاف ڪاوڙ ۽ غصي جا جذبا ڀڙڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. هن اعلان تہ گذريل عالمي جنگ ۾ ترڪيءَ تي فتح ماڻڻ سان جيترا فائدا حاصل ٿيا آهن. ڪٿي انهن سيني تان هٿ ڌوئڻا نہ پون. ڪرڻ ڪانپوءِ هيءَ

التجا ڪئي وئي هئي تہ "پرڳڻن جي آزاديءَ جي حفاظت ڪرڻ ۽ ترڪيءَ جي تشدد آميز ۽ جارحانہ "حملي" کي روڪڻ لاءِ فوجي طاقت سان مدد ڏيو. بلقاني رياستن کي هيسائڻ ۽ ليگ آف نيشنز ۽ انگريزي قوم جي مدد ۽ تائيد حاصل ڪرڻ لاءِ مذڪوره اعلان ۾اهو خطرو واضع ڪيو ويو تہ سموري دنيا جا مفاد "آبنائن" سان وابستہ آهن ۽ يورپ ۽ برطانيہ جو مفاد پهرئين درجي جو آهي. اسلامي ملڪن ۾ دور رس انقلاب ترڪن جي خواب ۽ خيال کان ٻاهر فتحن کي ڏسي ڪري اسلامي ملڪن ۾ وڌيل حوصلن پيدا ٿيڻ جو انديشو ظاهر ڪيو ويو ۽ رومانيہ کي ياد ڏياريو ويو تہ جنگ عظيم ۾ رود بار جي رستي سان توهان جو جيڪو واپار ٿيندو هو اهو ڪيئن تباهہ ٿي ويو. سربيا ۽ يوگوسلاويا کي هيءَ خوف ڏياريو ويو تہ ترڪيءَ ۽ بلغاريہ تنهنجي خلاف متحد ٿي ويندا. بئنڪن کي درخواست ڪئي وئي تہ جن مقصدن لاءِ توهان زبردست قربانيون ڪري چڪا آهيو انهن جي تائيد ۽ حمايت ۽ ان زمين جي تحفظ لاءِ جتي آسٽريليا جون غير فاني هستيون دفن آهن ترڪيءَ جي سرزمين تي پنهنجون فوجون موڪليو. مسٽر لائيڊ جارج جو آخري حڪم جيڪو اتحادي سپہ سالار اعظم ۽ برطانوي ٻيڙي جي نالي پهتو اهو هيو تہ غير جانبدار علائقن ۾ "ترڪن کي گهڙي اچڻ کان" روڪيو وڃي. گڏوگڏ اهو تہ هُو يورپين ساحلن کي عبور ڪري وڃن جتي ٿڪندڙ يوناني فوجون راهہ فرار کي جلد کان جلد طئي ڪرڻ جي وٺ پڪڙ ۾ هيون. برطانيہ ۽ فرانس ان مهم کان تڪڙ ۾ علحدہ ٿي ويا. رتو چاڙ جي جنهن خطري سان بلقان جي رياستن کي ڊيڄاري ويو هو ان کان اُهي نہ ڊنيون. بيئڪيتن ۽ آسٽريليا وارن بہ وزيراعظم ان زهريلي تجويز تي ڪن نہ ڏنو. هيڏانهن خود انگلستان ۾ مزدوري پيشہ طبقي جنگ مخالف جماعتن ۽ لارڊ نارٿ ڪلف جي اخبارن جنگ جو خطرو سر تي ڪڻڻ جي هن تجويز کي پيرن هينان چيپاتي ڇڏيو جنهن ڪري وزيراعظم جو پيچرڻ اُٽتر ٿي ويو.

## برطانيہ جي پاليسي ساڳي قائم رهي ·

اسان هندستان مان هيءَ اميد ٿا ڪريون تہ مسٽر لائيڊ جارج جي دفع ٿيڻ سان ترڪيءَ جي معاملن ۾ برطانيہ پنهنجي خارجي پاليسيءَ جو هڪ نئون رخ اختيار ڪندي پر لوزان ڪانفرنس جي روئداد ڪجھ گهٽي خوشگوار ڪونهي. ڪنهن نہ ڪنهن طرح ترڪيءَ پنهنجين ڪوشش سان هڪ باعزت ۽ خود دار قوم جي حيثيت سان پنهنجي هستيءَ کي قائم رکڻ جو حق جتايو آهي ۽ هينئر پنهنجي ان حق کي وڃائڻ واري ناهي. ترڪن آڏو معاهدي جو جيڪو مسودو پيش ڪيو ويو آهي اهو ڪو دل خوش ڪندڙ ڪونهي. منجهس پڻ ساڳيائي نقص موجود آهن جيڪي دل ٽوڙيندڙ سيوري معاهدي ۾ آهن ۽ ترڪن مان هيءَ اميد

نتي ڪئي وڃي تہ هُو معاهدي کي ان جي هاڻوڪي صورت ۾ منظور ڪندا. جيتوڻيڪ سرحدن وارو معاملو گهٽ ڪري طئي ٿي ويو آهي پر سياسي مراعتن "آبنائن ۽ ننڍين قومن" جي مسئلن ۽ اقتصادي واقعن گڏوگڏ ننڍي اوپر جي اندر صحيح امن ۽ صلح قائم ڪرڻ ۾ رڪاوٽون وڌيون آهن.

## سياسي مراعتون

ترڪيءَ جي ترقيءَ ۽ عروج کي گهٽ ڪري تہ سياسي مراعتن قيد ۾ رکيو آهي. شروعات ۾ هي معمولي قسم جون مراعتون هيون جيڪي ترڪيءَ جي حڪمرانن پنهنجي خوشيءَ سان مهربانيءَ جي طورتي انهن ٿورڙي تعداد وارن ۽ جتي ڪٿي رهندڙ غيرملڪين کي جيڪي واپار خاطر ترڪيءَ ۾ آيا هئا رعايت جي طور تي عطا فرمايون هيون. انهن ماڻهن جي معاملن ۾ ترڪي حڪومت پنهنجي اوج ۽ ڪمال واري دؤر ۾ تمام گهٽ دلچسپي وٺندي هئي يا بلڪل نہ وٺندي هئي بلڪہ کين موڪل هئي تہ هو پنهنجن پنهنجن ملڪي نمائندن جي نگرانيءَ هيٺ رهن. اهي مراعتون ترڪيءَ جي حڪمرانن جي مرضيءَ تي منسوخ ٿيڻ جوڳيون هيون.

## مراعتن جي بدلجندڙ صورت

ترڪي حڪومت جي زوال ۽ غيرملڪي رهاڪن جي وڌندڙ ڳاڻاٽي ۾ رهائش واريءَ وقت کان وٺي (جن کي رومي سمنڊ جي ساحلي علائقن جي بدامني ترڪي جي سرزمين ڏانهن ٽولن جي صورت ۾ ڇڪي ايندي هئي) انهن مراعتن هڪ بلڪل مختلف ۽ خطرناڪ صورت اختيار ڪري ورتي. 1914ع کان اڳ تائين جڏهن ترڪيءَ جنگي حالتن مان فائدو وٺي انهن مراعتن کي رد ڪري ڇڏيو ان وقت جي وڏي سرڪار جي رعايا ترڪيءَ ۾ ايراضيءَ جي مال گذاريءَ سان گڏ وڳڏ سمورين ٽيڪسن کان مستثنيٰ هئي. انهن جي رعيت جي ڪنهن شخص کي ترڪي حڪومت گرفتار نہ ڪري سگهندي هئي. ۽ عام طورتي قانون تحت متن ڪابہ پابندي نہ لڳائي سگهبي هئي. اصل حقيقت هيءَ آهي تہ انهن غير ملڪين مان هر شخص کي اهي حق حاصل هئا جيڪي سفيرن ۽ وڪيلن کي ٻاهرين ملڪن ۾ حاصل هوندا آهن. پوليس سندن گهرجي تلاشي نہ وٺي سگهندي هئي ۽ جيڪڏهن ترڪي رعيت مان بہ ڪو شخص پوليس کي گهربل هوندو هو تہ اهو ڪنهن غير ملڪيءَ جي گهر ۾ لڪي ويندو هو ۽ پوليس تيستائين بيوس هوندي هئي جيستائين لاڳاپيل سفارت جو ترجمان نہ ايندو هو ۽ ان دوران ان شخص کي گهٽ ڪري سؤلائيءَ سان ڀڄي وڃڻ جو موقعو ملي ويندو هو. ترڪيءَ ۾ ڪيترائي ڏوهہ ٿيڻ وڏن وڏن ترڪ مدبرن جو قتل ٿيڻ ۽ وقت بوقت

قتل عام جي وارداتن جو رونما ٿيڻ انهن سيني بابت غور ڪرڻ سان سؤلائيءَ سان هيءَ معلوم ٿي سگهي ٿو تہ اهي ئي مراعاتي انهن جو سبب هيون. جيڪا حڪومت اهڙي رحم جوڳي حالت ۾ مبتلا هجي ان کي لازمي طورتي پست حالت ۾ هئڻ گهرجي. سياسي مراعاتن جي دؤر ۾ ترڪن جي اقتصادي حالت پڻ خوشگوار نہ هئي. ڇاڪاڻ تہ غير ملڪي باشندا محصولن جي ادائگيءَ کان آجا هئا تنهنڪري ترڪيءَ جي واپار تي سندن سؤلائيءَ سان قبضو ٿي پئي ويو ۽ ترڪي حڪومت واپاري محصول مقرر ڪرڻ ۽ ڪيڻ ضابطي هيٺ آڻڻ کان لاچار هئي. اهڙيءَ ريت ترڪي اقتصادي ۽ سياسي غلاميءَ جو شڪار هئي ان جي زراعت ۽ صنعت ۽ حرفت تباه ٿي چڪي هئي. اقتصادي مراعتن سبب ترڪي جنهن اقتصادي پستيءَ ۾ ڪِرِيل هيو. ان کان مجبور ٿي ترڪي پنهنجي اندر اشد ضروري سڌارن جاري ڪرڻ کان عاري هيو ڇاڪاڻ تہ ترڪيءَ جي ڪابہ حڪومت پنهنجي نفعي لاءِ پنهنجي خاص رعايا ۽ غير ملڪين تي ٽيڪسون لڳائڻ ۾ اعتبار نہ پئي رکي سگهيو ۽ ڇاڪاڻ تہ مراعاتي دؤر حڪومت جي بنياد تي انهن غير ملڪين جي ڪيسن کي (جن جو ترڪيءَ جي واپار جي وڏي حصي تي قبضو هو ڪو هٿ بہ لائي نٿي سگهيو تنهنڪري ترڪي حڪومت کي مات ڪري ويهڻو پوندو هو. اهڙين صورت حالن جو ضروري نتيجو هيءَ آهي تہ غيرملڪي رهاڪو ترقي ڪندا ۽ وڌندا ويجهندا هئا. اتي تُرڪ ۽ خاص طور انا طوليہ جا ڪُڙمي ڏينهون ڏينهن بدتر اقتصادي پريشانين ۾ مبتلا ٿيندا ويندا هئا. پيرس جي معاهدي وقت 1856ع تائين يورپ جا ملڪ هن ڳالهہ کي مڃيندا هئا تہ سياسي مراعتن ترڪيءَ کي بيوس بڻائي ڇڏيو آهي ۽ اُنهيءَ ڪري مذڪوره معاهدي تي صحيحون ڪرڻ وارن هن ڳالهہ کي تسليم ڪيو هو تہ هو "افسوس جوڳين پابندين اندر باب عالي جي اختيار کي محدود ڪن ٿا." پر تڏهن کان وٺي خودغرضيءَ سبب معاهدو ڪندڙ ڏرين طرفان سياسي مراعتن کي ختم ڪرڻ بابت ڪابہ ڪارروائي ناهي ڪئي وئي ۽ جيتوڻيڪ خودمختيار ٿيڻ تي انهن مختلف بلقاني رياستن کي انهن زنجيرن کان آزاد ڪيو ويو پر ترڪيءَ جا هٿ پير اجا تائين انهن ئي زنجيرن ۾ بدّل آهن. حالانڪ اهو ڪو بہ نٿو چئي سگهي تہ ترڪيءَ جي تهذيب ۽ تمدن جو پيمانو انهن رياستن کان گهٽ آهي.

## ترڪي گورنمينٽ جي رواداريءَ جو اعتراف

پيرس ۾ صلح جي معاهدي جي ڳالهين دوران ڪائونٽ ووڪيو رهن ۽ واقعي جي تصديق ڪئي هئي تہ ترڪيءَ کان وڌيڪ ڪنهن بہ حڪومت ۾ آزاد واپاري قانون نہ آهن. سلطنت عثمانيہ جي غير ملڪي باشندن جي ڪارو بار بلڪ هيئن چئو تہ ذاتي تعلقات ۾ جيڪي جهڳڙا ٿيندا رهندا آهن اهي اهڙن

واقعن ۾ حالتن تي ٻڌل هوندا آهن جيڪي هڪ خاص صورت ۾ پيدا ٿيندا آهن. انهيءَ جي باوجود لوزان (ڪانفرنس) ۾ ترڪيءَ جي قانون کي نِنديو ٿو وڃي ۽ فقط اهو تجويز ڪيو ٿو وڃي ته ترڪن کي آزمائش ڪئي وڃي ۽ اهو به تمام سخت پابندين سان.

جينوٽيڪ اعلان اهو ٿو ڪيو وڃي ته سياسي مراعتن کي اصولن رد ڪيو ويو. تنهن هوندي به انهن بدران معاهدي جي مسودي ۾ جيڪا شئي رکي وئي آهي ان سان ترڪيءَ جي مصيبت انگيز سياسي ۽ اقتصادي حالت جو علاج نٿو ٿي سگهي.

## آبناين (سامونڊي گذرگاهن) جو مسئلو

حضرات! جيڪڏهن ترڪيءَ جي سياسي مراعتن کي مڪمل طورتي رد ڪرڻ واري مطالبي بابت لارڊ ڪرزن جو رويو افسوس جوڳو رهيو آهي ته آبناين جي مسئلي بابت پڻ سندس رويو ڪو ان کان گهٽ افسوسناڪ نه هيو. مسٽر لائيڊ جارج اهو چوڻ کان ڪڏهن به نٿو ٿڪجي ته دره دانيال جو تعلق برطانيه ۽ سموري دنيا سان آهي ۽ لارڊ ڪرزن پڻ هن مسئلي بابت جيڪا ڪارروائي ڪئي آهي اها پڻ گهٽو ڪري انهيءَ اسپرٽ ۽ انهيءَ طرز جي آهي.

## آبناين جي آزادي- جنگي نقطہ نظر کان

مان بنا ڪنهن جهجهڪ جي هي چئي سگهان ٿو ته آبناين جي مستقل آزاديءَ جو ڪو به مخالف نه ٿيندو پر آبناين جي مستقل آزادي سندن جنگي آزاديءَ کان بلڪل مختلف شئي آهي. جنگي آزادي يعني سندن ساحلي قلعن کي بي هٿيار ڪيو وڃي (جينوٽيڪ اتحادي اڳ ۾ ئي ڪين هٿيار بند ڪري چڪا آهن) ۽ پڻ رومي سمنڊ ۽ بحيره اسود وچ ۾ جنگي جهازن کي آزاد اچ وڃ جي موڪل هجي. ان قسم جي آزاديءَ سان بحيره اسود جي رياستن کي خطرو رهندو ۽ انهيءَ ڪري جڏهن اسان اهو ڏسون ٿا ته روس هن تجويز جي تمام سخت مخالفت ڪئي آهي ته ان تي اسان کي ڪا به حيرت نٿي ٿئي. آبناين جي اقتصادي آزاديءَ جي ضمانت ترڪ ڏئي چڏيندا ۽ حقيقت ۾ به انهن ماضيءَ ۾ سدائين اقتصادي آزاديءَ تي پابندين لاڳو ڪرڻ کان لنوايو آهي ايستائين جو قومي خطري واري دؤر ۾ پڻ.

## سامونڊي گذرگاهون بين الاقوامي حيثيت نٿيون رکن

اهو چوڻ ته سامونڊي گذرگاهون بين الاقوامي نوعيت نٿيون رکن حقيقت ۾ نتيجن حاصل ڪرڻ ۾ پيچيدگيون پيدا ڪري ٿو. جيڪڏهن هن

تجويز جي منطقي حيثيت تي غور ڪيو وڃي تہ هر بحري رستو پوءِ اهو ننڍو هجي يا وڏو گهٽو ڪري هڪ بين الاقوامي نوعيت رکي ٿو. ٿئمس نديءَ مثال سال جا ٻارنهن مهينا وڏو بين الاقوامي واپار ٿيندو آهي، تنهن هوندي بہ لنڊن جي حفاظت جي خيال کان لارڊ ڪرزن ان نديءَ جي جنگي آزادي ڪڏهن بہ منظور نہ ڪندو قسطنطنيہ بلڪل لنڊن وانگر واقع آهي. جبل الطارق آبناءِ باب الندب ۽ آبناءِ ملاڪا چاڪاڻ تہ وڏن وڏن سامونڊي رستن کي هڪ ٻئي سان ملائين ٿا تنهنڪري ترڪي گذرگاهن کان وڌيڪ بين الاقوامي حيثيت رکن ٿا. انگلستان کي انهن جي آزاديءَ جو خيال نٿو ٿئي. پانامہ ۽ سوئيزن نهرون جيڪي تمام وڏي بين الاقوامي نوعيت رکن ٿيون اتان فوجن کي ڪڍيو نٿو وڃي جيڪڏهن ٿيمس نديءَ جي معاملي ۾ جاگرافيائي ويجهڙائپ جو لحاظ رکيو وڃي. ٿوتہ بحيره اسود جي رياستن کي جن جو مفاد انهن آبنائين سان ۽ برطانيہ ۽ باقي دنيا جي مجموعي مفاد جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڳنڍيل ۽ وڌيڪ اهم آهي پنهنجين پنهنجين ضرورتن پٽاندڙ رود بارجي مستقبل جو ٻاڻ فيصلو ڪرڻ ڏنو وڃي. انهن سيني ڳالهين کان هٽي ڪري آبناءِ دانيال جي ذريعي برطانيہ جو جيڪو واپار ٿيندو آهي ۽ ان رستي سان جيڪي برطانوي جهاز گذرندا آهن انهن جو في سيڪڙو تناسب رومانيہ، روس ۽ ٻين ساحلي ملڪن جي جهازن جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي. لارڊ ڪرزن بهادر جيڪڏهن انهيءَ سان اتفاق ڪري سگهي تہ مٿس لازم آهي تہ ترڪن کي دره دانيال جي جنگي آزادي مڃائڻ تي مجبور ڪري ڪين يونان جي سامونڊي حملن جو شڪار بنايو وڃي کان اڳ هُو جبل الطارق، سوئيز نهر، آبناءِ رائونڊز ۽ ٻين بين الاقوامي سامونڊي رستن کان جيڪي هينئر برطانوي توپن جي حفاظت ۾ آهن مان پنهنجون فوجون ڪڍرائي.

## ننڍين قومن جو مسئلو

جيڪڏهن اسان ٿوري تعداد وارين قومن جي مسئلي تي بحث ڪريون تہ انسانذات لاءِ حل ڪرڻ جوڳا ننڍي اوپر سان لاڳاپيل ايترا تہ مسئلا آهن جو اتي مستقل امن امان بابت ڪابہ توقع قائم ڪرڻ ۾ مايوسي ٿئي ٿي. انهن ٿوري تعداد وارين قومن جو واپار نہ هن طرح تي سگهي ٿو جو ڪين اجا اشتعال ۾ آندو وڃي ۽ ان ريت جو سندن لاءِ قومي وطن ناهيا وڃن ۽ ڏاڍ جي زور تي ٻاڻ ٿيٽيون ضمانتون مهيا ڪجن. بلڪ واپار جي صورت هيءَ آهي تہ پاڙيسرين وانگر پُر امن طريقي تي زندگي بسر ڪرڻ لاءِ چيو وڃي. جيستائين ڪين هيءَ يقين آهي تہ خود پنهنجي گورنمينٽ خلاف سازشون ڪرڻ وقت پڙ ڏاريا ملڪ سندن حفاظت ڪندا جيئن ماضيءَ ۾انهن ڪئي هئي تيستائين ترڪيءَ ۾ ڪو بہ جٽادار امن قائم نٿو ٿي سگهي ۽ هيءَ مسئلو بہ انهن ٻين مسئلن وانگر وڌندو

رهندو جيڪي ان کان اڳ اُتيا ۽ فقط ترڪيءَ جي مقبوضات جي هڪ ٻئي پنيان وچڻ سان طئي ٿيا هئا. جيڪڏهن هي ٿوري تعداد واريون قومون پڻ (هندستان جي مسلمانن وانگر) پنهنجي حڪومت ۾ جداگانه ۽ فرقه وار نيابت وٺڻ گهرن ته مون کي يقين آهي ته ترڪي حڪومت کين ان قسم جي نيابتي حقن ڏيڻ ۾ حسد کان ڪم نه وٺندي ۽ مان ڏسان ٿو ته هڪ ٿوري تعداد واري قوم جي جائز ترقيءَ لاءِ جن شين جي ضرورت آهي انهن سيني جي قوم پرور ترڪي حڪومت ضمانت ڪنئي آهي. ان قسم جون علامتون ظاهر ٿي رهيون آهن ته ترڪن، ازمنن ۽ آشوري ڪلداني، هڪٻئي کي نندي رهيا آهن ۽ جنگ جي زماني ۾ ڪانئن جيڪي حماقتون سرزد ٿيون آهن انهن تي شرمسار آهن. ڏارين قومن سان ترڪن جي رواداري عام مشهور آهي. جيتوڻيڪ انهن تبليغي ڏينهن ۾ ترڪن جي هن رواداريءَ جو حاسدانه طريقي تي اعتراف ڪيو ويندو آهي پر مون کي پڪ آهي ته باوجود ان جي جيڪڏهن ترڪن کي ساه پٽڻ جو موقعو ڏنو ويو ته هو تمام جلد پنهنجي گهر جو انتظام سنڀالي وٺندا.

## جزيرة العرب کان هٿ ٿورو پري رکو!

حضرات! ان زماني کان وٺي جڏهن لارڊ ڪچنر کي جنگ دوران طرابلس جي جنگ ۾ ان ڪم لاءِ مصر موڪليو ويو هو ته هو اُتي وڃي مصري جانبداريءَ جي حفاظت ڪري. هينئر تائين اسلامي ملڪن سان برطانوي پرڏيهي سياست جو عملي طريقو غيرهمدردانه ۽ ڪيترن ئي نازڪ موقعن تي سخت مخالفت وارو رهيو آهي. سياسي اقتدار جي خوابن جي اڻ ٽيٽي تعبيرن کي عملي وبس پارائڻ جي فڪر ۾ لارڊ بيڪنيفيلڊ جي حڪمت عمليءَ کان علحدگي اختيار ڪئي وئي. ان جو نتيجو هر شخص لاءِ مصيبتن پريو نڪتو. جڻ ته اسلامي ملڪ ڪمزور ۽ ضعيف ٿي ويا پر خود برطانيه پڻ جنهن اڄڪلهه سموري دنيا ۾ پير پکيڙيُ چڏيا آهن ضعيف ٿي ويو آهي. سنڌس سطوت، سنڌس اقتدار ۽ سنڌس اخلاقي اثراوير جي ملڪن ۾ ايترو ته لُڏي ويو آهي جو شايد ئي قائم رهي سگهي. خاص طور وچ اوڀر ۾ جتي برطانوي مدبر سڀ کان وڌيڪ فائدو تصور ڪري رهيا آهن برطانيه کي سڀ کان وڌيڪ نقصان کٽٽو پيو آهي ۽ سمورو وچ اوڀر اڄ نه ته سياڻي سنڌس هٿن مان ضروري نڪري ويندو.

ڇاڪاڻ ته ترڪن پاران جوابي تجويزون اتحادين آڏو پيش ڪيون ويون آهن. ۽ ان ڳالهه جي توقع آهي ته صلح جي مذاڪرات جو سلسلو نئين سر شروع ٿي ويندو. تنهنڪري مان هن موضوع کي گهٽي ٻيگه ڏيڻ ضروري نٿو سمجهان. جيتوڻيڪ اسان کي ان مسلمانن ۽ اسلام جي فخر، ان زبردست بهادر ۽ مدبر يعني غازي مصطفيٰ ڪمال پاشا جي شاندار ۽ درخشان قيادت جو

شڪرگذار ٿيڻ گهرجي جنهن جي صدقي ترڪيءَ جي معاهدي جو گهٽو ڪري نتيجو ملي ويندو پر جزيرة العرب ۾ حڪمبرداريءَ هيٺ ملڪن جو فيصلو ٿيڻ اجا باقي آهي. ۽ اسان واعدو ڪري چڪا آهيون ته اسان انهن ملڪن جي بدقسمت رهاڪن جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ سندن مدد ۽ تعاون ڪنداسين. لارڊ ايلنبائي (اڳوڻو سپه سالار فلسطين ۽ هاڻوڪو برٽش ايجنٽ مصر) پنهنجي هڪ خط ۾ ( جيڪو 5 سيپٽمبر 1917ع تي ڪرنل ريپنگٽن جي نالي موڪليو ويو هو) هيٺين عبارت درج ڪئي هئي:- "آزاديءَ جي جنگ ۾ عرب اسان سان شامل ٿي ويندا. پر فقط انهيءَ آزاديءَ لاءِ. ان ڪري نه ته هُو اسان سان محبت ڪن ٿا". هڪ ٻئي انگريز ڪرنل لارينس صاحب جنهن عربن کي بغاوت تي اڀارڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو هو ان ڳالهه کي مڃيو آهي ته " جنگ عظيم دوران عربن جيڪا ترڪن خلاف بغاوت ڪئي هئي ان جو سبب اهو ڪونه هيو ته ترڪي حڪومت خراب آهي بلڪ هيءَ هيو ته عرب پنهنجي آزاديءَ جا خواهشمند هئا. انهن پنهنجين ڳالهين کي ان ڪري خطري ۾ نه وڌو هو ته هڪ آقا بدران ٻئي آقا جا غلام بڻجي وڃن يعني برطانوي يا فرانسيسي شهري بڻجي وڃن." جيتوڻيڪ عربن سان آزاديءَ جا قول اقرار ڪيا ويا هئيا. ۽ کين پنهنجي ديني ڀائر مسلمانن خلاف وڙهڻ تي لڳايو ويو هو پر ڪنهن کي اهو گمان به نه هيو ته خود مسٽر چرچل جي ذات بابرڪات ڪجه ڏينهن ڪانپوءِ پنهنجي زبان فيض ترجمان مان هي الفاظ ادا ڪندي ته عربن کي "نائره جنگ" ۾ فقط ڪتي ڪتي ڏڪيو ويو هو. هيءَ اها ئي شخصيت آهي جنهن پارليامينٽ ۾ هن ڳالهه جو اعلان ڪرڻ جي جسارت ڪئي ته "سندس ڪنن تائين اجا پڙڪ به ناهي پهتي ته هو(يعني عراق) عربن کي موٽائي ڏنو ويندو." اسان ڏسي چڪا آهيون ته ڪيئن ليگ آف نيشنز جي بنيادي معاهدي جي خلاف حڪمبرداريءَ جا پروانا ورهايا ويا ۽ هينئر ڪيئن انهن ملڪن کي "انتظامي مشورو ۽ امداد" پهچائي پئي وڃي. پوءِ ڇا اها عجب جي ڳالهه آهي ته عربن جي اکين آڏو ايتريقدر جلد ان ڏوکو ڏيندڙ ڪارڻ جو پردو هٽي ويو؟ سڀني اسلامي ملڪن جي پيٽ ۾ توڪن. عربن ۽ هندستانين سڀني جا خيال متفق آهن. سڀ جا سڀ هن ڳالهه لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهن ته عربن کي عام راءِ جي اظهار جو حق هجي ۽ غير مسلم قوتن جي غلاميءَ کان بچن. پر ڇا انگلستان ان کي مڃي ونندو؟ ظاهر ڳاله آهي ته ان ڳالهه جا ڪي به آثار اجا نظر نٿا اچن. تنهنڪري اسان مسلمانن جو فرض آهي ته انهن ملڪن کي حڪمبرداريءَ جي پروانن جي ڦندي کان نجات ڏياريون. جيڪي سندن قوتن کي ڪمزور ڪن ٿا. ۽ اسان تي لازم آهي ته آزاديءَ جي جدوجهد ۾ انهن ماڻهن سان شامل حال هجون. مون کي پڪ آهي ته اوهان صاحب ۽ مسلم ليگ ۽ خلافت ڪميٽيءَ جا ميمبر جزيرة العرب تي خالص مسلم تسلط قائم ڪرڻ ۾ جيڪو هن

ملڪ جي ترقيءَ ۽ فلاح ۽ بهبود لاءِ نهايت ضروري هجي عربن جي مدد ۽ سهڪار ڪندا رهيؤ ته ڇاجا حڪمبرداريءَ جا پروانا ۽ ڇاجون حڪمبردار سلطنتون؟ اهي سڀ اڄ نه ته سڀاڻي ختم ٿيندي نظر اينديون ۽ انهن بدران گڏيل آزاد رياستن جو سلسلو قائم ٿي ويندو جيڪو تحفظ جي احساس ۽ ذاتي مفاد جي رشتي ۾ پاڻ ۾ ڳنڍجي ويندو.

## اوير جي قومن جي جماعت

اهڙي گڏيل رياستن جي وجود جون علامتون نظر اچي رهيون آهن. اها قومن جي حقيقي جماعت هوندي. ڪابل، طهران ۽ انقره پائپيءَ جي رشتي ۾ ڳنڍجي چڪا آهن. جنهن ڏينهن انهن نام نهاد "حڪمبرداريءَ هيٺ ملڪن" جا رهاڪو پنهنجي وطن جي حڪومت جون واڳون پاڻ پنهنجن هٿن ۾ وٺندا، انهيءَ ڏينهن اُهي "واعتصمو بحبل الله جميعا" جي رباني اصول تي ڪاربند ٿي ڪري اُن اتحاد جي رشتي ۾ شامل ٿي ويندا ۽ اهو ڏينهن به پري ناهي جو جاپان ۽ چين اختلاف ختم ڪري هن مشرقي تحريڪ ۾ شامل ٿي ويندا ۽ هن اتحاد جي پائپيءَ واري آسمان تي سج ۽ چنڊ بڻجي چمڪندا. ڪجه ماڻهو چون ٿا ته مشرقي قومن جي اتحاد جي تحريڪ خواب ۽ انساني ڪان وڌيڪ حقيقت نٿي رکي. پر اسان جڏهن ايشيا ۽ آفريڪا جي خلاف يورپي ملڪن جي جارحانه ڪارروائين تي نظر وجهون ٿا ۽ رنگ دار قومن سان اڇي رنگ وارين قوم جي ورتاءَ کي ڏسون ٿا ۽ نسل ۽ قوميت جي انهيءَ تعصب تي ڌيان ڏيون ٿا جيڪو هينئر مغربي ملڪن ۾ تيزيءَ سان ڦهلجي رهيو آهي ته اسان کي پڪ ٿيو ڏسجي ته اسان جي هن خواب جي تعبير تمام جلد پوري ٿيندي. جهڙيءَ طرح هن وسيع کنڊ جي ٻچي ٻچي جي دل ۾ هيءَ چوٽي ته "ايشيا، ايشيائين لاءِ آهي" ڀهريائين ئي جاءِ ڪري چڪو آهي اهڙيءَ طرح "آفريڪا آفريڪين لاءِ" پڻ پٿر تي ليڪو بڻجي چڪو آهي. اهو قومن جي ڏاهيندڙ ۽ ميٽائيندڙ رب الارباب ۽ مسبب الاسباب پنهنجي مشيت کي آهستي آهستي خاموشيءَ سان عمل ۾ آڻي رهيو آهي. هندستان جي جاءِ به بيشڪ مشرقي قومن جي ان برادريءَ ۾ هوندي ۽ مون کي پڪ آهي ته پکيڙ جي ڪشادگيءَ، آباديءَ جي گهڻائي، جاگرافيائي بيهڪ ۽ قدرتي وسيلن جي لحاظ کان ان کي ممتاز ۽ عزت جوڳو مرتبو حاصل ٿيندو. پر اهو ياد رهي ته هندستان کي اهو با اختيار ۽ محترم رتبو ۽ اعزاز ڏيارڻ ۽ ان کي ان قابل بنائڻ ۾ سڀ کان وڏي ذميداري اوهان صاحبن يعني مسلمانن تي لاڳو ٿيندي. سموري دنيا هڪ نئين قالب ۾ ڍلجڻ واري آهي ۽ ان سان گڏوگڏ دنيا جي بادشاهت پرستيءَ اقتدار دوستي پڻ فنا ٿي ويندي. تنهنڪري جڏهن مون ڪن ممتاز ترڪ مدبرن کي اقتدرا پرستيءَ جي خلاف نفرت ۽ حقارت جو اظهار

ڪندي ۽ اهو چوندي ٻڌو تہ سندن مصيبتن ۽ تڪليفن جي وڏي ذميدار اها بادشاهت پرستيءَ جي دقيانوسي پاليسي آهي مان اوهان کي سچ عرض ٿو ڪريان تہ منهنجي دل ويتر وڏي وئي هئي. مان ڄاڻان ٿو ۽ مون کي پڪ آهي تہ ترڪ بين ملڪن ۽ جائداد کي لالچي نظرن سان ناهن ڏسندا. جيتوڻيڪ قومپرست ترڪن جو نقشہ عمل تہ اِهوئي آهي پر مان اوهان صاحبن کي التجا ٿو ڪريان تہ اوهان پنهنجي سياسي عقيدي جو صاف ۽ واضع اظهار ڪريو تہ جيئن اوهان جي غير مسلم وطني ڀائرن جي دل خوش ٿئي، ورنہ ياد رهي تہ "عالمگير اتحاد اسلامي" جي اُن پراڻي ڪابُوس جو خطرو بيهرظاهر ٿي پوندو. جيڪڏهن هڪ بہ مشرقي. قوم يا ملڪ "جوع الارض" جي خبيث بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيو تہ ان تحريڪ لاءِ ڪوبہ موقعو باقي نہ رهندو ۽ نہ مغرب جي جارحانہ ڪارروائين خلاف مشرق جي حفاظت جي ڪا صورت ٿي سگهندي. تنهنڪري مان اميد ٿو ڪريان ته ڪ پڪ اٿم تہ شروعاتي ڏاڪن ۾ هن تحريڪ جي رهنمائيءَ جو بار مسلمانن تي پوندو ۽ هُو هن تحريڪ کي نهايت احتياط سان هلائيندا ۽ خطرن ۽ شڪن شبهن کي دور ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندا مشرقي قومن جي هڪ اهڙي گلدستي ۾ انهن قومن جي نجات لڪل آهي جيڪي سياسي ضعف ۾ متبلا آهن ۽ انهيءَ ۾ پاڻ خلافت جو صحيح مفهوم، ان جي حفاظت ۽ ان جي طاقت لڪل آهي.

## عظيم خلافت جي نئين چونڊ

حضرات! هن موضوع تي ڳالهائيندي مان چاهيان ٿو تہ هن صورتحال ڏانهن پڻ ڪجھ اشارو ڪريان جيڪا اڳوڻي بادشاه وحيد الدين آفنديءَ جي فرار ۽ خلافت جي مقدس مسند لاءِ سلطان عبدالمجيد خان جي چونڊ سان پيدا ٿي وئي آهي. انهن ماڻهن جي واقفيت لاءِ جيڪي اهو ٿا چون تہ جماعت عاليہ مليہ انگوره هاڻوڪي خليفتہ المسلمين کي چونڊي دين اسلام کي تباه ڪري ڇڏيو آهي مان صاف طور تي ايترو عرض ڪرڻ گهران ٿو تہ اسان مسلمانن کي ايتري توفيق حاصل آهي تہ اسان پنهنجي دين بابت هر شئي جي خير ۽ شر جو فيصلو ڪري سگهون ۽ اسان کي ضرورت ناهي تہ بنا ڪنهن ڪُفر جي هيڏانهن هوڏانهن کان اسان کي مشورو ڏنو وڃي. جيڪڏهن موجوده صورت تي غور ڪيو وڃي تہ خليفتہ المسلمين جي چونڊ بهترين اسلامي روايتن پٽاندڙ عمل ۾ آئي آهي ۽ مسلمانن جا بهترين خليفا پڻ چونڊ جي ذريعي خلافت جي مسند تي ويٺا هئا. ان ڪانسواءِ انگوره حڪومت جو اهو فعل تہ هن اڳوڻي بادشاه کي معزول ۽ سلطان عبدالمجيد کي بطور بادشاه چونڊيو. سموري اسلامي دنيا ۾ ان کي ساراهيو ويو آهي. تنهنڪري خليفي ۽ معزول ٿيل بادشاه وٽ رهيوئي ڇا آهي جو هُو ڪنهن

مخالف خليفي کي عنايت فرمائيندو يا ان ڏانهن منتقل ڪندو. وحيد الدين آفنديءَ جي لهڻ بلڪ فرار ڏانهن ماڻهن کي ايتريقدر ڏيان نہ ڏيڻو پوي ها جيڪڏهن "ڪندهمجنس باهمجنس پرواز" وارو معاملو رونما نہ ٿئي ها. ان ڪري مسلمانن جي دلين ۾ هڪ خيال پيدا ٿي پيو آهي جيڪو خدا ڪري غلط هجي تہ اينڊڙ حج جي موقعي تي ٿي سگهي ٿو تہ خلافت جو منصب شريف حسين جي حوالي ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ ترڪيءَ جو اڳوڻو بادشاه ۽ شريف ٻئي برطانيہ جا منظورنظر آهن. تنهن ڪري جيڪڏهن مان هن فضول ۽ بيوقوفيءَ واري ڪارروائيءَ جي خلاف چتن لفظن ۾ خبردار نہ ڪريان تہ مان جڻ فرض ادا ڪرڻ کان قاصر رهندس. گڏوگڏ هيءَ ڳالهہ پڻ سيني لاءِ سٺي ٿيندي تہ برطانيا جو پرڏيهي معاملن جو وزير لارڊ ڪرزن مدينہ منوره جي خزانن جي واپسيءَ لاءِ مسلمانن پاران اڳتي وڪالت ڪرڻ ڇڏي ڏي اُهي خزانا جائز حفاظت ۾ آهن ۽ مسلمانن لاٽ صاحب موصوف کي ڪهڙي ڏينهن اها درخواست ڪئي هئي تہ هُو حجاز جي موجوده صورتحال ۾ مسلمانن طرفان سندن خليفتہ المسلمين کان خزانن جو واپسيءَ جي توهين آميز مطالبو ڪري؟

## هندستان ۾ صورتحال گذريل واقعن تي ڪجهہ ڪليل ڳالهيون

هينئر مان ان ملڪ جي عام صورتحال ڏانهن متوجہ ٿيان ٿو جنهن کي اسان پنهنجو "وطن" چوندا آهيون ۽ انهن مسئلن تي ڪجه تفصيلي بحث ٿو ڪريان جيڪي هينئر اسان کي درپيش آهن ۽ جيڪي اسان مسلمانن لاءِ پڻ ايتري ئي اهميت ۽ ٽڪڙي ڏيان جا گهُرجائو آهن جيترو ٻين وطني ڀائرن لاءِ رکن ٿا. هي مسئلا ٻن قسمن جا آهن.

پهريان اُهي جن جو تعلق راعي ۽ رعايا سان آهي. ٻيا اُهي جن ۾ رهاڪن جو رهاڪن سان تعلق آهي. پر ان کان اڳ جو مان انهن مسئلن جن جو اڪثر ورجاءُ ٿيندو رهندو آهي ۽ هر ڀيري تازي گرميءَ سان ورجاء ٿيندو آهي تي ڪجه ڳالهہ ٻوله ڪريان مان ان مباحثي تي ڪجه لفظ ڳالهائڻ گهران ٿو. يعني هندستان ۾ برطانوي حڪومت جي اثرن ۽ هندستان جي آخري پسند يعني اُهو برطانيہ جي ٻاڇي هيٺ رهڻ گهري ٿويا ان کان الڳ. منهنجي خواهش آهي تہ منهنجا لفظ هن لفظي جنگ کي هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ ۾ مدد ڏين. في الحال ٻہ زبردست طبعي لاڙا نظر اچن ٿا جن مان هر هڪ گهٽو ڪري ٻئي جو رد عمل آهي. هڪ تہ اهو آهي جيڪو انگريزي حڪومت جي تصويراونداهن رنگن ۾ چٽي ٿو ۽ ٻيو اهو آهي جيڪو ان جي ابتڙ آهي پر ان موضوع تي ڪجهہ چوڻ کان اڳ اسان کي ڪليل ۽ چٽين حقيقتن کي ميڄڻو پوندو. هندستان ۾ برطانوي حڪومت جو اثر خراب پڻ پيو آهي ۽ سنو بہ ۽ ان بابت فرياد پڻ ٿي چڪي آهي. داد بہ ڏجي

چڪو آهي. بهرحال اُها صورتحال اچي هڪ اهڙي آخري منزل تي بيٺي آهي جو جيتوڻيڪ اسان ان کي رحمت رباني سمجهون يا زحمت شيطاني پر موجوده حالت ۾اسان پنهنجي هستيءَ کي خطري ۾ وجهڻ ڪانسواءِ ان کي متائي نٿا سگهون پر (اُهي ماڻهو جيڪي هن مسئلي ۾ دلچسپي رکن ٿا ٿورو هن زبردست"پر" تي ڌيان ڏين.) انگريز حڪومت نہ لازوال آهي ۽ نہ غيرفاني آهي، هن قومي ۽ بين الاقوامي تيزيءَ واري دؤر ۾ انگريزي حڪومت جي آئندي قيام ۽ استحڪام جو دارو مدار مڪمل طورتي ديس واسين جي رضاڪارانہ گڏيل عمل ۽ سٺي پروسي تي آهي مان هن ڳاله کي تہ تسليم ٿو ڪريان تہ جيڪڏهن راعي ۽ رعايا وچ ۾ اهي حقيقتون دل لپائيندڙ. چٽيون ۽ مڪمل طور تي مجيون وڃن هاتہ ڪيترائي اهڙا اڻ وڻندڙ واقعا جيڪي گذريل ڪجه سالن ۾ هن ملڪ ۾ رونما ٿيا آهن هرگز نہ ٿين ها ۽ اسان جو مقدس وطن گهڻين مصيبتن ۽ تڪليفن کان بچي وڃي ها. افسوس آهي تہ انگريزي قوم جي اڪثريت انگلستان ۾ هجي يا هندستان ۾ هن ڳالهہ جو احساس ڪرڻ لاءِ ڪافي دور بين دماغ نٿي رکي، تنهنڪري منهنجي نظر ۾ صورتحال جي دل آزار ڪيفيت ۽ جذبن جي ٽٽڻ جي دل ٽوڙيندڙ حالت جي شروعاتي ذميداري ان انڌي، تنگ نظريءَ واري ۽ پنهنجي پيرن تي پاڻ ڪهاڙي هڻڻ واري حڪمت عمليءَ تي هجڻ گهرجي، جنهن تي انگريز ماهر ۽ سياستدان عمل پيرا آهن. هُو ان آتشگير مادي جو توڙ ڏيڪاري رهيا آهن جيڪو هندستان ۾ هر طرف ڦهليل آهي. جيتوڻيڪ مان اها ڳالهہ مجان ٿو تہ ٿي سگهي ٿو بلڪ اڻ ٽرهيو تہ مهاتما گانڌي ۽ انهيءَ ڪري مائو شما ۽ بين رهنمائن ان فتني ۽ فساد جي باه کي ٽڏو ڪرڻ واري دلي خواهش باوجود اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ۽ غلط فهمين سبب ڪڏهن ڪڏهن باه جي شعلن کي پڙڪايو آهي پر هيءَ ڳاله قياس ۾ نٿي اچي سگهي تہ ڪو ذميدار هندستاني فساد جي باه کي دٻائڻ خاطر ٻيو فتنو اٿاريندو.

مون جيڪو موجوده حالتن جو نقشو چٽيو آهي تي سگهي ٿو تہ متاچري نظر ۾ حڪومت لاءِ ڪجه سخت سمجهيو وڃي ۽ درحقيقت جڏهن مون ان قسم جي خيالن جو تازو بمبئيءَ ۾ اظهارڪيو هوتہ ڪجه حلقن ۾ اڳ ۾ ئي اها راءِ قائم ڪئي وئي هئي. پر مان اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ يلي منهنجي ديس واسين جو ڪو طبقو مون کان ناراض ٿئي پرمان گورنمينٽ بابت ائين صاف صاف بيان ڪندس جيئن منهنجي متضاد خيال رکڻ وارا بيان ڪندا آهن. پر اسان تي لازم آهي تہ صحيح حقيقت کي نظر ۾ رکون ۽ حڪومت جي حڪمت عملين ۽ ڪاروائين جي جانچ ڪريون. خاص طور تي انهن جي جيڪي گذريل ٽن سالن کان گورنمينٽ جي مدنظر رهيون آهن. يعني ان دؤر کان جڏهن نالي ماتر " سڌارن" جو جديد دؤرشروع ٿيو آهي چاڪاڻ تہ ان ۾ ڪو مضائقو ناهي تہ رولٽ

ايڪٽ، پنجاب تي ٿيل ظلمن ۽ خلافت جي نقصانن جي پراڻن زخمن کي نه کوليو ويندو اسان کي ڏسڻ گهرجي ته حڪومت جي انهن عملن ۽ حڪمت عمليءَ جو لاڙو ڪيستائين ان پاسي رهيو آهي ته عوام جي ٿتل خوش اعتقادي ۽ پروسي کي بيهر بحال ڪري ماڻهن جي تائيد ۽ حمايت حاصل ڪجي. چاڪاڻ ته منهنجي خيال ۾ راعي ۽ رعايا جي وچ ۾ خلوص جو فقط هڪ ئي معيار آهي ۽ اها ئي اها شيءَ آهي جنهن سان هندستان ۾ انگريزي عملداريءَ جي ايندڙ حشر تي ڪو عنوان ڏئي سگهجي ٿو. هينئر ڏسڻو اهو آهي ته جيتوڻيڪ حڪومت هن ڳالهه کي وري وري ورجايو آهي ته " ڪي جائز شڪايتون"ختم ٿيڻ جوڳيون آهن. پر ان رعايا جي دل وٺڻ لاءِ ڪهڙيون عملي تدبيرون اختيار ڪيون آهن؟ اهي ئي ته هن انڌ اڌند گرفتاريں، مقدمي بازين ۽ قانون مجالس مغويانه ضابطه فوجداري ۽ قانون ترميم ضابطه فوجداريءَ جي تعذيري شقن کي نافذ ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪئي ۽ ڪن مقتدر ۽ محترم ترين رهنمائن ۽ هزارين نوجوان محب وطن پر غلط رستي تي هلايل ماڻهن کي گرفتار ڪري جيل پري چڙيا. مان ان ڳالهه کي مڃان ٿو ته ڪيترائي موقعا اهڙا گذريا آهن جو ضرورت خاطر حڪومت کي تشدد واري پاليسي ۽ تعذيري تدبيرون اختيار ڪرڻيون پيون ته جيئن منهنجي ديس واسين کي نفرت جوڳين سرگرمين جي سزا ڏني وڃي جن مان حڪومت کي خطرو يا انقلاب پيدا ٿيڻ جو انديشو هو پر شڪايت هيءَ آهي ته انهن کان به وڌيڪ اهڙا مقدما ٿيا آهن جن ۾ رڳو ڪافي غور ۽ بحث نه ڪرڻ ۽ همدردي نه رکڻ ۽ ڪج فهميءَ کان متاثر ٿيندڙ حڪومت اهو طريقو اختيار ڪيو جيڪو غيرضروري ۽ مخالفانه مشوري تي ٻڌل هيو. جڻ ته حڪومت جُون سخت تدبيرون جيڪڏهن ڪن صورتن ۾ جائز به ٿي پئي سگهيون پر ضرورت کان گهڻو وڌي ويون ۽ سڌاري بدران انهن ۾ انتقامي جذبن جي عافيت سوز جهلڪ نظر اچڻ لڳي. ان موقعي تي اهو چوڻ پڻ بي موقع نه ٿيندو ته انهن ماڻهن جي گرفتارين ۽ نظربندين بابت ڪابه شڪايت ڪرڻ ڏکي آهي جيڪي پاڻ مرادو گرفتار ٿيندا هئا! اِها ڳالهه بلڪل سچ آهي پر مان انهن شخصن جي گرفتارين ۽ نظر بندين،جي ايتريقدر شڪايت نٿو ڪريان، مون کي ته ان جي شڪايت آهي ته جڏهن حڪومت انهن ماڻهن سان جيل پري چڙيا، انهن جي سرگرمين کي روڪيو ۽ جسماني طور تي وڌيڪ " نقصان رسائڻ" جي ناقابل بڻائي ڇڏيو ته سواءِ ڪلم ڪلا انتقام جي حڪومت پنهنجي انهن ڪارروائين جي جواز بابت ڪهڙي فتويٰ ڏئي سگهي ٿي ته اُن ڊائر صاحب بهادر جي نقش قدم تي هلي جيلن ۾ ڪيترن ئي سياسي قيدين تي تشدد ڪري ڪين جسماني تڪليفون پهچايون ۽ انهن سان اهو انسانيت سوز سلوڪ ڪيو جيڪو معمولي عادي اخلاقي ڏوهارين سان به دنيا جي ڪنهن مهذب ملڪ ۾ ڏنو ته ڇا ٻڌو به نه ويو هوندو. جيڪڏهن ان مان حڪومت جي اها مراد هجي ته سندن قومي جوش ۽ جذبي کي ختم ڪري ڇڏيندي ته مان حڪومت کي ٻڌائڻ گهران ٿو ته هوءَ هڪ نهايت افسوسناڪ غلطيءَ تي عمل ڪري رهي آهي ۽

سڀ کان وڏي ڳالھ جنھن سڄي هندستان ۾ تلخ جذبا پکيڙي ڇڏيا آهن ۽ جنھن ملڪ جي نوجوانن کي انگريز حڪومت جو پڪو دشمن بڻائي ڇڏيو آهي اها ئي غلط خيالي آهي. گڏيل صوبن جي حڪومت جو اهو طرز عمل تہ ان سياسي قيدين کي عام معافي ڏئي ڇڏي آهي واقعي ئي ساراھ جوڳو عمل آهي ۽ ان صوبي جي حڪومت لاءِ جتان آءٌ حاضر ٿيو آهيان ۽ گڏوگڏ ٻين صوبن لاءِ هڪ مثالي ۽ قابل تلقيد نمونو آهي پر خيال هيءُ آهي تہ جيڪڏهن ڪا بہ حڪومت ان طرف وک وڌائي تہ اهو نہ تہ وقت کان اڳ ۽ انفرادي مراعتن جي صورت ۾ پر ان کي هندستان جي حڪومت جي عام سڌارن واري حڪمت عمليءَ جو جزو هجڻ گهرجي.

## اسان جون جائز شڪايتون

ان کانسواءِ مان انهن صاحبن کان جيڪي ٿي سگهي ٿو تہ سرڪار جي موجوده حڪمت عمليءَ بابت منهنجي بيان کي سخت يا غير حق بجانب سمجهن اهو پڇڻ جي جسارت ڪريان ٿو تہ موجوده وائسراءِ جيڪو ان معاملي ۾ سڀ کان وڏي سند آهي جي بقول هندستان ۾ اهڙيون ڪجه جائز شڪايتون نہ آهن جيڪي ختم ڪرڻ ضروري هجن؟ ۽ ڇا هو ٻڌائي سگهي ٿو تہ سرڪاري عملدارن انهن شڪايتن کي دور ڪرڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءَ ورتا آهن؟ جيڪڏهن اها ڳالھ مڃي ونجي تہ مهاتما گانڌي ۽ سول نافرماني ڪندڙن جا بيان ۽ عمل معقوليت تي ٻڌل نہ آهن تہ ڇا اهو عذر ان سموري فرق ۽ سستي ۽ حڪومت جي موجوده پاليسيءَ لاءِ جيڪا اُن جائز شڪايتن دُور ڪرڻ ۾ اختيار ڪئي آهي هڪ معقول جواب ٿي سگهي ٿو جنھن ڏانهن وقت بوقت اهڙا ليڊر پڻ توجہ ڏياري چڪا آهن جن جا خيال اعتدال پسندانہ ۽ جن جا تجربا مڃيل ۽ جن جون قابليتون نهايت اعليٰ آهن. ان کانپوءِ مختلف هنڌن ۽ ڳالهين بابت قاعدن ضابطن جي نفاذ، اختيار ۽ رد ڪرڻ جي استعمال، آئين ۽ قانون کي تميزي اختيارن ذريعي ناهڻ ۽ بجيٽ جي مصارف ۾ مختلف مدن جي منظوري ۽ نامنظوريءَ جو فيصلو دربيش آهي. ان کانسواءِ صوبن ۾ وزيرن جي عهدي جي حقيقي ذميداري ۽ صوبن جي مڪمل اندروني آزاديءَ جو سوال آهي. هيٺئر مان پڇڻ گهران ٿو تہ انهن معاملن ۾ اسان جي لڳاتار التجائن ۽ مسلسل عرضداشتن جو سرڪاري عملدارن ڪهڙو جواب ڏنو آهي. ٻئي پاسي اسان جيڪو وري وري ان ڳالھ جو مطالبو ڪري چڪا آهيون تہ هندستاني فوجن تي هندستانيت جو رنگ ڪثرت سان چاڙهيو وڃي انڊين سول سروس ۾ تيزيءَ سان اطمينان جوڳي حدتائين هندستاني عنصر کي غالب ڪيو وڃي. خزاني تي هندستانين کي مڪمل طور تي اندروني اختيار ڏنو وڃي. موجودہ جارحانہ ۽ والار واري پاليسيءَ کي دفن ڪري فوجي خرچن ۾ جوڳي گهٽتائي ڪئي وڃي ۽ سڀ کان آخر ۾ ايتري ئي اهم ڳالھ تہ هندستان کان مٿين ملڪن ۾ هندستانين جي ذلت آميز ۽ نفرت جوڳين مجبورين کي دُور ڪيو وڃي. ڇا ڪو

صاحب ٻڌائي سگهي ٿو تہ حڪومت طرفان انهن مطالبن جي ڪهڙي ورندي ملي آهي؟ وائيٽ هال (دفتر صاحب وزير هند) جي وڏن وڏن هوشيار حاڪمن طرفان نهايت دليريءَ ۽ صفائيءَ سان ان معمولي درخواست جو جيڪا ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ ڪئي وئي هئي هيءُ جواب ملي ٿو تہ سڌارن تي نظرثاني ڪرڻ جو پڙ اجا وقت ناهي آيو. آخر ان جو سبب؟ وقت جو اڻ پورو هئڻ ۽ ڪم ۾ سندن ناتجربيڪاري آهي پر جڏهن پنهنجو پاڻکي مصيبت جو ماريل ظاهر ڪندڙ سول سروس جي عملدارن جي گهٽ پگهارن ۽ اعلانيل شڪايتن کي دور ڪرڻ لاءِ ڪميشن مقرر ڪرڻ جو مسئلو پيش ٿئي ٿو تہ انهن ئي هٿ ٺوڪين هوشيار عملدارن جي نظرن ۾ اُن قول سان تہ اِهو فوراً مناسب ٿي وڃي ٿو تہ هينئر تجربو حاصل ٿي ويو آهي. ڪيڏو نہ انڌير آهي ۽ ڪهڙيون تہ ڪل جوڳيون ڳالهيون آهن. ان سان ڪير ڏوڪي ۾ پوندو؟ سواءِ انهن ماڻهن جي غرور ۽ تڪبر جي جيڪي ان جو اظهارڪندڙ آهن؟ جيڪڏهن ان ۾ بہ تمام گهٽو گڏ وچڙ ٿي وڃي جيئن ڪميشن جي سلسلي ۾ وسيع ۽ بيڪار شرطن مان ظاهر ٿئي ٿو جيڪڏهن ڪميشن جو مقصد عام متفقہ مخالفت جي ٽيٽ ۾ ان جي مقرريءَ کي مناسب ڄاڻندي اهو هجي تہ سول سروس جي ذميداري ۽ پوزيشن کي نهايت متبرڪ سمجهي محفوظ رکجي ۽ ملازمت ۾ برطانوي عنصر ڪنهن تفريق کانسواءِ محفوظ رهي. جيڪڏهن سندن اختيار ۽ عزت قائم رکي وڃي اڪين واڌو ۽ بهتر طريقي تي ضمانت ٿيل پگهارون ۽ پينشنون ڏنيون وڃن ۽ هندستانين کي منتقل ٿيل مدن ۾ ٿوريون رعايتون ڏيئي برطانوي عهديدارن کي هندستاني وزارتن جي ماتحتيءَ ۾ ڪم ڪرڻ جي ذلت کان بچايو وڃي تہ مان چوندس تہ اهو حقيقت ۾ هڪ بيهودو مقصد آهي جيڪو خطري سان پريل آهي. اهو تہ هندستاني بنائڻ بدران ڪين هڪ دائري ۾ محدود ڪرڻ آهي.

## سپاهين کي هندستاني بنائڻ

سپاهين کي "هندستاني" بنائڻ بابت جيڪي وعدا ڪيا ويا آهن اهي بلڪل اڻپورا ۽ ناقابل اطمينان آهن. بلڪ ڪين هندستاني بنائڻ بدران ڪين هڪ جلقي ۾ محدود ڪري ڇڏين ٿا. آخر سمورين هندستاني فوجن مان هندستانين لاءِ ان قسم جي منفرد ورچ چونڊي ڪئي وڃي. هندستانين کي وڏي تعداد ۾ تعليم ڏئي نين جاين ۽ خالي ٿيل آسامين تي مقرر ڇو نٿو ڪيو وڃي ۽ ڪيترن ئي هندستاني غير ڪميشن يافتہ آفيسرن کي جيڪي ان قابل هجن شاهي ڪميشن ۾ ڇو نٿو داخل ڪيو وڃي؟ ڇا ان ڪري تہ انهن ۾ سند ورتل ماڻهو ڪونهن. تہ پوءِ وڏيڪ فوجي ڪاليجون ڇو نہ ٿيون کوليون وڃن ۽ هندستانين کي آزاديءَ سان ڇو نہ ٿو داخل ڪيو وڃي؟ ان طريقي سان ڪيتري عرصي ۾ فوجون مڪمل طورتي هندستاني بڻجي وينديون. اهي اُهي سوال آهن جن جو مون کي اطمينان جوڳو جواب نٿو ملي. مان ان

کي هندستاني برطانوي حڪومت جي سچائي ۽ اخلاص جو صحيح امتحان سمجهان ٿو. حڪومتي خود اختياريءَ جو خيال سواءِ اختياريءَ جي حفاظت جي جيڪا هڪ سچي قومي فوج جي ذريعي ٿي سگهي ٿي ۽ جنهن ۾ هندستانين جا نامزد ڪيل هندستاني آفيسر هجن وهم آهي. ۽ جيڪڏهن ائين ٿئي به ها يعني حڪومتي خود اختياري ملي به وڃي ها ته هڪ ڏينهن لاءِ به ان کي سنڀالڻ ڏکيو هو. باقي رهيو اهو اعتراض ته هندستاني وڏن فوجي عهدن تي مقرر ٿيڻ لائق نه آهن ، جيترو فضول آهي اوترو ئي بي بنياد پڻ آهي. مان مڃان ٿو ته اسان هن لائق به نه آهيون ته ان جي درخواست ڪريون. ان لاءِ ٿورو عرصو گهربل ٿيندو. پر اهي ئي سبب آهن ته مان وڏيڪ سڌارا چاهيان ٿو جيئن مون بيان ڪيو آهي.

## مالي بوجھ

خرچن ۽ محصولن ۾ واڌاري بابت مون کي پڪ آهي ته جيستائين اسان جي فوجي احسانن جو شان ۽ اصليت، مالي حيثيت ۽ حڪمت عمليءَ جو طريقو بنهي سان ائين قائم رهندو جيئن هينئر آهي تيستائين انچڪيپ ڪميٽيءَ جي اهڙين رقمن کي ڪاٽڻ ۽ گهٽائڻ سان ڪو به فائدو نه ٿيندو هندستان جي فوجي دابته البحر ملڪ جي آئينده جي امن ۽ ترقي ۽ مالي مضبوطيءَ لاءِ ۽ ننڍي ۽ وچ اوير لاءِ هڪ موجوده خطرو آهي.

پهرين ته ان بوجه جو قائم رکڻ ۽ ان کي لاڳو ڪرڻ فقط ملڪ جي اندرئين يا ٻاهرين حفاظت لاءِ ئي ناهي بلڪ ان ڪري به آهي جنهن کي "ايشيا جا ڪجه موجوده خطرا" جي نالي سان سڏين ٿا. بهرحال جيڪڏهن هندستاني مالي کاتا حقيقت ۾ نئين سر جوڙيا ويندا ته هندستاني فوجي پاليسي ۽ انتظام ۾ هڪ مڪمل ۽ اصولي انقلاب اچڻ لازمي آهي. ڇاڪاڻ ته هر ملڪ جي فوجي خرچن جو دارو مدار سندس پاليسيءَ تي آهي ۽ منهنجي راءِ آهي ته هندستان ۾ آبادي وڏيڪ آهي ۽ انگلستان هڪ مالدار ملڪ آهي. تنهنڪري اسان سندس سڄي دنيا کان وڏيڪ ڳرن خرچن ۽ نهايت وسيع فوجي انتظامن جي پوئواري نٿا ڪري سگهون. هاڻوڪي هندستاني فوج جنهن ۾ هندستاني ۽ برطانوي جماعتون ٻئي شامل آهن پنهنجي پاليسيءَ، بندوبست، ضرورتن ۽ ڪارائتي هئڻ جي پهلوئن جي لحاظ سان برطانوي جنگي آفيس ۽ ان جي انتظامن جي ماتحت آهي. هي انتظام بنهي لاءِ ناموزون آهي يعني مالي بار جي ترقيءَ لاءِ ۽ صحيح معنيٰ ۾ هڪ هندستاني فوج جي قومي احساس لاءِ جنهن ۾ هندستاني آفيسر هجن، هندستاني وسيلا هجن ۽ اهو هندستاني جنگي آفيس جي اثر هيٺ هندستان ۽ اوير جي مصلحتن جي ماتحت هجي.

## اسان جا ڏورانهان ديس واسي

پنهنجي وطن کان پري هندستانين جي سوال اهڙي نازڪ صورتحال

اختيارڪري ورتي آهي جو هينئر ان کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ۽ نہ ان کي معمولي ڳالهہ سمجهي سگهجي ٿو. ڪينيا ۾ اسان جي پائرن تي تشدد ڪيو پيو وڃي ۽ هينئر اهو وقت اچي ويو آهي تہ اسان کي گورن جي ظلم کان سندن جسم ۽ جان، مال ۽ متاع ۽ قومي عزت ۽ وقار جي چڱي طرح حفاظت ڪرڻ کپي ۽ تمام جلد هڪ مناسب فيصلو ڪرڻ کپي. حضرات! اسان کان پري ويٺل ديس واسين جي جدوجهد اسان کي تمام وڏو سبق ڏئي ٿي تہ جيتريقدر اسان سندن تڪليفن کي نظرانداز ڪندا رهيا آهيون، اوتروئي گورن جي ڦرلٽ جو حرص وڌندو ويو آهي ۽ اوتريقدر ئي وڏيڪ اسان جي امن پسند محب وطن پائرن کي بوريہ بستري سميت اتان ڪڍيو ويو آهي. بدنصيبيءَ سان هندستاني رها ڪو تعداد ۾ وڏيڪ هئڻ جي باوجود پنهنجو انتظام پاڻ نٿا ڪري سگهن. ڪجه تہ ان ڪري تہ هو جسماني ۽ سياسي طور تي ڪمزور آهن ۽ مزدوري پيشي هجڻ ڪري سندن ڪو نظام قائم ڪونهي ۽ ڪجه ان ڪري تہ هو ننڍن ننڍن واپارين جي حيثيت ۾ آهن جن جي حمايت ۾ ڪابہ سياسي طاقت نہ تہ اسان جي آهي ۽ نہ ان گورنمينٽ جي آهي جنهن بابت چيو ويو هيو تہ گورنمينٽ برطانيہ جي هڪ ماتحت شاخ هوندي. ان مسئلي جو اصل سبب منهنجي راءِ ۾ گورن ۽ ڪارن ماڻهن جي ايشيائي يورپ جي رهاڪن جي نسلي تعصب ۽ نفرت ۾ لڪل آهي، اهڙا ايشيائي جيئن جپاني آهن ۽ جيڪي پنهنجي ملڪ جو انتظام هلائن ٿا اهي پڻ گورن ماڻهن جو احترام ڪندا آهن. جيتوڻيڪ مون کي پڪ ڪونهي تہ گورا رهاڪو سندن خوشيءَ جو خيال رکندا هوندا، هندستانين کي هن غرض سان تہ هو بين هنڌن تي عزت حاصل ڪري سگهن پهرين پنهنجي ملڪ ۾ عزت ۽ وقار حاصل ڪرڻ گهرجي.

## حڪمت عملي ۽ ذهنيت ۾ ڦيرڦار ۽ تبديليءَ جي ضرورت

حضرات! جڏهن سڌارا تيار ڪيا ويا هئا تہ ملڪ معظم اسان کي ۽ گورنمينٽ جي آفيسرن کي اپيل ڪئي هئي تہ اسان کي انهن سڌارن تي خوش اعتماديءَ سان گڏيل عمل ڪرڻ گهرجي، منهنجو اعتراض آهي تہ اسان جي ديس واسين جي هڪ وڏي تعداد اشتراڪ عمل ۾ پوري ڪوشش ڪرڻ جي باوجود جنهن ڪري انهن پنهنجي ديس پائرن آڏو پنهنجي شهرت کي قربان ڪيو ۽ پاڻ کي خطرن ۾ وڌو سڌارن جي ڪٽي ڪجه بہ حقيقت هجي پر متن ان جوش سان عمل ناهي ڪيو ويو پوءِ چونہ اُهو انگلستان جي عملدارن نہ ڪيو هجي يا هندستان جي، مان جاڻان ٿو تہ ٿورو فائدو ڪٿي ڪٿي حاصل ٿيو آهي ۽ مان ان ٿوري فائدي تي يا جو ڪجه مليو ان بابت سندن ٿورائتو آهيان. پر مٿيون اعتراض پهرين تہ مان پنهنجي ملڪ جي معزز محب وطن ڊاڪٽر تيج بهادر سپرو جي رٽ پٽاندڙ ڪندس، جنهن تازو ئي پنهنجي معزز عهدي تان هٿ کنيو آهي ۽ نهايت اونهي تجربي ۽ صحيح واقعن جي بنياد تي ٻڌايو آهي تہ ڪيئن وزارت هند جي دفتر جون چالون هتي ۽ اُتي جي ڪن غير معمولي ماڻهن جي تحريڪ جي جاءِ وني رهيون آهن. جيتوڻيڪ جيئن سڌارا عمل ۾ آيا آهن گورنمينٽ

هند جي معاملن ۾ دفتر وزارت هند جي لڳاتار ۽ بيجا مداخلت جي بيان ڪرڻ ۾ ڪافي احتياط ڪيو ويو آهي، جنهن مداخلت سان نهايت افسوس ناڪ منظر ڏسڻ جو مون کي انگلستان ۾ اتفاق ٿيو آهي. ٻيو منهنجو اعتراض عام راءِ جي ان مسلسل نفرت واري اظهار سبب آهي جيڪو انهن گورنر جنرل جي قانونن جي بندش وارن احڪامن ۽ سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جي ڪارروائي بابت ڪيو آهي جنهن جو اندازو لڳائڻ جو اسان کي هندستاني راجائن جي تحفظ واري قانون جي موقعي تي اتفاق ٿيو هو ۽ ان ڪانپوءِ لوڻ تي محصول ٻيڻو ڪرڻ بابت ڪائونسل ۾ ووٽ وٺڻ وقت ٿيو هو. ڇا هيءَ متفقه عام راءِ مڇيل اعتدال پسند ۽ ذميدار هندستانين جي ويچاريل خواهشن طرفان گورنمينٽ جي سخت لاپرواهي جو ڪافي ثبوت ڪونهي. حضرات! اهو ته مون کي يقين آهي ته جيستائين هندستان بابت برطانوي خيالن ۾ ڪافي ڦيرو نٿو اچي تيستائين ڪاغذي گهوڙن جو تعداد بلڪل بيڪار آهي ۽ نه تيستائين هندستان آئيني سڌارن جي يقيني واٽن تي امن ۽ اطمينان سان ترقي ڪري سگهي ٿو.

## تباهيءَ جو مُنڍ

جيڪڏهن ائين هجي ته اُهي هستيون جيڪي هن ملڪ جي بادشاهت جي انتظام جون ذميدار آهن اُن ڏوڪي ۾ پيل آهن ته مهاتما گانڌي ۽ ٻين هزارين نوجوانن کي قيد ۽ گرفتار ڪري هُو هندستان کي بي ڏڙڪ پنهنجو دشمن بڻائي سگهن ٿيون ۽ ملڪ جي متفقه راءِ جي ڏمڪيءَ جي باوجود پنهنجي احمقانه ڪوشش کي ڪم آڻي سگهن ٿا ته مان کين ٻڌائيندس ته اهو صورتحال جو نهايت خطرناڪ ۽ غلط اپياس آهي، ملڪ جو موجوده زوال جيئن مسٽر جناح ٻڌايو آهي تي سگهي ٿو ته اسان جي بيڪسيءَ، نااميديءَ يا ڪنهن وڏي مصيبت جي پيٽ ۾ معمولي مصيبت جي چونڊ سبب هجي. پر اهو ان ڪري هرگز نٿو ٿي سگهي ته اسان حقيقت ۾ صبر ڪيون وينا آهيون يا ان ڪري ته هن ملڪ جو ڪو به طبقو ان کي ساراهه جي نظرن سان ڏسي ٿو. گورنمينٽ کي ان معاملي تي تمام جلد ڌيان ڏيڻ گهرجي. ان کان اڳ جو درستيءَ جي قابل نه رهي، ڇاڪاڻ ته اها حالت سخت اڻ وڻندڙ آهي ته ماڻهن کي مجبور ڪري ذلت، بدنامي ۽ گورنمينٽ جي مدبرانه ڏمڪين جي برادشت ڪرڻ جو عادي بڻايو ويندو آهي ( جنهن کان ته طوائف الملوڪئ به ڀلي آهي) ماڻهن جي مقصدن حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام رهڻ ڪري گورنمينٽ جي همت افزائي ٿيندي آهي جنهن سان مٿن ناجائز دٻاءُ وڌو ويندو آهي ۽ کين تباهه ڪيو ويندو آهي. اهڙي حالت ڪري فقط هڪ ئي نتيجو نڪري سگهي ٿو يعني" تنقيد ۽ ڪاوڙ". جيڪا پنهنجو پاڻ سان نه رڳو گورنمينٽ جي استحڪام جو خاتمو آڻيندي بلڪ سموري سوسائٽيءَ جي نظام کي درهم برهم ڪري ڇڏيندي

تنهنڪري جيڪڏهن گورنمينٽ آفت کي دُور ڪرڻ گهري ٿي ۽ سندس اها خواهش آهي ته ماڻهن جي دلين ۾ پنهنجو وڃايل اعتماد ٻيهر قائم ڪري ته ان کي

پنهنجي موجوده ڪارروائين ۾ پاليسيءَ جي فضول هجڻ جو احساس ڪرڻ کپي ۾ مصالحت ۽ ڏاهپ جي هڪ بهادرانہ ۽ صاف پاليسيءَ جي ضرورت کي سمجهڻ کپي تہ سندس هينئر اهڙي صورتحال سان واسطو ڪونهي جنهن سان هوءَ منهن نہ ڏئي سگهي جيئن بہ سال اڳ ٿيو هو ترڪيءَ جو صلح نامو ۽ خلافت جو مسئلو جيڪو جهڳڙي جو منڍ آهي ٿورو عرصو اڳ ئي اطمينان جوڳي طريقي تي ٿي ويو ها ۽ هر شخص کي انهن جي عنقريب طئي ٿي وڃڻ جي اميد آهي تنهنڪري گورنمينٽ کي ان جو خيال رکڻ گهرجي تہ سندس هاڻوڪو ڪم اهو ڪونهي تہ پنهنجي بي رحميءَ ۽ بيوقوفيءَ واري پاليسيءَ ۾ طريقن سان انهن ماڻهن کان الڳ ٿي ؞جي جن نازڪ موقعي تي سندس ساٿ ڏنو آهي. اهو طريقو هندستان لاءِ سخت هاڃيڪار آهي ۽ ملڪ ۾ ذميدار حڪومت خود اختياري ۾ قومي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ آهي. ڪيس ملڪ جي عام راءِ سان نهايت خوشيءَ سان ڪم ڪرڻ کپي ۾ انتظام جي گهٽي ذميداري رعيت تي ڇڏڻ گهرجي. تي ڳالهيون جيڪي هندستان جي گورنمينٽ کي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ تڪڙيون اختيار ڪرڻ گهرجن:

(1) سڌريل بنيادي نظام جي ڪم جي جاچ ڪرڻ لاءِ ڏهن سالن کانپوءِ طئي ٿيل آئيني ڪميشن مقرر ڪرڻ بدران انهيءَ وقت ان جي مقرر ڪرڻ تي زور ڏنو وڃي، خاص طور هيٺين سلسلي ۾

(الف) شملہ (گورنمينٽ هند ٿيٽ هال (دفتر وزارت هند) جا تعلقات ۽ دفتر وزارت هند جو گورنمينٽ هند تي بيجا ۽ واڌو اثر. هيءَ ياد رهي تہ لارڊ ڪريو جي ڪميٽيءَ صاف طور تي طئي ڪري ڇڏيو هو تہ جڏهن گورنمينٽ هند ۽ مجلس قانوني جا ميمبر ڪنهن مسئلي ۾ اتفاق رکندڙ هجن تہ دفتر وزارت هند کي ان ۾ مداخلت ڪرڻ جو ڪو حق ڪونهي. هن ڪميشن کي ان معاملي جي تحقيقات ڪرڻ کپي تہ اهو اعتراض ڪيستائين صحيح آهي تہ هن نظام تي عمل درآمد ٿيڻ بدران ان جي ابتڙ ڪيو ٿو وڃي جنهن لاءِ اهڙي مستند اڳوڻي ميمبر انتظامي ڪائونسل گورنمينٽ هند (ڊاڪٽر) سرتيج بهادرسپرو ايتريقدر زور سان آواز بلند ڪيو آهي ۽ ان ڪميشن کي کپي تہ ان ۾ ترميم ڪري اڳتي لاءِ روڪ ٿام ڪري ۽ ان طرح گورنمينٽ جي پوزيشن کي مستحڪم بڻائي.

(ب) بنيادي نظام ۾ ڪيتري حد تائين ۽ ڪهڙي رخ ۾ ترميم ڪئي وڃي تہ جيئن گورنمينٽ هند کي وڏي حد تائين رعيت آڏو ذميوار بڻايو وڃي ۽ مرڪزي قانون ساز مجلس کي ڪهڙا واڌو اختيار ڏنا وڃن.

(ج) صوبن جي مڪمل ۽ اندروني خودمختياريءَ جي مطالبي لاءِ

(د) ملڪ جي رهاڪن جي عيوضين جي مشوري سان معقول ۽ صحيح اسڪيمن ۽ درجن کي ترتيب ڏيئي هن دؤر جي نهايت پريشان ڪندڙ مسئلن جي گرفت لاءِ تڪڙ ۾ فيصلائتون ڪارروائيون ڪرڻ

(الف) فوج کي هندستاني بنائڻ ۽ هندستان ۾ هندستانين لاءِ فوجي تعليم ۽ تربيت جو سامان ميسر ڪري ڏيڻ لاءِ

(ب) ملازمتن کي هندستاني بنائڻ جي واسطي.

(ج) مڪمل مالي خومختياري عطا ڪرڻ لاءِ

(د) هلندڙ روز بروز وڌندڙ فوجي بار پوءِ اهو مالي هجي يا ڪو ٻيو لاهڻ لاءِ ان ڪانسواءِ ۽ ان جي بدران فوجي خرچن ۽ پاليسيءَ جي مڪمل ٻيهر تنظيم جي هڪ اسڪيم پيش ڪرڻ لاءِ جيڪا اسان جي وسيلن ۽ وڌندڙ قومي خواهشن ۽ ضرورتن مطابق هجي.

(ه) هندستان کان ٻاهر هندستانين جي مفاد ۽ مرتبي جي حفاظت لاءِ ۽ سڀ کان آخر ۾

(س) انهن هزارين سياسي قيدين کي عام معافي ڏيارڻ لاءِ جيڪي هينئر پنهنجي گمراهه ڪندڙ جوش توڙي اقتدار ۽ استحصال لاءِ بيگناهه شڪار جي حيثيت سان جيلن ۾ ڳري رهيا آهن.

## تبديليءَ لاءِ حجت

هينئر مان پنهنجي تقرير جي ٻين وڏيڪ اهم پهلوءَ تي جيڪو هندستان جي حالت يعني اسان جي قومي سرگرمين سان لاڳاپيل آهي تي اچان ٿو. حضرات! مان گذريل واقعن کي ڪوتي تلخ ياداشتن ۽ بي فائدي بحثن کي نئين سرزنده نٿو ڪرڻ گهران. منهنجي اوهان حضرات ۽ سڄي ملڪ کي هڪ اپيل آهي ته ٿوري دير لاءِ موالات ۽ ترڪِ موالات (سول نافرماني) جي رستي کي ڇڏيو وڃي ۽ بدلجندڙ حالتن ۽ ڪاميابين ۽ ناڪامين جي روشنيءَ ۾ پنهنجي قومي هستيءَ جي مفاد ۽ تباهيءَ ۽ بربادي جي نون خطرن تي ٻيهر غور ڪيو وڃي ۽ ڏسجي ته آيا اسان انهن کان وڏيڪ ڪارائتو ۽ مؤثر پروگرام موجوده حالتن جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ ۽ گهربل مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ مرتب نٿا ڪري سگهون. پر حضرات! جيڪڏهن اسان اهو مڃي ونون ٿا جيئن اسان کي مڃڻ گهرجي ته مختلف حالتون مختلف علاج جون گهرجائو آهن.ايستائين جو هڪ بيماريءَ جي مختلف ڏاڪن لاءِ مختلف دوائن جي ضرورت آهي. ته صورتحال جي نئين سر جاچ ڪجي. ڇا هينئر اهائي حالت آهي جيڪا جيڪا تي سال اڳ هئي؟ هينئر اسان ڪهڙي حالت ڏسون ٿا؟ خلافت جا مسئلا ۽ ترڪيءَ جي صلح جا شرط جن کي سول نافرمانيءَ جي تحريڪ جي هڪ خاص جز جي حيثيت حاصل هئي. شڪر آهي ته هينئر خداوند عالم جي فضل ۽ ڪرم. مسلمانن جي ڪامل ايمان. مستقل جوش ۽ جذبي ۽ هندستان جي هندن ۽ مسلمانن جي لاڳيتو ڪوشش. ڪن يورپين دوستن ۽ گورنمينٽ هند جي تائيد ۽ حمايت ۽ سڀ کان آخر پر سڀ کان وڏيڪ مصطفيٰ ڪمال پاشا ۽ سندس وفادار ساٿين جي

بهادريءَ، همت ۽ ڏاهپ سان طئي ٿيڻ جي ويجهو آهن ۽ واصل هڪ معقول ڪاميابي آهي ۽ هٿي پاسي مونکي صاف صاف اقرار ڪرڻ کپي ته سوراج حاصل ڪرڻ ايتروئي ڏکيو ٿو لڳي جيترو اڳ لڳو هو ۽ علم الاخلاق جي قانونن ۽ تحريڪ ترڪ موالات جي هٿيارن جي زبردست ترين حربي يعني مذهب جي استعمال سان پڻ اهم گهربل مقصد حاصل نٿا ڪري سگهون. حضرات! اوهان پڪ ڄاڻو ته مان ترڪ موالات جي ڪاميابين يا ان جي مصنف ۽ محترم ۽ ٻين محب وطن ليڊرن ۽ پنهنجن ڪن هم وطنن جي شاندار ۽ دليريءَ وارين ڪوششن جي ٿوري به تحقير ڪرڻ يا ڪين گهٽ ڏيکارڻ نٿو گهران. مان اهو مڃڻ لاءِ تيار آهيان ته ترڪ موالات جي تحريڪ هڪ عام جوش، جذبو ۽ بيداري پيدا ڪئي آهي. مان اهو مڃڻ لاءِ تيار آهيان ته ان پنهنجي پروگرام ۾ هندو مسلم اتحاد کي سڀ کان پهرين جاءِ ڏيئي سوراج جي ڪنجي هٿ ڪري ورتي آهي مان اهو پڻ تسليم ٿو ڪريان ته هن ديسي مصنوعات جي استعمال ۽ پيداوار کي جنهن کي اسان سوديشي چئون ٿا ۽ شراب نوشي ترڪ ڪرڻ کي هٿي وٺرائي آهي. پر حضرات! هي سموريون ڳالهيون پيش نظر مقصد لاءِ ٻين ذريعن مان هڪ ذريعو آهن ۽ مقصد ڄاڪاڻ ته اڃا حاصل ناهي ٿيو يا حاصل ٿيندي نظر نٿو اچي ته ان مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته اسان سمورن ذريعن جي چڱڻ ڇاڻ نه ڪئي آهي. مان ته اهو ٿو چوان ته ٻين ڳالهين سان گڏ مٿين لائينن ۾ اڃا گهڻو ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي تڏهن وڃي ڪو منزل جو ڪنارو نظر اچي سگهي ٿو. عام سجاڳيءَ سان گڏ عام تعليم، آئيني تنظيم ۽ عوام جي طاقت کي تمدني، اقتصادي ۽ سياسي ترقيءَ جي وڏيڪ صحت بخش تعميري راهن تي لڳائڻ جيڪڏهن بذاتخود ان بيداريءَ کان وڏيڪ نه ته ان کان گهٽ ضروري ڪونهي. جيڪڏهن اسان ان کي وقت سر نه ڪيو جيڪڏهن اسان ان طاقت ۽ پنهنجين قوتن کي بچائڻ ۽ ان مان فائدو وٺڻ ۾ وقت سر ڪامياب نه ٿياسين ته اهي لازمي طور تي ضايع ٿي وينديون ۽ ان جا نتيجا نهايت خطرناڪ نڪرندا.

پائرو! مان سياسي خطرن جو واپاري ناهيان، تنهنڪري مان ترڪ موالات بشمول سول نافرمانيءَ جي مذمت نٿو ڪريان ۽ ان ڪم لاءِ ڪنهن حربي تي جيڪو اسان جي سياسي اسلحي خاني ۾ موجود هجي هميشه ڪنهن لاءِ بندش لاڳو نٿو ڪرڻ گهران. مان اهو ٿو چوان ته جيڪڏهن اهو معلوم ٿي وڃي ته سمورا آئيني ذريعا جيڪي اسان کي حاصل آهن، هن گورنمنيٽ جو سڌارو ڪرڻ ۽ پنهنجي مقصد (يعنيءِ سوراج) جو حاصل ڪرڻ اڻ ٿيڻو آهي ته پوءِ اسان کي سول نافرماني يا مسلح بغاوت مان هڪ شئي چونڊڻي پوندي. ان ڪانسواءِ ٻيون رستو نه ڪو موجود آهي ۽ نه ٿي سگهي ٿو نه اها سول نافرماني هجي يا بغاوت يا ڪو ٻيو حربو هجي مان ان جي چونڊ بابت فيصلو ڪرڻ کان اڳ ان جو اطمينان حاصل ڪندس ته آيا مان ايتري سگهه رکان ٿو ته ان حربي کي اهڙي اثرائتي طريقي تي استعمال ڪندس ته دشمن کي

وڌ ۾ وڌ نقصان رسي ۽ مون کي گھٽ ۾ گھٽ نقصان ۽ فائدو پهچي. بهرحال مان خطرناڪ حربن جي استعمال جي ضروري قابليت حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ انهن سان نه کيڏندس ۽ ان ريت پنهنجو پاڻ کي نقصان نه پهچائيندس.

هينئر پوزيشن ڇا آهي؟ مسلح مقابلو بحث کان ٻاهر آهي. ترڪ موالات جي تحريڪ ڪارائتي هئڻ بابت اسان مشاهدو ڪري ورتو آهي ته هڪ مردانه جدوجهد باوجود هن قابض گورنمينٽ جيڪا پنهنجي پنيان تمام طاقتور مشينري رکي ٿي کي ختم ڇا ان کي پوئتي هٽائڻ ۾ به اڃا تائين سوڀاري نه ٿي آهي. سول نافرمانيءَ بابت جيڪا ترڪ موالات جي تحريڪ جي اسلحه خاني جو هڪ زبردست ترين حربو آهي خود ان جي ڪجھه چوٽي جي ليڊرن جي ذميداريءَ اسان کي اهو معلوم ٿيو آهي ته ملڪ ان لاءِ تيار نه آهي، ته پوءِ اڃو ته اوٽاين کي تسليم ڪريون. جنهن خراب حالت ۽ خراب سازو سامان جي اندر اسين هينئر آهيون انهن جي لحاظ کان گھٽ ۾ گھٽ ٿوري عرصي تائين ته اسان انهن وسيلن تي اختيار نٿا ماڻي سگھون جن سان اسان هن (گورنمينٽ) کي مغلوب ڪري ونون جيتوڻيڪ ڳالهيون ان کي تباه ڪرڻ ۽ ان جي جاءِ تي ديسي حڪومت قائم ڪرڻ جون ڪريون ٿا.

تي سگھي ٿو ته "درست" يا "ختم" ڪرڻ جي پاليسيءَ سان ان کي ختم ڪري سگھون. ۽ان ريت سوسائٽيءَ جي استحڪام جو خاتمو ڪري سڄي ملڪ کي تعليمي بدامني ۽ طوائف الملوڪيءَ ۾ وجهي ڇڏيون. پر هوريان هوريان قدم وڌائيندي اسان ان جو پڪ سان سڌارو ڪري سگھون ٿا. تنهنڪري اهو ڏسڻ لاءِ ڪنهن وڏي تصور جي ضرورت ڪونهي ته اهو سمورو وهڪرو جيڪو رعيت طرفان ته مايوسيءَ جو مشورو ۽ گورنمينٽ طرفان حفاظت جي غلط خيال جو نتيجو هن طرف وڃي پيو. جڏهن حالتون پنهنجي انتها تي پهچي وينديون ته هڪ آواز آخرڪار ان ڏوريءَ کي جيڪا ڏينهون ڏينهن وسيع ٿي رهي آهي ڦاٽڻ ڏانهن وني ويندو جيڪو پنهنجي تيزيءَ ۾ مضبوط سوسائٽيءَ ۽ گورنمينٽ کي پاڙئون پٽي ڪٽي ويندو.اهو ئي اهو خطرو آهي جنهن جي روڪٿام لاءِ مان سموري ملڪ ۽ گورنمينٽ جو ڌيان ڇڪائڻ گهران ٿو ته هينئر ان جو تدارڪ ڪري ٽڪراءَ کان بچجي ۽ ڇڪتاڻ کي ختم ڪجي. ان ۾ جيڪڏهن ڪا دير ڪئي وئي ته ٿي سگھي ٿو ته اهو نهايت سخت نتيجن ڏانهن وني وڃي. هينئر اهو سوال ٿو پيدا ٿئي ته ڇا اسان گورنمينٽ ۽ ماڻهن کي هن ڳالهه تي آماده ڪرڻ جي آخري ڪوشش ڪئي ته هُو اهڙي ڳالهه ڪن جيڪا اُن ڏوريءَ کي جيڪا بنهي وچ ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي، ختم ڪري ۽ ملڪ کي هڪ پيرو ٻيهر جتادار پر يقيني ترقيءَ جي راه تي لڳائي.

مان چوان ٿو ته نه ڪئي وئي آهي. تنهنڪري هتان اُها ڪنجي ملي ٿي جنهن سان سموري صورتحال کي حل ڪري سگھجي ٿو. جنهن جي تشريح هن هڪ جملي ۾ آهي ته گڏيل قومي خطرن خلاف پليٽ فارم ۽ گڏيل پروگرام مرتب ڪجي.

## گڏيل پليٽ فارم

مان اقرار ٿو ڪريان تہ اجا تائين اسان پنهنجي طرفان گڏيل عملي اُپاءَ لاءِ ڪا سخت ڪوشش ڪونہ ڪئي آهي جنهن جي هينئر تمام گهڻي ضرورت آهي تہ جيئن گورنمينٽ ۽ ملڪ جي انهن رستن ۾ صحيح رهنمائي ڪجي جن جو مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي.

ڇا ائين نٿو ٿي سگهي تہ مختلف پارٽين جا ليڊر ٿوري دير لاءِ موالات ۽ ترڪ موالات جي بحث کي ڇڏي هڪ گڏيل پليٽ فارم تي گول ميز ڪانفرنس وانگر گڏ ٿين. ان اٽپوري پروگرام وانگر جنهن جو خاڪو مون تيار ڪيو هو هڪ پروگرام ناهين. پاڻ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪن ۽ ڏسن تہ آيا هو ملڪ ۾ نئين سر حقيقي ۽ تمدني، اقتصادي ۽ سياسي زندگي پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ گڏيل پروگرام نٿا ناهي سگهون ۽ اهڙا طريقا ۽ ذريعا نٿا اختيار ڪريون سگهن جيڪي سڀني لاءِ قابل قبول هجن. يا گهٽ ۾ گهٽ اعتراض جوڳا هجن. ڇا ان ريت جيڪڏهن حقيقي ميلاپ نہ سهي تہ هڪ مخلوط پارٽي نٿي ناهي سگهجي؟ ڇا ڪجھ لبرل فيڊريشنن، هوم رول ۽ مسلم ليگن ۽ ڪانگريس ڪميٽين مان هڪ مرڪزي نظام عمل ليبرپارٽيءَ جي لائينن تي جيڪي مختلف حرفتن، مفاد ۽ سياسي جماعتن تي مشتمل هجي ترتيب نٿو ڏيئي سگهجي؟ ڇا گڏيل خطرن خلاف ان قسم جو گڏيل پليٽ فارم قائم ڪري ڪائونسلز ۽ ڪانگريس جي سوال کي ان روشنيءَ ۾ نٿو ڏسي سگهجي؟ اهو هڪ غير اهم سوال آهي تہ اسان ڪائونسلن ۾ان جي خاتمي جي مقصد سان داخل ٿيون يا سڌاري جي مقصد سان.

## اختلاف ۾ اتحاد

مون کي پڪو يقين آهي تہ جيڪڏهن اسان جا بهترين فرد يعني قوم پرور ۽ محب وطن (جيڪي في الحال ڪو آپريٽرن جي غلط رنگ ۾ ڏسجن پيا) ۽ نان ڪو آپريٽو ڪائونسلن تي قبضو ڪرڻ لاءِ هڪ وچين رستي ڳولهڻ جي سخت ڪوشش ڪن. جيئن ڪن چوٽيءَ جي هندو مسلم ليڊرن طرفان مشورو ڏنو ويو آهي ۽ ڪائونسل ۽ ڪانگريس لاءِ هڪ مقرر عمل جوڳو پروگرام هن ريت مرتب ڪن جو اختلاف ۾اسان پنهنجي اتحاد جو اظهار ڪري سگهون ۽ هڪٻئي جي ڪوشش کي ڪمزور ڪرڻ بدران ان ۾ واڌارو ڪريون. تہ پوءِ سوراج ايترو پري ۽ هڪ فضول مقصد نہ بڻبو. جيئن اسان ڪيْ ڏسڻ ۾ اچي پيو. مان ادب سان پر نهايت زور سان عرض ڪريان ٿو تہ ائين ڪرڻ لاءِ اسان جي رستي ۾ ڪهڙي شئي رڪاوٽ آهي؟ بشرطيڪ اسان ان سوال تي مٿانهن قومي خيالن سان نظر وجهون ۽ معمولي جماعتي تشريحن کي نظر انداز ڪريون جن بابت اسان دعويٰ ٿا ڪريون تہ اهو اسان جو اصول آهي. وڌيڪ اهو تہ جيڪڏهن اسان جو "سوراج" پيلو يا "پورو دفتري اقتدار" ٿيڻ وارو ناهي تڏهن مان اهو عرض

ڪندس تہ اسان جي قومي ادارن ۾ جيئن ڪانگريس ۽ مسلم ليگ آهن ۽ سرڪاري نظام ۾ جيئن ڪائونسلون آهن طبقن ۽ عوام ٻنهي کي شامل ڪرڻ گهرجي.

اسان تي لازم آهي تہ پنهنجي سرڪاري ۽ غيرسرڪاري قانون ساز مجلسن يعني ڪائونسل ڪانگريس جي بنيادي نظام جي نوعيت کي تبديل ڪريون. تنهنڪري جيڪو ڪم اسان جي آڏو آهي اهو پهرين تہ اسان جي قومي نظام جي سلسلي يعني ڪانگريس کي نئين سر ترتيب ڏيڻ جي رخ ۾ آهي ۽ ٻيو ملڪ لاءِ اهڙي پروگرام مرتب ڪرڻ جي رخ ۾ آهي جنهن مان نتيجن جا وڏيڪ يقيني وسيلا حاصل ٿين.

## ڪانگريس جو بنيادي نظام

في الحال جيڪو ڪانگريس جو بنيادي نظام چار آنا ساليانو چندو ڏيندڙ ميمبرن جي راءِ جي حق تي مشتمل آهي ۽ داس نهرو پارٽيءَ جي مذهبي صاحبان ۽ لياقت جي تائيد ان کان الڳ ٿي چڪي آهي تہ هن وقت ڪانگريس خالص عوام جي چئي سگهجي ٿي، جيتوڻيڪ عوام لاءِ نہ آهي. جيڪڏهن معاملن جي اها صورت ڊگهي عرصي تائين جاري رهي ۽ ملڪ جي سمورين پارٽين مان ”بهتر طبيعتن“ جي صلاح ۽ التجا تي هڪ طرف گورنمينٽ ۽ ٻئي طرف تڙپندڙ ۽ ڪاوڙيل عوام بلڪل ڌيان نہ ڏنو. تہ جيئن ئي نوبت انتها تي پهچندي ٻنهي ۾ ضرور ٽڪراءُ ٿيندو. هيءَ اها ڳالهہ آهي جنهن کان مان ملڪ کي بچائڻ گهران ٿو. موجوده حالتن ۾ ملڪ جي ذهين ۽ سمجهدار جماعت لاءِ اهو ناممڪن آهي تہ هڪ ڌُر سان مڪمل شرڪت اختيار ڪري. انهن جي هڪ يا ٻي ڌر جي يا ان جي ناخوش تائيد ڪرڻ انهن جي بيوسي ۽ مايوسي يا نسبتاً هلڪي برائيءَ کي قبول ڪرڻ بدولت آهي ڪنهن ٻئي سبب ڪونهي.

## ڪائونسلن ۾ شموليت

هينئر صورتحال هيءَ آهي تہ هڪ طرف ڪائونسلن جي بائيڪاٽ تي قائم رهڻ وارن کي مڪمل بائيڪاٽ جي ناڪاميءَ کي تسليم ڪرڻ لازم آهي. جيتوڻيڪ مون کي خبر پئي آهي تہ فقط انهيءَ مقصد سان ترڪ موالات جي مصنف ان کي هڪ قومي پروگرام جي طور تي اٿاريو هو تہ بائيڪاٽ جنهن جو ارادو ڪيو ويو آهي ان بابت هڪ نهايت چُست ضبط ۽ نظام ۽ هوشياريءَ واري پرچار کي پهريائين مڃيو ويو آهي ۽ اهو ان مفروضي تي ٻڌل آهي تہ جيستائين تڪ پارٽ هڪ مڪمل بائيڪاٽ کي اڻ پوري بائيڪاٽ تي ترجيح ڏيندا. ٻئي پاسي سڌاريل (ملڪي) سياسي نظام کي عمل ۾ آڻڻ جا نتيجا پنهنجي سمورين خامين ۽ ان وڏيڪ ڪوتاهيءَ جي باوجود تہ ملڪ جا ڪي بهترين ۽ قابل ترين فرزند اُن بائيڪاٽ سبب ڪائونسلن مان غير حاضر رهيا

آهن. مون کي ذاتي تجربي سان ان جي پڪ ڏيارين ٿا تہ جديد سياسي نظام هڪ طاقتور حربو اسان جي هٿن ۾ اچي ويو آهي. جيڪڏهن اسان رڳوان کي فقط هلائڻ چاهيون ٿا. جنهن جو طريقو هيءَ آهي تہ رجعت پسندي ۽ ظلم جو جيڪو وهڪرو هينئر شملي (صدر دفتر حڪومت هند) ۽ وائيٽ هال (دفتر وزير هند) مان لنگهي رهيو آهي ان کي اسان ڪائونسل ۾ هڪ متحده ۽ مضبوط سگھ سان منهن ڏيون. ان ڪانسواءِ هي ڪائونسلون هندو مسلم اتحاد کي تقويت پهچائڻ جا ڪافي موقعا ۽ يقيني وسيلا پڻ ائين مهيا ڪن ٿيون جو آباديءَ جي مختلف گروهن وچ ۾ بلڪ قومي قانون سازي ۽ مسئلن کي اُن احتياط، غور ۽ سنڀال ۽ مختلف جماعتن جي رهنمائن وچ ۾ گڏيل صلاح مشوري سان عمل ۾ آندو ۽ حل ڪيو وڃي. جنهن لاءِ ڪائونسلون گڏجڻ جو بهترين مقام مهيا ڪن ٿيون. گڏوگڏ انهن سڏاريل ڪائونسلن ۾ تعليم جي رٿائن جاري ڪرڻ ۽ موجوده دؤر جي مسئلن تي چونڊ تڪن ۾ پرچار ۽ انهن (تڪن) جي عوام جي تعليم ۽ تربيت جي طريقي کي عمل ۾ آڻڻ جا بهترين وسيلا پڻ تڏهن ئي اسان کي مهيا ٿي سگهن ٿا. پر سڀ کان وڏيڪ زبردست دليل ڪائونسلن تي قبضو ڄمائڻ جي تائيد بابت هيءَ آهي تہ جيڪڏهن اسان جانچ طلب مسئلن کي برٽش گورنمينٽ تي لاڳو ڪرڻ گهرون ٿا تہ اسان عام راءِ تي زبردست اخلاقي دٻاءُ کي نظرانداز نٿا ڪري سگهون ۽ اسان کي برطانوي چونڊ تڪن ۽ سموري دنيا تي سڏارن جي باوجود موجوده انتظامي طريقي جي غير ذميدارانہ نوعيت، پنهنجي مطالبن جي قوت ۽ ملڪي انتظام پنهنجن هٿن ۾ وٺڻ جي قابليت کي پڌري ۽ من موهيندڙ بنائڻ گهرجي. مان اهو نٿو چوان تہ اسان کي آزمائشن ۽ امتحانن کي قبول ڪرڻ گهرجي پر مان اهو تو چوان اسان کي دنيا جي راءِ (پنهنجي مطابق) ناهڻ گهرجي ۽ هتي ۽ انگلستان ۾ ٻنهي هنڌن تي جيڪي انگريز اسان ڏانهن بخوبي مائل آهن انهن کي پنهنجو مخالف نہ بنائڻ گهرجي. اسان ان کي بهترين طريقي تي ڪيئن ڪري سگهون ٿا؟ بيشڪ هڪ طريقو هندستان ۾ ۽ ٻاهر اخبارن يا پرچار جو بندوبست ڪرڻ آهي ۽ مون کي چوڻو پوي ٿو تہ ان رخ ۾ پڻ اسان جون ڪوششون ڳاڻ ڳٽيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن ٿيون آهن ۽ اسان جي روش سهل پسندي ۽ لاپرواهيءَ واري رهي آهي. پر سڀ کان وڏيڪ يقيني ۽ عام طور تي مڃيل ذريعو هيءُ آهي تہ اسان چونڊن ۾ پنهنجي سگھ جو ثبوت ڏيون. ان ڪانسواءِ هندن، مسلمانن. پارسين ۽ عيسائين جي بهترين قائم مقامن سان جيڪي اتفاق ۽ اتحاد سان ڪم ڪندا هجن ۽ جن کي پنهنجي چونڊ تڪن جو مڪمل اعتماد ۽ تائيد حاصل هجي صحيح طريقي سان مرتب ٿيل قانوني مجلسن سان گڏ اوهان جيڪڏهن گڏيل ڪارروائيءَ سان هڪ اهڙي بدنام حڪومت کي عملي طور تي ناممڪن نہ بڻائي سگهو تہ بہ گهٽ ۾ گهٽ برطانيہ جي ماڻهن ۽ سموري دنيا تي هن "جمهوري حڪومت" جي مضحڪ خيزيءَ کي پڌرو ڪري سگهو ٿا.

## هندو مسلمانن جو اتحاد ”نقل کي چڏي اصل کي وٺو“

مان اڳ بہ اهو تسليم ڪري چڪو آهيان تہ هندو مسلم اتحاد سوراج لاءِ هڪ ڪنجي آهي. پر جيڪڏهن اسان اهو چاهيو ٿا تہ اهو اتحاد اصلي هجي ۽ فقط زباني نہ هجي تہ پوءِ مان اهو عرض ڪندس تہ اسان کي ان کي فرقي، ذات ۽ مذهب کان بالاتر رکڻ گهرجي، ۽ حقيقي ناهہ اصلي روح، چڱائي، رواداري ۽ هڪ گڏيل تحريڪ جو سرچشمو يعني مان وطن جي آزاديءَ جي مضبوط چوٽي تي قائم ڪرڻ گهرجي. نڪي ڪنهن عارضي مراعات تي جيڪي سؤدو ڪرڻ جي جذبي سان ڏنيون وڃن. جيڪڏهن هندو مسلم اتحاد جي همواريءَ پر وقت بوقت ايڪڙ ٻيڪڙ مثالن يا هڪ يا ڪجه هندو مسلمانن جي انفرادي ڪارروائيءَ سان فرق پئجي سگهي ٿو تہ ان مان اهو ئي پڌرو ٿئي ٿو تہ ڪيتري نہ بي اعتمادي ۽ ڪينو اڃا تائين دلين ۾ موجود آهي ۽ نااتفاقيءَ جي ڪيڏي وڏي کاهي اسان جي وچ ۾ رڪاوٽ بڻيل آهي ۽ جيڪڏهن معاملن جي اها صورت مسلسل جاري رهي تہ سوراج مون کي خواب ۽ وهم ٿو لڳي. اسان جي قسمت ۾ سدائين پابند رهڻ ۽ انهن ماڻهن جا جائز طعنا سهڻ لکيل آهي جيڪي اسان جي وچ ۾ ”تارازيءَ جي ٻن پڙن کي هڪجيترو رکڻ“ جا دعويدار آهن. تنهنڪري هيءَ منهنجي نهايت پرزور ۽ غور ڪيل راءِ آهي تہ جيستائين هندن ۽ مسلمانن جون دليون هڪ حقيقي ۽ معقول تبديليءَ ۽ قوميت ۽ برادريءَ جي قيام جو اندروني طريقو قبول نہ ڪن، اتحاد جا خارجي مظاهر يا زباني دعوائون گهڻو فائديمند نٿيون ٿي سگهن. هندن ۽ منهنجن ديني ڀائرن وچ ۾ جيستائين هڪ گڏيل قومي مقصد پيدا نٿو ٿئي تيستائين سُوراج جي شاندار ايوان جي اڏاوت جي هر ڪوشش فضول ۽ اجائي ٿيندي ۽ فرض ڪريو جيڪڏهن اها ڪوشش ڪامياب ٿي بہ تہ اهو (ايوان) مڪمل ٿيندي ئي هڪدم ڪري پوندو.اهو ائين آهي جيئن هڪ عظيم الشان ۽ آسمان سان گسندڙ عمارت کي واريءَ جي بنياد تي تعمير ڪجي. نہ بلڪ ان کان بہ بدتر ٿيندو. ان سان نہ ختم ٿيندڙ فرقيوار جهيڙا ۽ مذهبي اٽڪٽ ٻيهر شروع ٿي ويندي ۽ قوم جي مضبوطيءَ بدران قوميت تي ڇڙوڇڙ ٽيڙ جي نوبت پهچندي جنهن جا اطلاع هينئر بہ اٽليءَ نہ آهن.

حضرات! ان تي مون کي ڪا گهٽ ڳڻتي يا ڏک محسوس نٿو ٿئي جڏهن مان ملتان ۽ مالابار جي ڏکائيندڙ حادثن کي پنهنجي دل ۾ ياد ڪريان ٿو. ان ڪانسواءِ ٻين هندن تي ”جهڙو سوال تهڙو جواب“ جي نوعيت رکندڙ بغاوتن ۽ فسادن جا ڪيترائي ننڍا ننڍا مثال ظاهر ٿيا آهن جن جو ذڪر نہ ڪرڻ گهرجي. اهڙي ئي ترتيب ۽ تڪليف سان مون فرقيوار جهڳڙن جي تلخيءَ کي محسوس ڪيو آهي جيڪي تازو ئي پنجاب جي سرزمين ۾ جنهن جي مون انهن ڏينهن ۾ سياحت ڪئي آهي رونما ٿيا آهن ۽ مون ان مذهبي بيچيني ۽ ڏيڙ کي ڏٺو آهي جيڪو دهليءَ ۾ ٿيو آهي. مان انهن ڳالهين کي شڪ شبهي وارين نظرن

سان ڏسان ٿو چاڪاڻ تہ مان انهن کي فرقيوار ۽ مذهبي ڏڦيڙ نٿو سمجهان پر مان انهن ۾ وڏي شر انگيزي ۽ قومي مصيبت لڪل ڏسان ٿو تنهنڪري اُهي واقعا اسان کي هڪ تمام وڏي پڙڪيل باهہ جيترو ڏيان ڇڪائين ٿا. انهن نازڪ مسئلن کي اطمينان بخش طريقي سان تڪڙ ۾ حل نہ ڪيو ويو تہ بعد ۾ انهن تي ڪنٽرول ڪرڻ بلڪل ناممڪن ٿيندو.

حضرات! مان مالا بار ۽ ملتان جي ڏکوئيندڙ واقعن يا پنجاب جي فرقيوارانہ جهيڙن ۽ دهليءَ جي ارتداد واري فتني جي فائدن نقصانن تي ڪو بحث ڇيڙڻ نٿو گهران چاڪاڻ تہ مون کي فڪر آهي تہ هڪ لفظ بہ اهڙو نہ چوان جنهن سان ٻنهي فرقن جي احساسن ۾ وڌيڪ ڇڪتاڻ پيدا ٿئي ۽ ان مقصد کي جيڪو منهنجي نظر ۾ آهي ضعف پهچڻ جو انديشو هجي، تنهنڪري مان پوري زور ۽ جوش سان جيترو مونکان ٿي سگهندو ٻنهي فرقن جي رهنمائن کي نهايت عاجزانہ التجا ڪندس تہ هُو جيترو جلد ٿي سگهي پاڻ ۾ ملن ۽ ان مقصد کي نظر ۾ رکي انهن مخصوص مسئلن جي مڪمل ۽ اونهي کوجنا ڪن تہ انهن جهڳڙن جي ورجاءِ کي روڪڻ لاءِ اثرائتا اُپاءَ ڳولي ڪڍجن. پر اهڙي عاجزانہ التجا ڪندي مان ڪين تنبيهہ ڪندس تہ ڳنڍ ٽوپ ڪرڻ يا ليپو پوچي ڏانهن مائل نہ ٿين، مان منٿ ميڙ ٿو ڪريان تہ هو نقل کي ڇڏين ۽ اصل جي پيروي ڪن. اهي پيچيده مسئلا بيشڪ نازڪ آهن ۽ انهن کي وڏي ڍنگ ۽ احتياط سان هٿ ۾ کڻڻ گهرجي. پر مان عرض ڪندس تہ جيڪڏهن اسان دليري ۽ جرات سان ۽ روادريءَ ۽ اعتماد جي روح سان انهن کي منهن ڏيون تہ اهي اهڙا بہ ڏکيا ڪونهن جو انهن جو حل ٿيڻ ئي ناممڪن هجي. تنهنڪري مان فرقيوارنيابت، مذهب متاثڻ ۽ ٻين اختلافن جي مسئلن تي پنهنجا عام خيال اوهان ماڻهن آڏو پيش ٿو ڪريان ۽ ان لاءِ مان اوهان کان مهرباني ۽ فراخدلي گهران ٿو چاڪاڻ تہ اوهان پڪ ڄاڻو تہ مان ڪنهن جانبداريءَ جي روح سان ان کي پيش نٿو ڪريان پر سڀ کان پهريون ۽ مٿانهون هيءَ آهي تہ مان پنهنجن خيالن کي پنهنجي ديني پائرن جي حقيقي سياسي خواهشن ۽ مذهبي پابندين جي بلڪل مطابق ڏٺو آهي.

## فرقيوار نيابت

فرقيوار اڳواٽيءَ جا حامي اهو چوندي نٿا ٿڪجن تہ چاڪاڻ تہ سوراج مان هندن، مسلمانن يا عيسائين جو راج مراد ناهي تنهنڪري فرقيوار اڳواٽي ئي ننڍين ننڍ فرقن جي حقن ۽ مراعتن کي محفوظ رکڻ جو هڪ ذريعو آهي. ۽ چاڪاڻ تہ فرقيوار اڳواٽيءَ کي گورنمينٽ ڪن ادارن ۾ قبول ڪري ورتو آهي تنهنڪري منطقي نتيجي جي طور تي انکي سمورن انتظامي کاتن ۾وسعت ڏيڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح مون وري وري ماڻهن کي طوطي وانگر اهو رٽيندي ٻڌو آهي تہ قوميت مختلف فرقن جي راضي ڪانسواءِ ناممڪن آهي ۽ فرقيوار راضپو فقط فرقيوار اڳواٽيءَ ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿو. ان قسم جون گهٽيون ڳالهيون ڇيون پيون وڃن. پر حضرات! جيڪڏهن اسان شين

کي فراخدليءَ سان انهن جي حقيقي رنگ ۾ ڏسڻ لاءِ ٿورو غور ڪريون تہ اسين ڏسنداسين تہ هڪ آل انڊيا سوراج سمورن فرقن لاءِ جنهن تي ملڪ جي آبادي مشتمل آهي قائم ڪرڻ اقليتي جماعتن جي فائدن کي محفوظ رکڻ ۽ فرقيوار ڏقيڙ جي سمورن ذريعن ۽ سمورن قسمن جي فرقيوارانہ اختلاف کي دور ڪرڻ ۽ هڪ مختلف فرقن جي مجموعي جي مختلف ترڪيبي جماعتن ۾ عام اطمينان، صلح ۽ نيڪ خواهي پيدا ڪرڻ لاءِ اسان کي اهڙن قانونن، قاعدن ۽ ضابطن کي نظر ۾ رکڻ گهرجي جيڪي سڀني ماڻهن لاءِ هڪجيترا موقعا مهيا ڪندا هجن ۽ اها ئي جمهوري گورنمينٽ جي اصلي معنيٰ آهي. تنهنڪري مان پوري طور تي انهن ماڻهن سان متفق راءِ آهيان جيڪي خيال ڪن ٿا تہ فرقيوارانہ اختلاف، مذهبي تنازعا ۽ جماعتي ناقابليتون وغيره قوم جي آزاد ۽ قدرتي واڌ ويجه کي روڪين ٿا. پر مان انهن پُر اميد شخصن مان آهيان جيڪي يقين رکن ٿا تہ هڪ راڄ جي گڏيل ميمبري، متانهين تحريڪ ۽ گڏيل رابطو آهي جيڪو نسل. متي مائتي، رنگ، ريتن رسمن ، تهذيب، ٻولي ايستائين جو مذهب جي سمورن ٻين گڏيل خوبين کي پاڻ ۾ جذب ڪندو ۽ ملائيندو آهي. ۽ تنهنڪري ئي مان ان ڏينهن جو انتظار ڪري رهيو آهيان جڏهن متي ذڪرين ڪيل ظاهري فرقيوار عنصرن جي باوجود (پر جن بابت مان عرض ڪريان ٿو انهن کي جيڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ سمجهيو وڃي تہ ان کان وڌيڪ فرقيوارانہ آهن جيئن اسان سڀني وچ ۾ هڪ خدا جي هستي آهي) هاڻوڪن فرقيوار ۽ جذهبي جهڳڙن بدران رضاڪارانہ عملي اتحاد، مذهبي ۽ سياسي رفاقت ۽ گڏيل اشتراڪ ائين ئي پيدا ٿيندو. جيئن تہ هينئر بہ گڏيل سياسي ۽ مقامي مجلسون اسان وٽ آهن ۽ سڀ رواداري اپنائيندا ۽ مرڪزي قومي شخصيت ۽ مفاد جو ادب ۽ احترام ڪندا هوندا.

ان ريت پنهنجن خيالن جو تجزيو ڪندي مان فرقيوار اڳواٽيءَ کي هڪ برائي پر موجوده ملڪي حالتن ۾ هڪ ضروري برائي سمجهان ٿو ۽ لکنؤ جي ناهہ کي پڻ ائين ئي سمجهان ٿو پر چاڪاڻ تہ اسان اڻ ٽر برائين کي حتي الامڪان گهٽتائيءِسان قبول ڪريون ٿا، تنهنڪري فرقيوار اڳواٽيءَ کي پڻ رڳواهڙين حالتن ۾ جڏهن اهي اٽتر هجن ۽ وس پڄندي گهٽتائي سان اپنايو وڃي. تنهنڪري جيئن تہ مان ان اصول کي گهٽو پري تائين وني وڃڻ جي سمورين ڪوشش يا خيالن کي مذمت جوڳو سجهان ٿو. مان پنهنجي هندو هم وطنن کي اپيل ڪندس تہ هُو مسلمان ڀائرن کي اُها شيءِ جيڪا جائز طور تي سندن آهي کين خوشيءَ سان ڏيو ۽ اهڙيءَ طرح برائيءَ کي ان کان اڳ جو اهو وڇڙندڙ مرض پري پري تائين پکڙجي وڃي ۽ ان جا خطرناڪ نتيجا ظاهر ٿين انهيءَ هنڌان پاڙئون پٽي ڇڏيو جيڪڏهن هيڏانهن هوڏانهن جي ڪجه آسامين جي معاملي ۾ اڳوٽي غفلت جي ابتڙ پنهنجي واجبي غور ۽ ڏيان يا عظيم غور ۽ ڏيان کي پڌرو ڪيو آهي تہ هُو هندو مذهب ۽ قوميت جي خطري ۾ هجڻ جو گوڙ چو ٿا مچائين، مان ڪڏهن بہ ان ڪري "پنجاب جي خطري ۾ هجڻ" جو

شورو نٿو پڌايان تہ "دهليءَ ۾ امپيريل سيڪريٽريٽ جون آفيسون بنگالين ۽ مدراسين سان ڀريل آهن. پوءِ اهو گوڙ ڇو ٿو ڪيو وڃي. وڏيڪ اهو تہ هيءَ انهن (هند) جي فرض جو حصو آهي تہ هو پنهنجن پوٽن ڀيل پائرن کي پاڻ ڪجھ نقصان سهي بہ اٿارين. آءٌ انهن هندستاني مسلمانن مان آهيان جيڪي اهڙي دؤر جي آس لڳايون ويٺا آهن تہ جيئن بہ ۽ جتي بہ ڪٿي بہ فرقيواريت جو وجود هجي ختم ٿي وڃي ۽ آخرڪاران جي جڳھ تي گڏيل اڳواٽي ۽ گڏيل چونڊ سرشتو رائج ٿي وڃي جيئن اسين بنا ڪنهن مذهب، عقيدي يا قوميت جي متيپند جي عيوضين جي چونڊ ڪري سگهون جڏهن هندو معقول ۽ مناسب مسلمانن کي پنهنجو نمائندو چونڊين ۽ مسلمان معقول ۽ مناسب هندن کي. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ جي غرض سان مان ان جي پڻ جرات ڪندس تہ ان سلسلي ۾ هڪ وک اڃا بہ اڳتي وڌائڻ جو رٿيندس، اُها هيءَ تہ بجاءِ فرقيوارانہ ويڇي جي، اسان مختلف فرقن لاءِ ڪجھ آساميون مقرر ڪريون ۽ انهن آسامين لاءِ عام چٽاپيٽي ڪرائجي. منهنجي نظر ۾ فرقيوارانہ ويڇي جي مسئلي جو حل بظاهر فقط وقت ۽ عرصي جو مسئلو آهي، جيڪڏهن هندو ۽ مسلمان ان معاملي ۾ معقول غور ۽ هڪبئي تي اعتماد ڪن. پر حضرات! هيءَ ڪا گهٽ عجب ۽ افسوس جي ڳالھ ڪونهي تہ مان هتي اچي ٻڌو تہ جنهن قسم جون رٿون مون پيش ڪيون يعني ميونسپلٽين ۽ لوڪل جماعتن ۾ عام مفاهمت ڪري ڪجھ آساميون فرقيوار حيثيت سان مقرر ڪجن ۽ انهن لاءِ عام چونڊ ۾ مقابلو ڪجي، ان قسم جي رٿ مسلمانن طرفان پيش ڪئي وئي هئي، پر هندن ان کي نامنظور ڪيو. پوءِ بہ ان صوبي ۾ اهائي ڳالھ فرقيوار تڪرارن ۽ ناچاقين جو خلاصو آهي. ان سان هڪ ڳُٽيءَ جوڳي صورتحال ۽ تنگ نظريءَ جو احساس ٿئي ٿو ۽ لڳي ٿو تہ قوم جي بهترين مقصدن لاءِ اسان هڪبئي سان رواداري نٿا اپنائي سگهون. منهنجي خواهش هئي تہ منهنجا هندو پائر ان کي محسوس ڪن ها. جيڪڏهن ان صورت ۾ مسلمانن کي سندن جائز حقن کان وڌيڪ بہ آساميون ملي وڃن ها تہ اهو ان کان بهتر ٿئي ها جو فرقيوارانہ ويڇي ذريعي اڌ جايون مسلمانن کي ڏنيون وڃن، ڇاڪاڻ تہ پهريون نڪتو تہ اتحاد ڏانهن هڪ وک آهي، جڏهن تہ پوئين ڳالھ بنا شڪ شبهي جي هڪ اختلاف پيدا ڪندڙ عنصر آهي.

## مذهبي رواداري

اڄڪلھ جنهن قسم جا مذهبي جهڳڙا دهليءَ جي آسپاس ٿي رهيا آهن انهن بابت مان رواداريءَ جي تلقين ڪندس، ۽ اهو پڻ چوندس تہ شخصي ضمير جي آزادي ڏني وڃي ۽ هر شخص جو مناسب احترام ڪندي مان اميد ڪندس تہ ڪنهن نہ ڪنهن ذريعي اهڙن مذهبي جنون رکندڙن جا ڏنل فضول مذهبي ليڪچر روڪيا وڃن جيڪي مذهب جي بار هيٺ دبيل هن ملڪ ۾ بظاهر حضرت مسيح يا حضورﷺ يا

آريا سماج ۽ ٻين سماجن جي نالن سان پر اڪثر اهڙن ذريعن سان جيڪي اڻ وڻندڙ ۽ نفرت جوڳا آهن. مستيءَ ۾ گهمن ٿا ۽ پنهنجي مقدس هستين جي بدناميءَ جو ڪارڻ بڻجن ٿا ۽ پنهنجي فرقن جي بانين جي اصلي مقصدن کي تڪرار ۽ رنجشون پيدا ڪري متائيندا رهن ٿا. بجاءِ ان جي جو ماڻهن ۾ محبت ۽ امن پسنديءَ، ميل جول ۽ عالمگير ڀائپي پيدا ڪن جيڪي سڀني مذهبن جا اصلي مقصد ۽ اهم ترين اصول آهن. بهرحال جيڪڏهن اهو ناممڪن هجي ته ڪنهن فرقي کي يا ان جي ڪن فردن کي ڪهڙو حق حاصل آهي ۽ ان جو اهو فعل ڪيئن جائز ٿيندو ته ڪنهن اهڙي فرقي کي جنهن پنهنجي مرضيءَ سان ٻيو مذهب قبول ڪيو آهي پراڻي مذهب تي موٽائڻ لاءِ مجبور ڪري؟ ڇا اسلام جي پيغمبر اقدس هزارين طريقن سان عالمگير خلوص ۽ موالات جي تعليم ناهي ڏني ۽ ان کي خدا جي محبت جي نشاني نه ٻڌايو آهي؟ ڇا ٻين بااخلاق فرقن بابت اسلام جي رواداريءَ بي تعصبي مثالي نه آهي؟ بدقسمتيءَ سان ان معاملي ۾ سخت غلط فهمي پيدا ٿي وئي آهي ۽ مختلف مذهبن جي بغض ۽ ڪيني ان کي ڄاڻي ٻجهي دٻايو آهي يا ابتو سمجهايو آهي. تنهن هوندي به قرآن شريف ۾ هزارين اهڙيون آيتون آهن جن ۾ ان ڳالهه جي واضح ۽ غير مشڪوڪ ثابتي موجود آهي ته اسلام نجات کي رڳو رسول ﷺ جي پيروڪارن لاءِ مخصوص نٿو ڪري. جيئن سورة مائده آيت 48 ۾ فرمايو ويو " هر شخص کي اسان هڪ قانون ۽ هڪ سنت ڏني ۽ جيڪڏهن خدا چاهي ها ته سموري انسان ذات کي هڪ ئي مذهب ۾ ڪري ڇڏي ها پراُن ائين نه ڪيو ته جيئن هُو توهان مان هر هڪ جو ان عقيدي ۾ امتحان وٺي جيڪو ان اوهان کي ڏنو آهي. پوءِ توهان نيڪ ڪم ڪريو اوهان خدا وٽ موٽي ويندؤ ۽ اهو توهان کي اُها ڳالهه ٻڌائيندو جنهن بابت توهان ۾ اختلاف آهي." وري فرمائي ٿو "بيشڪ جن ماڻهن ايمان آندو ۽ جيڪي يهودي آهن يا عيسائي يا صائبين آهن جيڪي به خدا ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آڻين ٿا ۽ نيڪ ڪم ڪن ٿا انهن کي ڪو خوف آهي ۽ نه ڪو رنج" (مائده 69)

مان عالم نه آهيان پر موڙ انهن آيتن کي ان ڪري نقل ڪيو آهي ته پنهنجي مذهب ۽ ٻين مذهبن جي وڏن وڏن عالمن کي پُر جوش اپيل ڪريان ۽ اها ڳالهه ڪين ذهن نشين ڪرايان ته سڀني مذهبن جي پيروڪارن تي مذهبي رواداري ۽ آزادي ڪيتري قدر فرض آهي ته جيئن هو پنهنجي علمي ۽ عملي قوتن کي ان ڪان بهتر ڪمن ۾ لڳائي سگهن. جنهن جو نظارو اڄڪلهه دهليءَ جي آسپاس ٿي رهيو آهي. ڇا مان جرائت ڪري سگهان ته ان سلسلي ۾ يعني هندن ۽ مسلمانن جي گڏيل يا مخصوص غرضن لاءِ ويجها لاڳاپا پيدا ڪرڻ جي معاملي ۾ هيءَ تجويز پيش ڪريان ته هڪ "هندستاني اتحاد جي جماعت" قائم ڪئي وڃي، جنهن ۾ ٻنهي فرقن جا نمائندا هجن ۽ جيڪي ان قسم جي معاملن کي باهمي اعتماد ۽ رواداري ۽ ميل جول سان حل ڪري سگهن ڇاڪاڻ ته اُهي ڳالهيون جتادار صلح لاءِ لازمي آهن.

# ليگ جو پروگرام

مسلم ليگ جا پائرو! اها ڳالھہ تہ مون عام معاملن تي پوري تفصيل سان بحث ڪيو ۽ انهن ڳالهين تي خاص ڌيان ناهي ڏنو جيڪي مسلم ليگ سان لاڳاپيل آهن. اوهان مان اڪثر حضرات کي اها ڳالھہ نہ وڻي هوندي پر منهنجو عرض هيءُ آهي تہ عام معاملا پڻ اوهان جا معاملا آهن ۽ انهن تي سڀ کان پهريون ۽ سڀ کان وڌيڪ هندستاني مسلمانن کي ڌيان ڏيڻ گهرجي. هندو ۽ مسلمان قومن ۾ اتحاد بابت جيڪو ڪجھ مون چيو آهي، اهوئي اسان جي پاڻ ۾ اتحاد جي معاملي تي پڻ ٺهڪي اچي ٿو. هندو مسلمانن، پارسي، عيسائي، (بيشڪ هندستاني عيسائي) قومن جي متفقہ پليٽ فارم بابت منهنجون جيڪي رٿون آهن اهي اسان مسلمانن ۽ مسلم ليگ جي پليٽ فارم لاءِ پڻ صحيح رهنديون. ڪائونسلن ۾ هڪ جماعت سان داخل ٿيڻ لاءِ جيڪي ڪجھ مون چيو آهي اهو اسان جي قوم لاءِ پڻ هئڻ گهرجي تہ جيئن جدا اڳوائيءَ جو حق جيڪو اسان کي حاصل آهي ان مان فائدو وٺي اسان پنهنجي زندگيءَ جو ثبوت ڏيون ڇاڪاڻ تہ اسان ماڻهو جيڪو سياسي طور هوندڙ ٿي پوئتي آهيون پنهنجي بهترين ماڻهن کي ڪائونسل کان ٻاهر رکي سوپارا نتا ٿي سگهون ۽ ائين نتا ڪري سگهون تہ جيڪي ماڻهو ڪائونسلن ۾ وڃن اهو اسان جي قومي اوسر ۽ بڌيءَ لاءِ ويال جان بڻجن. عوام ۾ ۽ چونڊ تڪن ۾ پرچار بابت مون جو ڪجھ چيو آهي اهو ئي استدلال ان کان وڌيڪ سگھ سان خود اسان جي پوئتي پيل قوم لاءِ پڻ آهي.

هينئر اهو اعتراض ڪري سگهجي ٿو تہ پوءِ ڪنهن الڳ جماعت جي ڪهڙي ضرورت آهي، خاص طور اهڙي حالت ۾ جڏهن مرڪزي خلافت ڪميٽي ۽ ان جون شاخون موجود آهن ۽ ليگ جي موجوده حالت ڪمزور ٿي رهي آهي؟ پر مون کي اميد آهي تہ مان اوهان جي اُن اعتراض جو اوهان جي اطمينان پٽاندڙ جواب ڏئي سگهندس.

برادران مِلت! اوهان ڄاڻو ٿا تہ جڏهن کان مون قومي ڪم شروع ڪيو آهي تڏهن کان مان ڪانگريس جو ميمبر آهيان ۽ هندو مسلمانن جي اتحاد جو دل سان قائل آهيان ۽ ان حيثيت سان مان اهڙين فرقيوار تحريڪن جو حامي ناهيان جيڪي هندستان جي ٻن سگهارين جماعتن کي جدا ڪري ڇڏين. پر ان سان گڏ منهنجي هيءَ راءِ آهي تہ انهن ٻنهي قومن کي جدا جدا معقول توازن هجڻ گهرجي تہ جيئن اسان تي بسمارڪ جو اهو طعني ڳاڙر قول لاڳو نہ ٿئي تہ "هر ٻن قومن جي سياسي اتحاد ۾ هڪ کي گهوڙو هجڻ گهرجي ۽ ٻئي کي ان جو سُوار!" ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ مسلمان ڳاڻاٽي ۾ ٿورا آهن پر جيڪڏهن هُو عمراني ۽ سياسي حيثيت سان ۽ تعليم ۽ تمدن ۾ پاڻ کي سگهارو بڻائين تہ ساڻن اڪثريت طرفان برابريءَ جو ورتاءُ ٿيندو. ڪين هڪ باضابطہ ۽ تربيت يافتہ جميعت هجڻ گهرجي جيڪا هندن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي

بيهي سگهن تنهن ڪري ئي آءُ جيتريقدر پڏيءَ تي زور ٿو ڏيان ان ڪان وڌيڪ مان ان خيال جو پڻ آهيان تہ ڪمزور کي طاقتور ۾ متحد ٿيڻ کپي. جيڪڏهن اسين سموري صرتحال تي اڄ ڏري نظر وجهون تہ اسان کي معلوم ٿيندو تہ مسلم ليگ مسلمانن لاءِ هڪ بهترين سياسي جماعت آهي. سندس پسمنظر ۾ هڪ تاريخ ۽ شهرت آهي. ان جو هڪ مستقل نظام آهي جيڪو ٿورڙي ڪوشش سان مڪمل ٿي سگهي ٿو بشرطيڪ اهي ماڻهو اُتي پون جيڪي ان ۾ دلچسپي رکن ٿا. تي سگهي ٿو تہ ان جو نظام ايترو مڪمل نہ هجي جيترو خلافت ڪميٽيءَ جو آهي ۽ ان جو سبب گهٽو ڪري اهو هوندو تہ خلافت ڪميٽيءَ کي بهترين حالتون مليون ويون ڇاڪاڻ تہ اسان جي پياري مذهب جي نالي تہ اپيل ڪئي وڃي تہ ان سان اسان ماڻهوان اپيل جي پيٺ ۾ وڌيڪ متاثر ٿيون ٿا جيڪا قوميت جي نالي سان هجي. پر مان عرض ڪندس تہ اهوئي تہ اصل سبب آهي تہ مان چاهيان ٿو تہ مسلمان پنهنجا وسيلا ليگ جي نئين سر تعمير ۽ تنظيم تي لڳائين، تہ جيئن اسلامي صلاحيت ۽ استعداد جو معيار بلند ٿئي ۽ جيترا بہ پئسا ۽ ماڻهو اسان مهيا ڪري سگهون ٿا اهي ان جي پنيرائي ڪن. مسلم ليگ جو سڀ ڪان وڌيڪ دل خوش ڪندڙ پهلو منهنجي نظر ۾ هيءُ آهي تہ منجهس هينئر بہ گڏيل پليٽ فارم جي گنجائش آهي جنهن جي مان پرچار ڪري رهيو آهيان.

ان جي عهديدارن جي سهٽي انتظام جي ساراه ڪريو تہ ليگ جي ميمبرن ۾ هينئر بہ هندستان جا سمورا ذهين ۽ ڏاها مسلمان موجود آهن. جنهن ۾ هر نقطہ نظر ۽ خيال جي ماڻهن جي نمائندگي آهي ۽ مون کي پڪ آهي تہ لکنؤ ۾ هندو مسلمانن جو جيڪو ناه ٿيو آهي ان ڪانپوءِ اهي ضرورت ڪان وڌيڪ جوشيلا مسلمان پڻ جن ان ۾ شرڪت ڪان انڪار ڪيو هو انهن جي مدد ڪرڻ ۾ ويرم نہ وجهندا اهو صحيح آهي تہ ان هڪ سال تائين مڪمل طور تي ترڪ موالات واري لائحہ عمل جي پوري پوري تائيد ڪئي پر ان ۾ اها ڳالهہ معنيٰ خيز آهي تہ ان جي ترڪ موالات ڪندڙ ميمبرن مان ڪنهن ........ اختيار نہ ڪئي ۽ ان کي ان جي اختيار ڪيل راه تي هلڻ ڏنو. ۽ اها ڳالهہ تمام پلي ٿي. خلافت ڪميٽيءَ جو ليگ جي جاءِ وٺڻ منهنجي خيال ۾ امڪان کان ٻاهر آهي. جيئن مون پنهنجي تقرير جي شروعاتي حصي ۾ چيو آهي. خلافت ڪميٽيءَ آڏو هڪ مقرر مشن آهي ۽ هڪ' مقرر رستو تنهنڪري منهنجي راءِ ۾ اهو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي تہ ليگ کي ٿوڙي رڳو خلافت ڪميٽي قائم رکي وڃي. هينئر مان پنهنجي تقرير کي ختم ڪريان ٿو ۽ اوهان جي ان عنايت جا ٿورا ٿو مڃان جو اوهان منهنجي تقرير کي غور ۽ ڌيان سان ٻڌو.

..........جي پاليسيءَ ۽ طرز عمل تي مون جيڪا تنقيد ڪئي آهي اها ان ڪري نہ تہ مان پسند آهيان. مان مڃان ٿو تہ اسان جي ملڪ ۾ سڌاري ۽ نئين سر اڏاوت جو ڪم ڪجه ڏينهن، ڪجه مهينن تا ڪجه سالن جو ناهي، مان چاٽان ٿو تہ اهو هڪ عظيم الشان ڪم آهي جنهن ۾ مقصد حاصل ڪرڻ کان اڳ اسان کي سر

تورڙ ڪوشش ۾ ڏکين ۽ صبر آزما سرگرمين جي ضرورت آهي. پر منهنجي راءِ فقط ايتري آهي تہ هن ملڪ ۾ جنهن پاليسيءَ تي عمل ڪيو پيو وڃي ۽ جيڪي بارفتن وڏا پيا وڃن اهي رڳو ان جي غرضن لاءِ ئي هاڃيڪار ناهن پر اهو بہ آهي تہ انهن جو نفاذ رڳو ڪجه انگريز اقتدار پسندن جي حرص ۽ هبچ پوري ڪرڻ جو لحاظ رکي ڪيو پيو وڃي ۽ جيڪي فائدا انهن هندستان ۾ ويجهي اوپر مان ڪڻڻ جو پڪو ارادو ڪيو آهي، انهن مان فائدو وٺڻ جي ڪوشش جو نتيجو آهي. مثال طور دولت ۽ تيل جي هوس ۽ اها لالچ تہ مشرقي دنيا جي وسيلن ۽ خام مال کي پنهنجي فائدي لاءِ ۽ پنهنجي بادشاهت کي جٽادار بنائڻ جي غرض سان لٽيو وڃي. پر اهو زمانو ڪڏوهڪو گذري ويو جڏهن حڪومتن جي اڏاوت رڳو فوجي فتوحات سان ڪري سگهبي هئي، اهو وقت بہ تيزيءَ سان وڃي رهيو آهي جنهن ۾ ادنيٰ درجي جي حڪمت عملي ۽ اقتدار پسنديءَ جا منصوبا بادشاهت جو بنياد وجهي سگهن يا ان کي قائم رکي سگهن. اهو وقت تيزيءَ سان اچي رهيو آهي جڏهن بادشاهتون پاڻ ۾ گڏجي رهنديون ۽ قومون هڪ ٻئي سان ميلاپ ڪنديون. پر بندوق جي زور سان نہ بلڪ لفظي ۽ معنوي برابريءَ سان ۽ همدردي، ڀائپيءَ ۽ صلح سانت سان، هڪٻئي سان ايماندارانہ رواداريءَ سان. جيڪڏهن انگريز مدبر هن ڳالهہ کي محسوس نہ ڪنداتہ سندن بادشاهت يونانين ۽ رومين جي حڪومت وانگر ملياميٽ ٿي ويندي ۽ جيڪي ماڻهو ان بادشاهت کي اوپر ۽ اولهہ جي قومن جي گڏيل مرڪز بڻجڻ جون وڏيون وڏيون اميديون رکن ٿا اهي حيران ۽ مايوس رهجي ويندا ۽ جيئن ڪتاب ”ايشيا ۽ بادشاهت“ ۾ هڪ وڏي نقاد لکيو آهي تہ ”ايشيا جيڪو يونانين ۽ رومين ۽ صليبي جنگين ڪرڻ وارن کانپوءِ بہ محفوظ رهيو. هينئر مغربي حملي مان بہ بچي نڪرندو.“ ان مطابق ”هندستان جي سگهہ سان مشرق جي سگه آهي، نہ رڳو اهو پر (برطانوي) بادشاهت جي قوت آهي.“ اسان کي پنهنجي قوتن کي معقول طريقي تي مقرر ڪرڻ گهرجي ۽ اهو ياد رکڻ گهرجي تہ فقط اسان ان قسمت کي ٺاهي سگهون ٿا يا سنواري سگهون ٿا. ان سان اسان کي اوپر جي سمورين قوتن کي گڏ ڪرڻ گهرجي. خدا اسان کي سوڀارو ڪري ۽ اهڙي قوت عطا ڪري جو اسان پنهنجي ٻيڙيءَ کي طوفاني درياءَ مان سلامت اُڪاري سگهون! آمين

( هيءَ تقرير اردوءَ ۾ ڪتابڙي جي صورت ۾ ڇپيل پاڪستان نيشنل ميوزيم ڪراچي جي ٿورن سان حاصل ٿي.) (سنڌيڪار: ثناء الله سومرو)

(نوٽ: جتي عبارت ۾ خال ڇڏيا ويا آهن اتان ورق ڦاٽل هئا)

# رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ جو
# سائين جي ايم سيد ڏانهن خط

حيدرآباد، 19 - آڪٽوبر 1923ع

بخدمت جناب حضرت شاهہ صاحب، سيد ميان غلام مرتضيٰ شاه صاحب سلمہ المنان! بعد السلام عليڪم جي عرض تہ اسان جو خاص ماڻهو محمد اسماعيل اوهان ڏانهن اچي ٿو. روبرو احوال عرض رکندو اليڪشن جي ڪم بابت. جو مان اميد وار بيٺل آهيان، جنهن جي اوهان صاحبن کي خبر ڏنل آهي. سندس احوال ٻڌي، اسان جي نالي ووٽ وٺارائي ڏيندا، تہ عين احسان سمجهندس.

غلام محمد ڀرڳڙي

# رئيس جان محمد ڀرڳڙيءَ جو
# هڪ تاريخي استقباليه خطبو

(هي خطبو رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ جي پيءُ رئيس جان محمد ڀرڳڙيءَ 4 جنوري 1920ع تي حيدرآباد ۾ منعقد ٿيل تاريخي صوبائي خلافت ڪانفرنس ۾ استقباليه ڪاميٽيءَ جي صدر جي حيثيت ۾ پڙهيو.)

بسم الله الرحمان الرحيم

علماءِ ڪرام و برادران اسلام

ميمبران استقباليه ڪميٽي جي طرفان آءٌ اوهان سڀني صاحبن جي هن تواريخي شهر ۾ تشريف آوري تي دلي مرحبا ڪيان ٿو. اسان کي هرگز اها اميد نه هئي ته ڪو ايتري تنگ اطلاع تي اسان جا ايترا علماءَ سڳورا اسان جي صوبه جي شهرن ۽ ڳوٺن جا نمائنده ايتري وڏي تعداد ۾ اچي گڏ ٿيندا. مگر جا محبت اسلام جي پيروي ڪندڙ پنهنجي مذهب سان رکن ٿا تنهن جو هي جلسو هڪ صاف ۽ ڪليل ثبوت آهي. جيڪڏهن ڪو شخص اجا بهاناً چوي ته جي شرارتون خلافت اسلاميه جي برخلاف ٿيون آهن تن مسلمانن ۾ ڪابه بيچيني پيدا نه ڪئي آهي ته هي عظيم الشان ۽ بااثر جلسو اهڙي شخص جي، جو پاڻ کي ڏوڪو ڏيئي رهيو آهي، زبان بند ڪندو.

صاحبان! سال 1919ع اسان جي مذهب جي پيروي ڪندڙن لاءِ سخت کان سخت رنج ۽ انتظار جو وقت رهيو آهي. جيتوڻيڪ "صلحه" سرڪاري طور ملهايو ويو آهي ته به اسان جي دلين تي اجان ان ڪو ٿڌو ڇنڊو ڪونه وڌو آهي. جيڪڏهن ڪي شڪ شبها انهيءَ ڳالهه ۾ هئا مسلمان جناب رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جي تعليم تي وفاداري سان قائم بيٺل آهن ته مسلمان قوم جو صلح جشن کان ڪناره ڪش ڪرڻ انهن شڪن کي رفع ڪري جڏيو هوندو. اسلام تي مصيبت انهيءَ حد کي وڃي پهتي آهي جو تمام ضروري ٿي پيو آهي ته اسين پنهنجي دلي خيالن کي صاف صاف ظاهر ڪيون. متان ائين نه ڪرڻ ڪري غلط فهمي پيدا ٿي پوي.

صاحبان! اسان هندستان جي مسلمانن سرڪار جي قول تي اعتبار ڪيو ۽ اسان هن عـمگير جنگ کي مذهبي جنگ ڪري نه سمجهيو. اسان پنهنجو خزانو ۽

پنهنجو خون سلطنت برطانيہ جي مدد ۽ بچاءَ لاءِ وهايو ۽ مسلمان، مسلمانن سان خونخوار ٻکين پيئي وڙهيا. انهيءَ هوندي بہ سلطنت عثمانيہ سان عارضي صلح ڪرڻ کان پوءِ ٿورن ئي مهينن ۾ سلطنت برطانيہ جو وزير اعظم ٻڌائي ٿو تہ جنرل النبي سڀ کان شاندار صليبي جنگين مان آخرين جنگ فتح ڪئي آهي! سلطنت برطانيہ جنهن ۾ مسلمان رعايا جو تعداد بمقابلہ عيسائين جي گهٽ آهي تنهن ۾ صليبي رنگ ۽ جهلڪ جي گنجائش نہ هئڻ گهرجي. خود جنرل النبي جا اهي لفظ آهن تہ جنگ جي خاتمي ٿيڻ وقت سندس سموري فوج جا ٻہ حصہ مسلمان هئا ۽ ٽيون حصو ٻيون قومون هيون. ڇا وزير اعظم جي اها مرضي آهي تہ اهي مسلمان سپاهي جي برطانيہ جي طرفان وڙهيا ۽ اهي مسلمان جن سلطنت جي مدد ڪئي سي اهو خيال ڪن تہ هو اجان تائين هوائي ويساهن تي لڳل آهن ۽ انهن هڪ شرعاً ناجائز جنگ ۾ حصو ورتو آهي؟ سلطنت عثمانيہ سان اجان جنگ مس لڳي هئي تہ هند سرڪار اسان کي يقين ڏياريو تہ اسان جا جيڪي مقامات مقدسہ عربستان ۽ عراق عرب ۾ آهن سي انگلستان ۽ سندس اتحادين فرانس ۽ روس جي بحري ۽ بري فوجن جي حملہ ۽ ستائڻ کان محفوظ رهندا. وزير اعظم تہ ايتري قدر بہ يقين ڏياري چڪو تہ جيڪڏهن ڪا ضرورت پيئي تہ خود انگلستان مقامات مقدس تي سيني حملہ ڪندڙن جي آڏو پاڻ تي بيهندو ۽ مقامات مقدسہ جي حرمت قائم رکندو. پر صاحبان! بيت المقدس مسلمانن جي قبضہ مان نڪري ويو آهي. اسان جون پاڪ جايون عراق واريون اسلام جي پيروي ڪندڙن جي قبضي ۾ نہ آهن ۽ شريف حسين پاشا جي حرڪتن سڄي روءِ زمين ۾ جتي مسلم آباد آهن غصہ ۽ رنج جي لهر پيدا ڪري ڇڏي آهي. اسان مسلمانن مقامات مقدسہ جي معنيٰ صرف عمارتون هر گزنہ سمجهي هئي. ۽ اهڙي ناجائز معنيٰ جيڪڏهن انهن لفظن جي ورتي وئي (جيئن ونڻ ۾ شايد اچي) تہ اسان مسلمانن جي زخمن تي مرهم جي بدران موريگو نمڪ ڇڻڪيو ويندو.

سڄي اسلامي دنيا، خود شريف حسين پاشا سميت جنهن جي مدد لاءِ هت ڪن سرڪاري عملدارن تحريڪ برپا ڪئي هئي، سلطان المعظم کي خليفتہ المسلمين ڪري مڃي ٿي. ۽ اسلامي پاڪ ارض يعني جزيرة العرب (جو رسول ﷺ جو ورثو اسان سندن امتين کي آنجناب وٽان عطا ٿيل آهي (سو مقدس ملڪ خليفتہ المسلمين جي قبضي ۾ روءِ زمين جي مسلمانن جي امانت آهي ۽ اهو پاڪ جزيره اسان جي شرع شريف جي احڪامن موجب ڪامل آزاد ۽ سڄي مسلم قبضہ ۽ حڪومت هيٺ رهڻو آهي. خود اسان جي نماز جي بارگار الهيٰ ۾ قبول ٿيڻ لاءِ آزاد خليفہ جو هجڻ تمام ضروري آهي. انهيءَ مسئلہ تي اسان جي قوم جي مشهور قانوندان رائيٽ آنربل مسٽر امير علي هيٺن فرمايو آهي تہ "جيڪا طلب سلطان المعظم جي آزاديءَ لاءِ ڪئي وڃي ٿي سا سنت جماعت جي احڪامن موجب بلڪل قدرتي آهي، جو سنت جماعت جا قاعدا امام الڪبير يعني خليفہ ۽ نماز جي جائزي بابت اهڙا جاري ٿيل

آهن. شرع موجب اهو ضروري آهي تہ امام المعظم ۽ ماڻهن جي درميان هڪ روحاني ناتو هجي ۽ اُهو ناتو بيهي نٿو سگهي جيڪڏهن خليفي کي آزادي نہ آهي."

اهو تہ ٿيو موجوده حالت جو مذهبي پهلو ۽ انهيءَ کي ڪنهن بہ صورت ۾ نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. پر خود اتحادين جي اصولن موجب بہ جيڪي اسان جو چوڻ آهي سو بلڪل پورو ۽ انصاف تي مبني آهي. سلطنت عثمانيہ جي سيني صوبن ۾ مسلمانن جو تعداد ٻين قومن کان وڌيڪ آهي. تنهن ڪري ارمني, يهودي ۽ يونانين جهڙين قليل تعداد قومن کي انصاف روءِ مسلمانن تي حڪومت هلائڻ جون واڳون ڏئي نٿيون سگهجن. ۽ وري جيڪڏهن اتحادين جو اصول تہ "ملڪي ماڻهون پنهنجي لاءِ پاڻ حڪومت جو فيصلو ڪن" لڳايو وڃي تہ "سنيالينڊز" مقرر ڪرڻ جي تجويز بلڪل بي معنيٰ ٿيو ٿي پوي.

يونانين جو سمرنا جي-شهر تي زبردستي سان قبضو ڪرڻ ۽ جي زبان تي نہ آڻڻ جهڙا مظالم مسلمانن تي انهن ڪيا آهن ۽ جن جو فقط پڙلاءُ ٻاهرين دنيا جي ڪنن تائين اچان مس پهتو آهي سو تہ "ملڪي ماڻهن پنهنجي لاءِ حڪومت جو پاڻ فيصلو ڪرڻ واري اصول ۾ اسان جي اعتقاد کي لوڙهي ڇڏيو آهي. "دارالخلافت اسلام بول(اظهار) جي آزادي لاءِ ۽ انهي ملڪ, جنهن کي ترڪن واري ترڪي چوڻ ۾ اچي ٿو, تنهن جي آزادي لاءِ وزير اعظم مسٹر لايڊ جارج پاڻ خود پنهنجي واتان, نہ رڳو پنهنجي طرفان بلڪ انگريز قوم ۽ گورنمينٽ جي طرفان اسلامي دنيا کي يقين ڏياريو ۽ قول ڪرڻ جي معنيٰ آهي پنهنجي عزت ٻين وٽ گروي رکڻ. اسان جي مقامات مقدسہ جو محافظ دنيوي اصطلاح موجب خاص خليفتہ المسلمين ئي آهي, ۽ مسلمان شرع شريف موجب ڪوبہ فيصلو قبول ڪري نٿا سگهن جنهن موجب امير المومنين جو قبضہ مقامات مقدسہ ۽ اسلامي ارض پاڪ تان لهي وڃي يا انهن جي اقتدار کي گهٽائي هڪ معمولي سردار جيترو ڪيو وڃي. نائب رسول ﷺ جنهن کي ڪنهن بہ طاقت جي زير عمل يا زير تعليم آڻڻ اسان جي مذهب ۾ صريحاً دست اندازي ڪرڻ کانسواءِ ٻيو ڪوبہ نتيجو نہ رکندو. ازانسواءِ اها اسان جي ايمانداري جي راءِ آهي تہ گذريل ڇئن سالن ۾ ترڪن غير قومن تي حڪومت ڪرڻ جي ڪابہ ناقابليت نہ ڏيکاري آهي .

هاڻي جنهن صورت ۾ آمريڪا پري تي بيٺو آهي, تنهن صورت ۾ سلطنت عثمانيہ سان انصافانہ صلح ڪرڻ جو بار, جيڪڏهن سمورو نہ تہ بہ اُن جو تمام وڏو حصو انگلستان جي ڪلهن تي آهي. ۽ جيڪڏهن انگلستان جي مرضي آهي تہ سڀ کان گهڻن مسلمانن تي راڄ ڪندڙ حڪومت وارو نالو فخر سان ماڻي, تہ هن کي پنهنجي مشهور مدبر ڊسرائلي جي "مشرقي پاليسي" تي وري پاڻ کي هلائڻ گهرجيس, ڇو تہ هن صاحب جي نظر ۾ انگلستان جي دوستي سلطان المعظم سان بنسبت زار بادشاهہ روس جي, وڌيڪ مفيد هئي ڇاڪاڻ تہ سلطان المعظم سان اتحاد هئڻ ڪري هڪ تہ انگريزي مسلم رعايا کي گهڻي خوشي تي ٿئي ۽ ٻيو تہ سلطان المعظم جون خواهشون

۽ اميدون انگلستان جي مخالف نہ آهن. گذريل وقت ۾ سلطان المعظم خليفتہ المسلمين سلطنت برطانيہ کي تمام وڏيون مددون ڏنيون آهن ۽ آئينده آزاد برطانيہ لاءِ پشت پناه وانگر مفيد ٿيندو.

صاحبان ـ ڪيتري بہ منهنجي اها آرزو هجي تہ سال 1919ع کي پنهنجي خيالن مان ڪڍي ڇڏيان تہ بہ انهن حقير شرارتن بابت ڪجھ لفظن چوڻ ڏاران رهي نٿو سگهان جي ڪن سرڪاري ڪامورن هن مسئلہ ۾ ڪيون آهن ۽ جن تي غور ڪرڻ لاءِ هن ڪانفرنس جو خاص طور تي اجلاس ٿيو آهي. ڇهن مهينن کان بہ مٿي اسان جي صوبي سخت کان سخت بيچينيءَ جو وقت ڪاٽيو آهي. هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ تائين انهن سرڪاري ڪامورن ۽ سندن اوزارن جي شرارتن جون ڳالهيون باھ جي شعلن وانگر پکڙنديون رهيون. تان جو ساري سنڌ ۾ سنڌ جي حڪومت کان ڪنهن بہ پناھ ملڻ جي نراسائي ٿيڻ ڪري سنڌ هزايڪسيلنسي سر جارج لايڊ ڏي اکيون کڻڻ لڳي. اهل سنڌ برابر حليم طبيعت جا آهن. انهن کي اڄ ڪلھ زماني واري هلچل ڪرڻ نٿي اچي ۽ هو ڪابہ بلڪ هر هڪ ڳالھ تمام عجيب صبر سان برداشت ڪندا آهن. پر جڏهن انهن کان انهن جو مذهب ڦرڻ ۽ انهن کي ڪافر ڪرڻ جي ظالمانہ ڪوشش ڪئي وڃي تہ پوءِ اهڙن ساده طبيعت ماڻهن کي معاف ڪجي، جيڪڏهن هو اِنصاف لاءِ سرڪار کي التجائون ڪن. جنهن جي نوڪرن انهن نابرداشت شرارتن ۾ حصو ورتو آهي. جيڪڏهن بمبئي سرڪار سنڌ کي ايتري قدر ڏيان تان لاهي نہ ڇڏي ها ۽ جيڪڏهن اسين بہ بمبئي کاتي سان گڏ ان جي ٻين ڪمشنرين وانگر هجون ها تہ اسان اڄ هت جمع ٿي انهيءَ بيمثل شرارت تي جا ڪن سرڪاري ڪامورن جٿہ بندي ڪري اسان جي ڪن علمائن، پيرن ۽ زميندارن کي خوف زده ڪرڻ جي ڪئي آهي. واويلا ڪرڻ جي ضرورت محسوس نہ ٿئي ها. بارٻار کي خبر آهي تہ ڇا ٿيو آهي ۽ انهيءَ کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. انهيءَ تحريڪ کي جاري رکڻ ۾ سرڪار جو نالو تمام اصراف سان ڪم ۾ آندو ويو ائين ظاهر ڪيو ويو.تہ هيءَ سرڪاري تحريڪ آهي، ۽ جيئن جناب حضرت پير امام الدين،شاھ صاحب فرمايو هو نوش ونيش تمام طرح سان استعمال ڪيا ويا. هر هڪ خوف زده ٿي ويو ۽ سزا جي خوف کان جا ڪنهن بہ ڏوھ تي جيل سمجھو ٿي ويو سيڪو پنهنجي زبان بند ڪري ويٺو.

سنڌ جي ڏيهي اخبارن وسط جون کان وٺي لڳا تار عملدارن جو ڏيان هن نا زيبا مڪروه حالتن ڏي ڇڪايو ۽ ڪمشنر کي اپيل ڪئي تہ خلافت جي مسئلي ۾ جا سرڪار جي پاليسي آهي تنهن جو اعلان ماڻهن ۾ ڪري تہ هو خواه مخواھ نہ ڊڄن ۽ هن شرارت کي بند ڪرائي. انهن اپيلن ۽ التجائن جو جيڪو نتيجو نڪتو تنهن جي توهان کي پوري خبر آهي ۽ انهن کي آءُ کولڻ نٿو گهران. صوبہ سنڌ جي حڪومت جي سرڪرده تي ڪو اثر ڪونہ ٿيو ۽ رنجيده دل ماڻهن جي احساسات جو ذرو بہ خيال نہ

ڪيو ويو. تنهنڪري جيڪو اشارو هز ايڪسيلنسي سر جارج لايڊ ٿورا ڏينهن ٿيندا تہ پنهنجي ڪائونسل واري تقرير ۾ هن تحريڪ ڏي ڪيو تنهن کي اسان مان هر هڪ خوشيءَ سان ٻڌو.

پر هز ايڪسيلنسي کي انهيءَ ٿيل ظلم جو جو ڪنهن بہ بهاني کان سواءِ سنڌ جي مسلمانن سان ڪيو ويو آهي تنهن جو صحيح اندازو معلوم ٿيل نٿو ڏسجي ۽ جي خطره وڏيڪ ظلم جا انهن کي آهن تن جي پوري خبر جناب گورنر صاحب بهادر کي رسيل نٿي معلوم ٿئي. سنڌ جي ماڻهن جو اهو خيال آهي تہ جيڪڏهن اهڙي سخت ناجائز روش بہ سزا جي مستحق نٿي تہ پوءِ اسان جا علماءَ خصوصاً اُهي جن خلافت جي برخلاف واري تحريڪ کان پاڻ ڪيڏائي ورتو آهي سي ۽ خلافت اسلاميہ ۾ اعتقاد رکندڙ مومن ظلم کان هرگز بچي ڪين سگهندا. ۽ اهڙو سخت گمان آهي تہ اُهو ظلم بہ وري اهڙي هوشياريءَ جو ۽ حرفت جو نمونو وٺندو جو خود هز ايڪسيلنسي جي گورنمينٽ لاءِ دست اندازي ڪرڻ حڪومتي ويچارن ۽ قاعدن جي ڪري ناممڪن ٿي پوندو. مولوي صاحبن ۽ ماڻهن تي ظلم ۽ تڪليف هلي ايندي وگوتنبيہ ڏنل هجي يا نہ ڏنل هجي ۽ ماڻهن ۾ بيچيني، آهہ و فرياد روز بروز انداز ۽ مقدار ۾ وڌندي ويندي، هز ايڪسيلنسي ائين ٿو خيال فرمائي تہ سرڪاري عملدار خلافت جي برخلاف واري تحريڪ ۾ فقط شامل ٿيا آهن پر سنڌ جي مسلمانن جي دلين تي بلڪل ذره جو بہ شبهو نہ آهي تہ درحقيقت هڪ عملدار جي مغز جي زرخيزي هي تحريڪ وجود ۾ آندي آهي. ۽ اُن جو باني مباني بہ خود اهو سرڪاري عملدار آهي. صوبہ سنڌ ائين ٿو ڀانئين تہ هن سان ڪنهن بہ قسم جو انصاف ڪونہ ٿيو آهي ۽ مسلمانن جو اهو خيال آهي تہ تنبيہ ڪرڻ جو فقط اهو نتيجو نڪرندو جو تعلق رکندڙ جٿا بند عملدار خار سببان وڌيڪ. مگر در پرده ظلم ڪندا جنهن لاءِ ڪوبہ علاج ميسر نہ ٿيندو. جيڪا رٿ آنربل سردار غلام جيلاني هن ذليل تحريڪ جي جاچ ۽ ظلم جو ماڻهن سان ٿيو آهي تنهن جي لاءِ تحقيقاتي ڪميشن مقرر ڪرڻ واسطي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ آڻڻ گهري ٿي تنهن کي رد ڪرڻ ڪري گورنمينٽ پاڻ تي اهو اخلاقي فرض ڪنيو آهي تہ هو انهن عملدارن کي جن سيني اصولن کي خاڪ ۾ ملائي بلڪل بي قانوني طريقہ سان هلت ڪئي آهي تنهن کي سخت سزا ڏئي. خان بهادر نبي بخش جي خطن جا جيڪي جنسي عڪسي نـل الحق ۽ سنڌ مسلم اخبارن ۾ شايع ٿـا آهن سي انهيءَ شرارت کي صاف ظاهر ڪن ٿا جي هن ۽ هن جي ڀاءُ مسٽر عبدالقادر لاڙڪاڻي ضلع جي دفتردار پنهنجن ايجنٽن جي مدد سان اسان جي صوبہ ۾ ڪئي آهي. جيڪڏهن اِهي خط ايڊيٽر اخبار الحق ۽ سنڌ مسلم جي، جنهن جيڪا خدمت قوم جي ڪئي آهي جنهن لاءِ مسلمان هن جا مشڪور آهن، يعني مسٽر عبدالعزيز جي قبضي ۾ نہ اچن ها تہ جيڪر ڪوبہ سرڪاري عملدارن جي زبردستيءَ تي ۽ انهن جيڪو حصو هن تحريڪ ۾ ورتو آهي تنهن تي آه و فغان ڪري ها تہ انهيءَ جي برخلاف تمام زور شور

سان ائين چيو وڃي ها تہ هو ڪوڙو آهي، ملڪ ۾ شور و غل وڌائيندڙ آهي ۽ سرڪار جو دشمن آهي.. خان بهادر نبي بخش جنهن هي تحريڪ مسلم قوم تي هچا ڪري مڙهي آهي تنهن پنهنجي عملداري منصب ۽ اختيارات جي ذريعي ايترو وڏو تصور ڊپ ۽ ڊاءُ ماڻهن جي دلين تي ويهاري ڇڏيو آهي جو ڪنهن بہ پيچ بازي لاءِ سرڪاري ڪامورن، زميندارن ۽ مهربانين جي طالبن مان آساني سان ڪي سولا آلات مهيا ڪري سگهي ٿو. اهڙي آب وهوا ۾ ڪوبہ مسلمان بي ڊپو مذهبي آزادي ماڻي نٿو سگهي، جو هر ڪنهن جو جنمي حق آهي. جيتري قدر اسان جو تعلق آهي، اسين صاف صاف ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ گهرون ٿا تہ جيستائين سرڪار پنهنجي انهن عملدارن کي، جن اسان جي مذهب جي بي حرمتي ڪئي آهي، سزا ڏيئي سنڌ سان پورو پورو انصاف نہ ڪندي ۽ جيستائين سرڪار انهن روپين جو پائي پائي جو حساب حڪماً شايع نہ ڪرائيندي ,جي هن تحريڪ لاءِ انهن مسلمانن کان ورتا ويا آهن، جي ڪفر جي عظيم گناهہ جي معافي ملڻ لاءِ عالي دربار ۾ رجوع آهن تيستائين مسلمانن جون دليون خوش نہ هونديون ۽ نہ هو راضي رهندا، بلڪ ائين خيال ڪندا تہ پنهنجي رعيت جي آزادي محفوظ رکڻ لاءِ سرڪار ڪي بہ نہ ڪيو آهي. انهن سرڪاري نوڪرن پنهنجي عملداري منصب ۽ اثر جو ناجائز فائدو ورتو آهي ۽ مسلمان ائين خيال ٿا ڪن تہ انهن خود سرڪار جو نالو بيعزت ڪيو آهي. ڇا سرڪار ائين روا رکندي تہ مسٽر نبي بخش ۽ سندس پاءُ دفتردار ماڻهن واسطي ۽ انهن جي آزادي ۽ صوبہ جي امن واسطي هميشہ لاءِ خطرو ٿي رهن؟ ڇا سرڪار ماڻهن جا عظيم الشان ۽ ضروري حق جي خدا تعاليٰ حفاظت لاءِ سرڪار کي سونپيا آهن، عملدارن جي دبدبہ بچائڻ خاطر انهن تان نثار ڪري ڇڏيندي؟ جيڪڏهن ائين هنندي تہ جيڪي يقين اسان کي سرڪار اسان جي مذهبي سوال ۾ دست اندازي نہ ڪرڻ جا ڏنا آهن سي مرده صفات الفاظ ٿي پوندا ۽ جيڪي مسٽر ائسڪئٿ وزير اعظم فرمايو هو سو بي معنيٰ ٿي پوندو.

صاحبان! جيڪي طلبون توهان صاحبن جون هن ظلم تي انصاف گهرڻ جون ٿينديون تن بابت آءٌ اڳڪٿي ڪري نٿو سگهان. اُهي توهين سڀ صاحب پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري ٺاهيندا. تنهنڪري آءٌ فقط ايترو چوندس تہ مون کي بلڪل قوي اُميد آهي تہ هز ايڪسيلنسي گورنر صاحب بهادر بہ سنڌ جي مسلمانن جي اوناڻ ۽ التجائن کي هڪ "ڪوڙي هل چل" ڪري نہ سمجهندا جهڙي طرح ڪراچيءَ جي اينگلو انڊين روزانہ اخبار ( جنهن جي شرڪت مسئلہ خلافت جي بحث مباحثہ ۾ اسان کي بخوبي معلوم آهي) چيو آهي. جيڪو رنج ۽ صدمو مسلمانن کي رسيو آهي سو صاف ڏسجي پيو. فقط اهي ماڻهو جي اهو نٿا چاهين تہ غريب امن پسند ماڻهن سان ڪو انصاف ٿئي سي ڏسي نٿا سگهن ۽ اُهي ڪڏهن بہ ڏسي نہ سگهندا.

صاحبان! سال 1919ع پنهنجي زندگاني جو دور ختم ڪري چڪو آهي. اسان سڀني کي بارگاهہ باري تعاليٰ ۾ عرض ڪرڻ گهرجي تہ پروردگار نئين سال جي

شروعات سان اسان جي گورنمينٽ کي بہ نئين پاليسي تي آڻي بيهاري، جا پاليسي سندس پراڻن ۽ وفاداري جي امتحان ۾ پاس ٿيلن رفيقن، مسلمانن جي مذهبي اصولن ۽ احساسات جي مطابق هجي. آمين.

علماءِ ڪرام و برادران اسلام- استقباليہ ڪميٽي جا ميمبر انهيءَ تڪليف ڪي جا اوهان صاحبن کي ايتري سفر ڪرڻ ڪري ٿي آهي تمام چڱي طرح محسوس ڪري رهيا آهن ۽ جي خاميون توهان صاحبن جي رهائش جي انتظام ۾ رهجي ويون آهن تن لاءِ اسين سڀ ميمبر توهان کان معافي جا خواستگار آهيون. وقت جي تنگي ڪري جيتري قدر اسان جي خواهش هئي ۽ جو ضروري بندوبست بہ هو اوترو ڪري نہ سگهيا آهيون. اُميد آهي تہ اوهين اسان کي معاف ڪندا ۽ انهيءَ تڪليف جو اجر خداوند تعاليٰ توهان کي ڏيندو- آمين.

## اسان وٽ موجود ڪتاب

(1) سنڌ جي بمبئي کان علحدگيءَ جا دستاويز. محمد ايوب کهڙو =/ 80 رپيا
(2) سنڌ: ماضي، حال ۽ مستقبل- ڊاڪٽر حميده کهڙو =/250 رپيا
(3) دنيا جا عظيم فلسفي- منصور قادر جوڻيجو =/150 رپيا
(4) امام شاهہ ولي الله جو فلسفو- مولانا عبيدالله سنڌي=/100 رپيا
(5) رئيس غلام محمد ڀرڳڙي شخصيت ۽ جدوجهد- منصور قادر جوڻيجو =/100


وي پي ذريعي گهرائڻ لاءِ لکو:
ساگر پبلشنگ هائوس
سي- 20/4 نيشنل آٽو پلازا مارسٽن روڊ ڪراچي
فون 2317787 _ 0346



سنڌي ٻوليءَ ۾ منصور قادر جوڻيجي جي علمي ۽ ادبي خدمتن ۽ قلمي پورهئي جي هڪ منفرد حيثيت ۽ اهميت آهي. هو هڪ ئي وقت سياست، ادب ۽ تاريخ جي مورچن تان سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ جي دفاع خاطر قلمي ويڙهه جو اڻموٽ سپاهي آهي. سندس هيءَ ڪتاب جيڪو سنڌ جي انمول هيري رئيس غلام محمد ڀرڳڙيءَ بابت تعارفي تحريرن ۽ ان جي تحريرن ۽ تقريرن جو سهيڙيل مجموعو آهي، سچ پچ ته سنڌ جي سياسي تاريخ جو اهم ماخذ آهي. اميد ته سندس گذريل ڪتابن وانگر هيءَ ڪتاب پڻ ڀرپور مڃتا ماڻيندو.

**ثناءُالله سومرو**

**ڪراچي**


سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي

ڪراچي

Design: Intel Communications, Hyd.